
گهاگهر منجھ ساگر
گهاگهر منجھ ساگر
انجنيئر عبدالوهاب سهتو
ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي
57
انجنيئر عبدالوهاب سهتو

# ڳاڳهر منجهہ ساگر

(هندڪو ٻوليءَ جا پهاڪا ۽ چوڻيون)

انجنيئر عبدالوهاب سهتو

ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي
قنبر - ٢٠١٨ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي (رجسٽرڊ) قنبر جو ڪتاب نمبر** (٥٧)

© ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي (رجسٽرڊ) قنبر ٢٠١٨ع

ڪتاب: **گھاگھر منجھہ ساگر**
**(هندڪو ٻوليءَ جا پهاڪا ۽ چوڻيون)**
تاليف و تصنيف: **انجنيئر عبدالوهاب سھتو**
پهريون ڇاپو: **جنوري** ٢٠١٨ع
ڇپائيندڙ: **ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر**

**قيمت: ١٥٠ رپيا**

"Proverbs & Sayings of Hindko Language"

By: Engr. Abdul Wahab Sahito

1st Edition: January 2018 A.D

Published by: Dr. Muhabbat Academy®, Kambar

E-mail: drmuhabbatacademy@gmail.com

riazatburiro@yahoo.com

**هيءُ ڪتاب ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر جي چيئرمين پائو درمحمد ٻرڙي، سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد مان ڇپائي، ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر پاران پڌرو ڪيو.**

# سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”ڳاڳر منجهہ ساگر“** اوهان اڳيان پيش آهي. هندڪو ٻوليءَ جي پهاڪن ۽ چوڻين جي سهيڙ ۽ ترجمي تي مشتمل هن ڪتاب جو ليکڪ ناميارو ليکڪ، محقق ۽ ڪهاڻيڪار انجنيئر عبد الوهاب سهتو آهي.

موجوده وقت ۾، پهاڪن ۽ چوڻين جي سڃاڻ ۽ واڪاڻ عبدالوهاب سهتو ٻڌيو آهي، تہ عبدالوهاب سهتي جِي سڃاڻ ۽ واڪاڻ وري پهاڪا ۽ چوڻيون ٻڌيا آهن، جن کي هُو پنهنجي خاص رنگ ۽ ڍنگ ۾ سهيڙيندو ۽ آڇيندو پيو وڃي. اسان لاءِ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ هندڪو ٻوليءَ جي پهاڪن ۽ چوڻين جو پهريون ڪتاب پيش ٿي رهيو آهي. هيءُ ڪتاب ”ڳاڳر منجهہ ساگر“؛ معروف هندڪو شاعر، ليکڪ ۽ ٻوليءَ جي ماهر سلطان سُڪون جي جوڙيل ڪتاب ”کوزے بِچ دریا“ تان ورتل/ماخوذ آهي.

هي ڪتاب ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر پاران 2018ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري رياضت ٻرڙي جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪليو.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿاهہ وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# انتساب

سلطان سڪون صاحب جي لکيل ڪتاب ”ڪوزے ﺑﭻ دريا“ بابت، مون کي آگاهي ڏيڻ يا ان جي فوٽو ڪاپي هٿ ڪري ڏيڻ ۾، ضلع جهنگ سان واسطو رکندڙ، رچناوي ٻولي جي ليکڪ، محترم مهر افتخار وينس جو هٿ آهي. ان صاحب کي اتان جي علائقائي ٻولين بابت کوجنا ڪرڻ يا پنهنجي شاهپوري/رچناويءَ اندر لغتن تيار ڪرڻ جو شوق آهي. ساڻس سليڪ عليڪ فون ذريعي ئي رهي آهي يا خط و ڪتابت ذريعي. ڪيس ڪتان راقم جو سيل نمبر هٿ چڙهي ويو. ڳالهين ئي ڳالهين ۾ ڪيترن ئي ڪتابن ۽ موضوعن بابت ذڪر ٿيو ۽ تبادلو پڻ ٿيو. ڪيس ”**رچناوي-سنڌي سانجھ لغت**“ تيار ڪرڻ جو شوق ۽ اونو آهي. ان لاءِ مواد ڪٺو ڪرڻ خاطر سنڌ اندر ڪيترن ئي اديبن سان فونن ذريعي رابطا ڪندو رهيو آهي. ساڻس روبرو جي ملاقات ناهي. جڏهن ته پنجاب اندر، پنجابي ۽ سرائڪي کان علاوه ننڍين ننڍين لهجن اندر جوڙيل پهاڪن جي ڪتابن بابت ٻه گهٽي ٽڪي ڄاڻ وٽانئس ملي.

مان پنهنجي هيءَ ننڍڙي محنت ۽ ڪاوش ڏانهنس منسوب ڪيان ٿو. ڇو جو اگر اهو پاڻ رابطا نه ڪري ها ته هوند نه ڳالهه ٻول رهي ها، نه ئي هندڪو جي پهاڪن جي ڪتاب جوڙڻ ڏانهن ڌيان وڃي ها.

- انجنيئر عبدالوهاب سهتو

# فهرست


پيش لفظ ................................... رياضت ٻرڙو ٥

سادا اکر .................. انجنيئر عبدالوهاب سھتو ١٠

پنھنجي ڳالھ ............................ سلطان سکون ١٤

متن ...................................................................... ١٦

ڏسٽي ..................................................................... ١٢٠

# پيش لفظ

عام طرح هڪ سِڪي جا ٻہ پاسا، هڪ آئيني جا ٻہ رُخ، هڪ رَسي جا ٻہ سِرا، پر وجود هڪ ئي. ساڳيءَ ريت، ڏِسجي ٿو تہ، سنڌي ٻوليءَ جي لوڪ ڏاهپ ۾ ٻہ ٻہ رخ جُڙي پيا آهن، جن مان هڪ رُخ آهي پهاڪا، چوڻيون ۽ ورجيسون ۽ ٻيو رخ آهي انجنيئر عبدالوهاب سهتو. اهي ٻئي رخ ٻہ هڪَ ٻئي سان ايئن جَڙجي ويا آهن جو ٻنهي کي هڪُ ٻئي کان الڳ ڪرڻ ناممڪن ٿي پيو آهي! سندن اها نينهن جِي ’ڳَنڍَ ٿوپ‘ شالَ سدا جُڙي رهي، چاڪاڻ تہ، پڌري پَٽ پيو آهي، تہ موجوده وقت ۾، پهاڪن ۽ چوڻين جي سجاڻ ۽ واڪاڻ عبدالوهاب سهتو ٻڻيو آهي، تہ عبدالوهاب سهتي جِي سجاڻ ۽ واڪاڻ وري پهاڪا ۽ چوڻيون ٻڻيا آهن، جن کي هُو پنهنجي خاص رنگ ۽ ڍنگ ۾ سهيڙيندو ۽ آڇيندو پيو وڃي.

عبدالوهاب سهتي جا، سنڌي پهاڪن، چوڻين ۽ ورجيسن تي مشتمل ١١-ڪتاب ۽ پهاڪن ۽ چوڻين بابت مضمونن ۽ مقالن جي سهيڙ تي مشتمل ٢-ڪتاب ڇپجي، مجتا ۽ مقبوليت ماڻي چڪا آهن، جڏهن تہ **پهاڪن ۽ چوڻين جي لغت** تي سندس انتهائي اهم ڪم آخري مرحلن ۾ آهي. هاڻ هُن هڪ وِک ٻِي ٻہ کنئي آهي، جيڪا پڻ بيحد وڻندڙ آهي، جنهن ۾ هن هندڪو ٻوليءَ جي پهاڪن ۽ چوڻين کي سنڌي ٻوليءَ ۾ پيش ڪيو آهي.

هندڪو: لهندا ٻولي جي ڪٽنب مان آهي جيڪا خيبرپختونخوا، پنجاب ۽ آزاد ڪشمير جي مختلف علائقن ۾ ڳالهائي ۽ فارسي-عربي (Perso-Arabic) الف-ب جي شاھ مُکِي (Shahmukhi) رسم الخط ۾ لکي وڃي ٿي.

ڪنهن بہ ٻِي ٻوليءَ جي لوڪ ادب ۽ عوام ۾ ڳالهائجندڙ پهاڪن ۽ چوڻين جو مطالعو ڪرڻ، جڻ ان ٻوليءَ جي سماج، ثقافت ۽ ٻوليءَ

جي مزاج (behaivour) ۽ ماڻهن جي روين (attitudes) جو مطالعو بڻجي پوي ٿو. انهن پهاڪن ۽ چوڻين ۾ خاص ڪري غريب ۽ سادن سودن ماڻهن ۽ عورتن ڏانهن ٺوڪ ۽ چٽر وارن روين ۽ ڪين گهٽِ سمجهڻ جي عام سوچ جي عڪاسيءَ به پڌري ٿي پوي ٿي. ان ريت جڏهن ٻيءَ ٻوليءَ جي پهاڪن ۽ چوڻين کي پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ پيش ڪجي ٿو، ته مٿئين مقصد سميت ان سماج، ثقافت ۽ ٻوليءَ ۾ سمايل ڏاهپ جو جڻ ته پنهنجي سماج، ثقافت ۽ ٻوليءَ ۾ سمايل ڏاهپ سان تقابلي مطالعو به ڪري سگهجي ٿو، جنهن سان ٻنهي سماجن، ثقافتن ۽ ٻولين ۾ سمايل مزاجن ۽ ماڻهن جي روين کي به سمجهڻ شروع ڪجي ٿو. ان ريت، ماڻهو هڪ ئي وقت تاريخ (History)، علم الانسان (Anthropology)، علم اللسان/ٻوليءَ جي علم (Linguistics)، ۽ سماجي اڀياس (Sociology) جي شعبن سان سلهاڙجي ٿو.

اِن مختصر پس منظر ۾، اسان لاءِ خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ هندڪو ٻوليءَ جي پهاڪن ۽ چوڻين جو پهريون ڪتاب پيش ٿي رهيو آهي. هيءُ ڪتاب "گهاگهر منجهه ساگر": معروف هندڪو شاعر، ليکڪ ۽ ٻوليءَ جي ماهر سلطان سُڪون جي جوڙيل ڪتاب "کوزے وچ دریا" تان ورتل/ماخوذ آهي.

سلطان محمد سڪون ٢٣-نومبر ١٩٣٨ع تي، ايبٽ آباد ضلعي ۾ پيدا ٿيو. هن تعليم ڪاتي ۾ ٽن ڏهاڪن تائين نوڪري ڪندي، ١٩٩٣ع ۾، اڪائونٽ آفيسر طور رٽائر ڪيو.

سلطان سڪون جا هي ڪتاب ڇپيل آهن: "بجھ میری بجھارت" (١٩٨٧ع، هندڪو ڳجهارتون، انعام يافته)، "کاري دل گل" (١٩٩٦ع، لوڪ ڪهاڻيون)، "چنّو چودھویں رات" (هندڪو ڪهاڻيون)، "ھندکو ضرب الامثال" (١٩٩٩ع، هندڪو چوڻيون ۽ محاورا، انعام يافته)، "کوئی خواب ھے نہ خیال ھے" (٢٠٠١ع، اردو شعري مجموعو، گولڊ ميڊل ماڻيل)، "تارالوئی والا" (٢٠٠٢ع، هندڪو ماهيا، گولڊ ميڊل ماڻيل)، "ھندکواردولغت" (٢٠٠٢ع، گولڊ ميڊل ماڻيل)، "سوچ رُت" (٧٢ شاعرن جا چونڊ غزل)، "دِلسوتھے"

(هندڪو شاعري) ۾ ” ”ڪوزے ﭻ دريا“ (٢٠٠٩ع)، هندڪو چوٽيون ۽ محاورا، گولڊ ميڊل ماٽيل) شامل آهن. سنڌس علمي ۽ ادبي خدمتن جي مڃتا طور، حڪومت پاڪستان پاران، ١۴-آگسٽ ٢٠١۴ع تي، حُسن ڪارڪردگي جو صدارتي تمغو ڏنو ويو.

سلطان سڪون جي ڪتاب ”ڪوزے ﭻ دريا“ ۾، ۵٨٢-عدد پهاڪا، چوٽيون ۽ محاورا داخل آهن جن ۾ گهٽائي محاورن جي آهي، جڏهن تہ ڪي ورجيسون ۽ گفتا پڻ شامل آهن. انهن سڀني جو مختصر ترجمو ۽ تشريح اردو ٻوليءَ ۾ ڏنل آهي. جهڙوڪ:

شير، اپني ماری دی کھاندے۔ (کہاوت)

ترجمہ و تشریح: شیر اپنا شکار کیا ھوا کھاتا ھے۔ يعني ايک بهادر آدمی خود کما کر کھاتا ھے کسی دوسرے کے رحم و کرم پر نھیں رھتا۔ (کوزے ﭻ دریا، ص: ۷۳)

” ڪوزے ﭻ دريا“ جي آخري ٻن ننڍن ”پاڳن“ مان، پهرئين ۾ ٢٦-دعائي جملا ۽ ٻئي ۾ ٩-بددعائون بہ شامل آهن.

ان ڪتاب جي ڀيٽ ۾، سهتي صاحبَ هي ڪتاب ”**گهاگهر منجهہ ساگر**“ جوڙڻ ۾، ڄاڻايل ۵٨٢-عدد پهاڪن ۽ محاورن منجهان صِرف ١۴۵-عدد پهاڪن ۽ چوٽين جون داخلائون ڪنيون آهن ۽ محاورن جي وڏي تعداد، گفتن، دعائي جملن ۽ بددعائن کي ڇڏي ڏنو آهي. هُن ڪجهہ محاورن کي پڻ پهاڪن ۽ چوٽين طور داخل ڪيو آهي، ڇاڪاڻ تہ اهي سنڌس نُڪتي نظر موجب پهاڪا/چوٽيون آهن. ٻيو ڪم سهتي صاحب اهو ڪيو آهي، تہ سلطان سڪون پاران، چوٽين جو ڏنل مختصر ”ترجمو ۽ تشريح“ ڏيڻ بدران، پنهنجي جوڙيل ”سمجهاڻي“ پيش ڪئي آهي، جنهن ۾ ڪي انوکا مثال، ڪهاڻيون ۽ وضاحتون پڻ ڏنل آهن. هن ڪتاب جي هڪ اضافي خوبي هيءَ پڻ آهي، تہ هر پهاڪي/چوٽيءَ ۾ شامل ڏکين هندڪو لفظن جون معنائون سنڌيءَ ۾ ڏنيون آهن. ڪيترن هنڌن تي جاڙن لفظن جون گڏ معنائون ڏنل آهن، جيڪي هر لفظ جون ڌار ڏيڻ گهرجن ها. بهرحال، مون کي هڪ خيال هيءُ بہ آيو آهي، تہ ”**هندڪو-سنڌي لغت**“ جوڙڻ لاءِ پيش رفت ڪري

سگھجي ٿي. ان کان سواءِ سھتي صاحب جي ڏنل سمجھاڻيءَ کان پوءِ ’**مطلب**‘ جي سِري ھيٺ، سڀ کان اڳ ھندکو چوڻيءَ جو نھڪندڙ ترجمو ڏنو ويو آھي، جنھن کان پوءِ گھرج آھر مختصر ۽ آسان جملن ۾ پھاڪي/چوڻيءَ جي ’سبق‘ ۽ ’ساجاھہ‘ کي ٻڌايو ويو آھي. ’مطلب‘ منجھہ ئي، ھندکو چوڻيءَ سان ملندڙ جلندڙ سنڌي چوڻيءَ کي پڻ درج ڪيو ويو آھي، جڏھن تہ ڪي ساڳين مفھومن واريون ھندي، ھندڪو، سرائڪي ۽ فارسي چوڻيون بہ ڏنيون ويون آھن. ان جي ڪٿ سچي ڪتاب منجھان آسانيءَ سان ڪري سگھجي ٿي. ان کان سواءِ سمورن ۱۴۵-پھاڪن/چوڻين جي ’**ڏسٽي**‘ پڻ، ھِن ڪتاب جي پڇاڙيءَ تي ڏني وئي آھي، تہ جيئن ڪنھن بہ گھربل پھاڪي/چوڻيءَ کي بنا دير ڳولي سگھجي. جيئن تہ، مٿي ”کوزے بچ دریا“ منجھان ھڪ مثال پيش ڪيو ويو آھي، ان ڪري ”**گھاگھر منجھہ ساگر**“ منجھان بہ، تقابلي مطالعي خاطر، ساڳيءَ ھندڪو داخلا جو مثال ڏجي ٿو:

شیر، اپنی ماری دی کھاندے۔ (کہاوت)

ماری دی: ڪيل شڪار، پنھنجي ھٿ سان ماريل.

”گوشت خور کي گوشت کپي. انسانن وٽ، پرائي پنھنجي ۽ حرام حلال جو فرق آھي. ذبح شڪار ۾ بہ ڪين مقرر ٿيل اصولن تحت ھلڻو ٿو پوي. جڏھن تہ گوشت خور جانورن وٽ اھڙا اصول وضع ٿيل ناھن. اھي ھر شيءِ کي حرام ڪري تہ ڪائين، پر پرائي پنھنجي جي بہ تميز نہ ڪن. اھو نہ ڏسن تہ پنھنجو آ يا پرائو، جيڪو آيو، سو ھڙپ.

گوشت خور جانور ۾، ھڪڙا پاڻ شڪار ڪري سگھن، ٻيا نپ نہ ڪري سگھن، بلڪ ڪائين اھي بہ گوشت. شينھن، گوشت کان سواءِ ڪجھ نہ ڪائي. جڏھن تہ جانورن منجھ لومڙ ۽ گدڙ، ڪتو ۽ ٻگھڙ پڻ گوشت خور آھن. شينھن ڪڏھن بہ پرائي ڪيل شڪار مان نہ ڪائي. پاڻ شڪار ڪري، ان کي ھڪ ھنڌ ٿمائي. ٻئي ڏينھن اتان اچي ڪائي. ٻگھڙ بہ وڏو شڪاري جانور آھي، پر وٽس پرائي پنھنجي جي ايتري تميز ناھي، جيتري شينھن وٽ آھي. ڪتو بہ شڪاري آھي پر ايترو

نہ. ٻين جي پيٽ ۾، ڪتو وانو پلو آهي. گدڙ ۽ لومڙي، پرائي-ماريءَ تي پاڙيندا آهن.

پکين منجھ باز، شڪاري آهي. سيڪارڻ تي شڪار جھليندو، نہ تہ چيري ڦاڙي ڇڏيندس. جڏهن تہ ڳجھ ۽ ڪانءُ وغيرهہ پرائي-ماري يا الله-جي-ماريءَ تي پاڙيندا آهن.

**مطلب:**

١ . شينهن، پنهنجي ڪيل شڪار منجهان ڪائيندو آهي. (ترجمو)

٢ . شينهن، شڪار جي معاملي ۾، ٻين چيريندڙ ڦاڙيندڙ جانورن جي پيٽ ۾ وڏو غيرتمند ۽ اصول وارو جانور آهي.“

ان ريت، سواءِ هندڪو پهاڪن ۽ چوٽين جي، هيءُ هڪ نئون ڪتاب چئي سگھجي ٿو.

هيءُ ڪتاب ڏِسڻ ڪان پوءِ، اميد رکي سگھجي ٿي، تہ انجنيئر عبدالوهاب سهتو ضرور، ڪنهن ٻئي وقت، هندڪو محاورن جو ڪتاب بہ سنڌي ترجمي سان پيش ڪندو، ڇاڪاڻ تہ محاورا پڻ پاڻ منجھ هڪ نرالي ۽ حسين دنيا سمايون وينا آهن، جيڪا پڻ اسان منجهان ئي ڪنهن نہ ڪنهن کي کوجي پڌري ڪرڻي آهي.

مهرباني.

**رياضت ٻرڙو**
ڊائريڪٽر (اعزازي)
ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر
١١-ڊسمبر ٢٠١٧ع

# سادا اکر

هر ٻوليءَ منجهہ ڳالهائيندڙن جي تقاضا ۽ گهرج آهر، پهاڪا ۽ چوڻيون جڙندا رهن ٿا. ڪي پاڻ مرادو واقعن منجهان وجود وٺن ٿا, تہ ڪي وري ٻين ٻولين جي اثرن يا مطالعن پڄاڻان، ٻولين منجهہ داخل ٿي پنهنجي جاءِ والارين ٿا. جنهن ٻولي ڳالهائيندڙن جو ڳاڻيٽو لاتعداد آهي، سا اهميت جي حامل هوندي آهي. منجهس پنهنجي خوبصورتي جڙندي ويندي آهي. اصطلاحن، ورجيسن، محاورن، پهاڪن، چوڻين، لوڪ ڪهاڻين، لوڪ قصن، لوڪ داستانن، لوڪ گيتن ذريعي، ڦڙو ڦڙو ٿي ڪري ٻوليءَ جي ضخامت ۾ واڌارو پيو ايندو آهي. اهڙين ٻولين منجهان **هندڪو** پڻ آهي.

هندڪو، هندڪوهہ، هندڪُو يا هنڪُو، هند-آرين ٻولين جي ننڍڙي گروپ لهندا جو حصو آهي، جيڪو پاڪستان ۽ هندستان جي اترين پهاڙي علائقن منجهہ ڳالهايو ويندو آهي. پاڪستان جا پشتون قبيلا ۽ افغانستان جا هندڪي ماڻهو، اها ٻولي استعمال ڪندا آهن. مٿس نالو هندو ڪش جي جبلن جي نسبت سان پيو آهي. ان هند مان مراد، موجوده هندستان نہ، بلڪ اصلوڪو اندس آهي، جنهن مان انڊيا لفظ نهيو آهي. آڳاٽي وقتن جي تاريخ منجهہ، سنڌو درياهہ جن جبلن منجهان ڦٽي وهي نڪتو پئي، تنهن پهاڙي سلسلي کي هندوڪش يا هندڪو سڏيو ويو. ان نسبت سان سنڌوءَ جي ڪنارن وارن آباد علائقن کي سنڌ يا هند ۽ انگريزيءَ ۾ اندس يا انڊيا سڏيو ويو. هندڪو جي علائقي ۾ جيئن تہ هڪ قوم آباد ناهي، بلڪ مختلف قومون ۽ قبيلا رهن ٿا، ان ڪري انهن جي ٻوليءَ کي هندڪو سڏيو ويو. ان ٻوليءَ جا گهڻا ڳالهائيندڙ هريپور، ايبٽ اباد ۽ مانسيره اندر رهن ٿا، جن کي غير فعال هزاره ڊويزن جي نالي جي نسبت سان هزاروال سڏيو ويندو آهي. جڏهن تہ پشاور اندر ڳالهايو ويندڙ هندڪو لهجي کي

”پشاوري“ يا ”خاري“ سڏيو ويندو آهي. ”خاري“ پشتو جو لفظ آهي، جنهن مان مراد ”شهرن ۾ آباد، ٻولي ڳالهائيندڙ“ ورتي ويندي آهي.

هندڪو ٻولي، نارٿ ويسٽ فرنٽيئر پراونس سميت هزاره، پنجاب بمع اٽڪ ۽ پاڪستان واري ڪشمير اندر ڳالهائي وڃي ٿي. هن وقت ان ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جو تعداد ويهن لکن تائين آهي.

اسلام کان اڳاٽي دور ۾، موجوده پاڪستان واري علائقي اندر، پڙهي لوڪن جي سڌريل ٻولي سنسڪرت هئي. سندن حڪومت هئي، جنهن سببان سندن ٻوليءَ کي تقويت ملي ۽ ڳالهائڻ جي حساب سان گهٽي رواج هيٺ رهي. اها گهڻو تڻو هندي لکيت جي مقدس ڪتابن منجهه بہ استعمال ٿيندي هئي. ان جي هتي حيثيت ائين هئي جيئن اوله جي ملڪن ۾ لئٽن ٻوليءَ جي هئي. ان وقت عوام جي ٻولي پراڪرت هئي، جيڪا پڻ گهڻن لهجن ۾ ڦهلجي پوري ڏکڻ ايشيا اندر پکڙجي چڪي هئي. هندڪو بابت راءِ آهي تہ اها پراڪرت جي موراڳو ويجهو هئي. منجهس نحوي ڦير ڦار تمام ٿورڙي ٿيل آهي، جڏهن تہ لفظن جو ذخيرو پنهنجي پاڙيسري زبان پشتو تان وڌايل اٿس. اها پنجابيءَ ۽ هند-آريائي ٻولين جي ننيڙي گروپ لهندا سان ويجهڙائپ رکي ٿي. ڪيس وڏيڪ لهجن جهڙوڪ: اترئين ۽ ڏاکڻئين منجهه پڻ ورهائي سگهجي ٿو. ڏاکڻيون لهجو سرائيڪيءَ سان هم آهنگي رکي ٿو، جڏهن تہ اتريون پنجابيءَ سان. لهندا گروپ جي ٻين ٻولين جهڙوڪ: پوٺوهاري ۽ اولهائين پنجابي سان سمجهڻ جي لحاظ کان مطابقت پڻ رکي ٿي.

هندڪو ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙ جي ججهائي پاڪستان جي جن ضلعن ۾ آهي سي آهن: ايبٽ آباد، هريپور، مانسهره، اٽڪ. جڏهن تہ خيبر پختون خواه جي شهرن: پشاور، نوشهره، صوابي ۽ ڪوهاٽ منجهه پڻ سندن ججهائي آهي. ڪشمير جي ٻنهي حصن ۾ پڻ رهائش پذير آهن.

جيڪي قومون هندڪو ڳالهائين ٿيون تن کي پناڻن سان موسوم ڪيو ٿو وڃي، ڇاڪاڻ جو گهڻي ئي پشتون قبيلا، مثال طور:

مشواڻي، جدون، ترين، تنولي، دلازڪ ۽ طاهرخيل، جيڪي هزاره وغيره ۾ اچي آباد ٿيا، تن هندڪو کي پنهنجي بنيادي ٻوليءَ طور اپنايو. برطانوي دور حڪومت ۾، انهن ئي علائقن منجهہ، سياسي طاقت پڻ حاصل ڪيائون. ان ئي سبب جي ڪري، ڪي پشتون جهڙوڪ: ڪاڪڙ، دراني، پوپلزئي، سدوزئي، بنگش، خٽڪ، يوسفزئي، غزنوي ۽ خوگياني جيڪي هندڪو اولين ٻوليءَ طور ڳالهائين ٿا ۽ پشاور ۽ ڪوهاٽ ۾ رهن ٿا سي اصل ۾ پشتون آهن. هندڪو ٻولي ڳالهائيندڙ، جيڪي پشاور، ڪوهاٽ، نوشهره ۽ اٽڪ ۾ آباد آهن سي ٻہ ٻوليون ڳالهائيندڙ آهن: هڪ هندڪو ٻي پشتو. تيئن وري گهڻا پشتو ڳالهائيندڙ جيڪي ضلع ايبٽ آباد ۽ ضلع مانسهره (خاص طور تي اگرور وادي ۽ اتر تناول) ۾ آباد آهن، سي ٻہ ٻہ-ٻوليائي: پشتو ۽ هندڪو آهن. جڏهن تہ هڪ اندازي مطابق، پاڪستان جي اڍائي سيڪڙو آبادي مادري زبان طور هندڪو ڳالهائيندڙن جي آهي جيڪي گهر ۾ بہ هندڪو ڳالهائين ٿا.

گنڌارا-هندڪو بورڊ، جيڪو ۱۹۹۳ع ڌاري وجود ۾ آيو، تنهن هندڪو ٻوليءَ بابت ڪتاب ڪيترا ئي ڇپايا آهن ۽ سيمينار ڪرايا آهن. بورڊ طرفان پهرين لغت سال ۲۰۰۳ع منجهہ ڇپي، جيڪا ايبٽ آباد جي سلطان سڪون صاحب جي ترتيب ڏنل آهي. هندڪو بورڊ سال ۲۰۰۷ع دوران ٻي وڏي ۽ ضخيم هندڪو لغت ڇپائي، جيڪا پشاور شهر جي رهاڪو ۽ يونيورسٽي آف لنڊن جي پروفيسر، ڊاڪٽر الاهي بخش اعواڻ جي ترتيب ڏنل آهي. ”سرزمين هندڪو“ ۽ ”هندڪو صوتيات“ پڻ پاڻ لکيا اٿائين، جيڪي گنڌارا هندڪو بورڊ جا ڇپايل آهن. هندڪو ٻوليءَ جي صوتيات تي سندس، ٿي ڪتابڙا سال ۱۹۷۰ع ڌاري سينٽرل ايشيا يونيورسٽي پشاور طرفان پڻ ڇپيل آهن. پاڻ لوڪ شاعر، تاريخدان، نقاد ۽ ٽيليڪاسٽر آهي. اردو ۽ انگريزيءَ منجهہ ايڪٽيهہ ڪتاب لکيا اٿائين. سندس پي ايچ ڊي جي ٿيسس بعنوان: ”هندڪو جي صفاتي محاورن جي صوتيات“، سال ۱۹۹۲ع ۾ اداره فروغ هندڪو طرفان ڇپي آهي. سال ۱۹۹۵ع ڌاري مقتدره قومي

زبان اسلام آباد، ٻوليءَ جي محاورن تي ترتيب ڏنل سندس لغت (انگريزي-اردو) ڇپائي آهي.

ان کان علاوه هندکو ٻوليءَ جا مشهور اديب ۽ شاعر: آصف ثاقب، قاضي نصير بختيار، احمدعلي سائين، اجمل نذير، پروفيسر صوفي عبدالرشيد، ڪرنل فضل اڪبر ڪمال، سلطان سڪون، طاهر اهمد طاهر، شريف حسين شاهه، اظهر بخاري، پروفيسر محمد فريد، وحيد بسمل، پروفيسر يحيٰ خالد، خورشيد ساگر، نذير ڪسلوي، فاروق قريشي، محمد حنيف، ڪامران خلوص، ڊاڪٽر الاهي بخش اختر اعواڻ، احمد علي خيالي، قاضي سعيد ناز، شعيب شاهد، نذير حسين شاهه، پروفيسر بشير سوز، عرفان تبسم، نقاش اختر، احمد حسين مجاهد، خالد خواجا، امتياز الحق امتياز، زفاف سواتي وغيره آهن جيڪي ٻوليءَ جي واڌ ويجهہ لاءِ مسلسل لکندا رهن ٿا. جيتوڻيڪ منجهن اڪثريت شاعرن جي آهي، تنهن هوندي بہ اهي شاعريءَ کان علاوه هندکو ٻوليءَ جي علم و ادب جي ٻين پهلوئن تي طبع آزمائي پڻ ڪري رهيا آهن. ان اڻ ٿڪ آبياريءَ مان اميد ڪري سگهجي ٿي تہ اها ٻولي، ڏينهون ڏينهن ترقي ڪندي رهندي.

سلطان سڪون صاحب، شاعر سان گڏ هندکو ٻوليءَ بابت، هندکو ٻوليءَ ۾ لکندڙن منجهان آهي، جنهن پهرين هندکو جي پهاڪن جي لغت لکي ڇپرائي. ان بعد، ”ڪوزي بچ درياهہ“ پڻ لکي ڇپرايو. هن ڪتاب اندر، هندکو چوڻين جو متن ان ڪتاب تان چونڊ ڪري ڏنو ويو آهن. جيئن تہ سلطان سڪون صاحب، هن وقت صاحب فراش آهي، ان ڪري ساڻس نہ خط وڪتابت ٿي سگهي آهي ۽ نہ ئي فون تي رابطو. دعا آهي تہ رب تعاليٰ کيس صحت ڪاملہ ۽ عاجلہ عطا فرمائي.

**انجنيئر عبدالوهاب سهتو**
٨٩ پروفيسرس ڪالوني-٢
قنبر روڊ- لاڙڪاڻو

سلطان سڪون
انجنيئر عبدالوهاب سهتو

# پنهنجي ڳالهہ

## (هندڪو ٻوليءَ اندر لکيل ڪتاب ”ڪوزے نچ دريا“ جو مهاڳ)

پهاڪا ۽ محاورا، ڪنهن بہ زبان جي تڪميل لاءِ لازمي تصور ڪيا ويندا آهن. اهي ڳالهہ ٻولهہ يا تقرير ۽ تحرير کي اثرائتو ۽ مختصر بنائڻ ۾ وڏو اهم ڪردار ادا ڪندا آهن. جتي ڪنهن ڳالهہ جي وضاحت ۽ صراحت جي لاءِ گهڻن جملن جي ضرورت محسوس ڪبي آهي، اتي هڪ پهاڪو/ ضرب المثل يا محاورو/ ورجيس مددگار ثابت ٿي پوندا آهن.

دراصل پهاڪا ۽ محاورا، انساني زندگيءَ ۾ وري وري آڏو ايندڙ گوناگون حالات ۽ واقعات، گرم سرد زماني جي تجربن ۽ مشاهدن جو جوهر هوندا آهن، جيڪي پنهنجي جاءِ تي خود ڏاهپ ۽ حڪمت سان ٿمٿار هوندا آهن.

هندڪو زبان منجهہ پهاڪي يا چوڻيءَ لاءِ بہ لفظ رائج هلندا پيا اچن. هڪڙو لفظ **ڪاڻ** آهي، جيڪو **اکاڻ** جو مخفف آهي. ٻيو لفظ **مٿّل** (مت-تل) آهي. اکاڻ لفظ تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيو تہ هي لفظ آکڻا يا آکٹا منجهان جڙيل آهي يا ٺاهيو ويو آهي. آکڻا يا آکٹا، بہ مختلف لهجا آهن، جن جو مطلب آهي: ڪهڻا/چوڻ يا چيل ڳالهہ. جڏهن هندڪو ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ دوران ڪنهن پهاڪي جي ڳالهائڻ يا استعمال ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي، تہ هيئن چيو ويندو آهي: ”هيءَ وڏڙن جهونڙن يا سياڻن/ڏاهن ماڻهن جي ڪاڻ (چوڻ) يا اکاڻ (چوڻي) آهي. يعني اها جهونن ۽ عقلمندن جي چيل ڳالهہ يا پهاڪو آهي. اهڙيءَ طرح ٻيو لفظ مٿّل آهي. ان لفظ تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيو تہ اهو مت+ل جو مجموعو آهي. **مت**، هندي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ سمجهہ ٻوجهہ، عقل ۽ ڏاهپ، فهم ۽ ادراڪ، دانائي، راءِ، نصيحت ۽ عادت آهي. جڏهن تہ مت سان لڳل ل، حرف تمليڪي آهي، يعني مت جي حامل يا مت واري سوچ سمجهہ، يا عقل ۽ ڏاهپ واري ڳالهہ.

اکاڻ، ڪاڻ يا مٿل (ضرب المثل)، جيتوڻيڪ ٻن ٽن لفظن يا هڪ ٻن جملن تي مشتمل هوندي آهه، ليڪن منجهس حڪمت ۽ ڏاهپ جو سمنڊ پيو ڇوليون هڻندو آهي. مثال طور، هيءَ هندڪو جي هڪ مٿل آهي:

کھاوے ٹبر سوہدے قبر

اهي ڇئن لفظن جا هڪ يا ٻه جملا آهن. ليڪن جيڪا منجهن ڏاهپ جي ڳالهه ڇيل آهي، تنهن جي تشريح يا وضاحت، چند جملن ۾ ممڪن ئي ناهي. اهڙيءَ طرح هڪڙو ٻيو پهاڪو آهي:

چھٹی کہڑی دی شیطانی

ساری عمر دی پشیمانی

هيءَ مٿل ٻه صرف ٻن جملن تي مشتمل آهي، ليڪن منجهس جيڪا حڪمت ۽ ڏاهپ لڪل آهي، سا زندگيءَ جي قدرن ڪي گهيريون بيٺي آهي. هڪ دلچسپ ڳالهه هيءَ ٻه آهي، جو هر پهاڪو يا محاورو، شعري وصفون ٻه ساڻ ڪنيو ٿو وتي، يعني انهن جملن ۾، قافئي ۽ رديف جون خصوصيتون موجود هونديون آهن. جيئن مٿي ڄاڻايل، ٻنهي پهاڪن منجهان نروار ٿئي ٿو. پهاڪي جي جامعيت واري خصوصيت جي ڪري ئي، مون هن ڪتاب جو نالو "**ڪوزي ۾ درياهه**" منتخب ڪيو آهي.

هن ڪان اڳي ٻه منهنجو هڪڙو ڪتاب، جيڪو پهاڪن ۽ محاورن تي مشتمل آهي، مقتدره قومي زبان پاڪستان وارن سال ١٩٩٩ع ڌاري "**هندڪو ضرب الامثال**" جي نالي سان شايع ڪيو آهي، جنهن منجهه گهڻو مقدار پهاڪن جو هيو. جڏهن ته موجوده ڪتاب ۾ وڌيڪ مقدار محاورن جو آهي. هتي هڪڙي ڳالهه ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان، ته اڳئين ڪتاب "هندڪو ضرب الامثال" منجهان ڪو ٻه پهاڪو يا محاورو، موجوده ڪتاب ۾ ورجايو نه ويو آهي، جيتوڻيڪ ڪٿي اڙيو ٽڙيو، يادگيري جي سهو سبب ٿيو هجي ته ممڪن آهي، جنهن جي ذميداري قبول ڪيان ٿو.

مهرباني.

# متن

### ١. آدمی آدمی وِچ کے گل کرنی چاہی دی اے۔ (کہاوت)

وِچ: ويک، ڏسي.

دانشمندي اها آهي، جو اڳلي جو موڊ ۽ مزاج، ڪيفيت ۽ ڪثافت ڏسي، پوءِ سندس دل وٺان ڳالھ ڪجي، جيڪا اڳلي کي وڻي، تنهن کان پوءِ پنهنجي مطلب جي ڳالھ تي اچجي. اٽندي ئي، پنهنجي مطلب جي ڳالھ ڪرڻ، وائڙائپ آهي. ان سان اڳلو بيزار ٿي ويندو. بجاءِ سني موٽ ڏيڻ جي ٽيندڙ ڪم بہ نہ ڪندو.

مطلب:

١. ماڻهو ماڻهو ڏسي، ڳالھ ڪجي. (ترجمو)

٢. آدمی آدمی وِچ کے گل کرنی پیندی اے۔ (کہاوت)

(ماڻهوءَ ماڻهوءَ کي ڏسي، ڳالھ ڪبي آهي. ترجمو)

٣. جهڙي ڪچهري، تهڙو گفتو. (چوڻي)

### ٢. آدمی آدمیاں دا دارو، آدمی آدمیاں دا مارو۔ (کہاوت)

دارو: درمان، دوا، وقت تي ڪم ايندڙ، علاج. مارو: ماريندڙ، ڏنپ ڏيندڙ.

انسان، هڪٻئي جي ڪم اچي ٿو. هن دنيا اندر، ڪيس آندو ئي آزمائڻ خاطر ويو آهي. اهو ڏسجي تہ هو پاڪ رب جي عبادت سان گڏ، سندس خلقيل مخلوق جي ڪيترو ڪم اچي ٿو، ان کي ڪيترو پنهنجو سمجهي ٿو، چو جو چوندا آهن: جنهن يار جو پار سڃاتو، تنهن يار سڃاتو. رب جي مخلوق، عيال مثل آهي. جيڪي رب سان محبت جي دعويٰ ڪن ٿا، سي رب جي مخلوق سان ڪيترو ڀلو هلن ٿا. جيڪڏهن ٻي مخلوق سان چڱائي نہ ٿي پُڇين تہ ڀلا جيسي مخلوق سان سندن ڪيترو سلوڪ چڱو آهي. انسان، ان سبب جي ڪري ٻين ماڻهن سان چڱو سلوڪ ڪري ٿو ۽ انهن جي ڏک درد ۾ ڪم اچي ٿو. ائين نہ ٿئي جو پنهنجي غرض جي پوئواريءَ ۾ رذل رهي ۽ ٻين جا حق ڦٻائيندو رهي.

مطلب:

١. ماڻهو، ماڻهوءَ لاءِ پرجهلو بہ آهي تہ ويري بہ.

٢. ماڻهو، ماڻهن کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهي. پوءِ منجهائڻ سهنج پهچنس يا اهنج.

### ٣. آدمی بوٹا وبخ کے چھاماں بیٹھدے۔ (کہاوت)

**بوٹا:** ٻوٽو، وڻ. **وبخ:** ويک، ڏسي. **چھاماں:** ڇانءَ ۾.

هر وڻ، ڇانءَ ڏيندڙ نہ هوندو آهي. ڪن وڻن جي ڇانءَ فائديمند بہ نہ هوندي آهي. ڦلدار وڻ جي هيٺان ويهبو تہ ڦل جا ٽاڪائو، جنب يا پٽر هٽي، زخمي بہ ڪري سگهن ٿا. ان خطري سبب، هر ميويدار وڻ جهڙوڪ: ٻير، انب، زيتون، ڪٻڙ وغيره جي هيٺان ويهڻ، پسند نہ ڪيو ويندو آهي. ڪنڊن واري وڻ جهڙوڪ: ڪنڊي، ٻير، ٻٻر، ڪرڙ وغيره جي ڇانءَ هيٺان ويهڻ کي بہ گهٽ پسند ڪيو ويندو آهي. ڇانءَ جي لحاظ کان سنڌ جا سٺا وڻ نم، آسرهن، ٽالهي وغيره آهن. انهن جي ڇانءَ چڱي آهي. صحت بخش بہ آهي تہ سڪون بخش پڻ. انهن جي هيٺان بہ ٿڌهن ويهبو جڏهن، پوري جو پورو، ڇانءَ جي هيٺان هجبو. اڌ-ڳيدي اس ۾ ويهڻ، پڻ جان لاءِ نقصانڪار آهي. اڌ-رنگ جي بيماري ٿيڻ جو خطرو رهندو. ان جي برعڪس، بيد مشڪ، ڊڊونيا، ڪوهنو ڪارپس ۽ ڪوهنو دماس وغيره وڻن منجهہ، ٿوري گهٽي ڇانءَ هوندي آهي، پر صحت بخش ناهي هوندي. پوري جسم آهر ڇانءَ بہ نہ ڏيندا آهن. ٿوريءَ گرميءَ تي بيد مشڪ جي وڻ جا ڏار پاڻ-مرادو ٽڙڪات ڪري بہ ٽٽي پوندا آهن. هيٺ ويٺل کي اوچتو ڌڪ لڳي سگهن ٿا.

مطلب:

١. وڻ جي نوعيت ۽ سندس ڇانءَ جي هيئت کي جاچي، پوءِ هيٺان آساس وڃي.

٢. ماڻهوءَ ماڻهوءَ کي ڏسي، ساڻس ورتاءُ ڪجي. هر ماڻهوءَ مان ساڳيا فائدا نہ ٿا رسن.

### ۴. آندے آں موڑیا نیںھ، جلدے پچھے دوڑیا نیںھ۔ (کہاوت)

**موڑیا:** موٽائڻ. **جلدے:** جلدے، ويندڙ.

ايندڙ مهمان کي موٽاءِ نہ! ڇو جو مهمان پنهنجي طرفان نہ، بلڪ رب جي طرفان اچي ٿو ۽ پنهنجي روزي روٽي ساڻ کڻي اچي ٿو. ڪن صورتن ۾ تہ ڪن گهرن کي رزق ملندو ئي مهمانن ۽ مجبورن، مسافرن ۽ ڪمزورن جي خدمت ڪرڻ سببان آهي. ان ڪري مهمان جي اچڻ تي نہ ارهو ٿجي، نہ ڪيس ماني کارائڻ جو مٿس ٿورو سمجهجي. بلڪ سندس اچڻ تي سندس ٿورو سمجهہ. روزي رزق ۾ برڪت پوي تہ ان جي مهرباني سمجهہ.

جڏهن مهمان، پنهنجي مداءَ تي موٽي وڃڻ چاهي تہ ڪيس ست ستاءُ ڪري گيسر نہ وجهہ. سندس دل رک. خدمت ڪرينس تہ بنا لالچ ۽ غرض جي. پويان ڳڪ ٽي نہ پوينس. پنهنجي مرضي ۽ منشا تي هلڻ ڏينس.

ايندڙ کي ڇڏ نہ، ويندڙ کي روڪ نہ. ان جملي جو مفهوم پڻ ساڳيو آهي تہ آيل مهمان کي مانيءَ کان سواءِ نہ ڇڏ. جيڪڏهن وڏيڪ نہ ترسي تہ ڪيس هرويرو روڪي وقت نہ وڃائينس. متان تنهنجي روڪڻ سان سندس ٻيا ڪن ڪرن. تنهنڪري زور بار بہ نهندڙ رکينس.

مطلب:

١. ايندڙ کي موٽاءِ نہ، ويندڙ پويان ڊوڙ نہ. (ترجمو)

٢ . *آندے آں چھوڑ یا نیئں، جلدے آں موڑیا نیئں۔ (کہاوت)*

(ايندڙ کي ڇڏ نہ، ويندڙ کي روڪ نہ. ترجمو)

## ٥ . *آئیں تے کے آنڑسیں، آیاں تے کے دیسیں۔ (کہاوت)*

*آئیں:* اچين. *آنڑسیں:* آڻسين، آڻيندين. *آیاں:* اچئون، آيل، مهمان ٿي آيل. *دیسیں:* ڏيسين، ڏيندين.

اها ڪهاوت ساڳين لفظن ۾، سنڌي ٻوليءَ اندر پڻ استعمال ٿيندي آهي. ان مان مراد آهي: ”اسين تنهنجي گهر مهمان ٿي اچئون تہ اسان کي ڇا ڇا کارائيندين. تحفي طور ڪهڙي پاڪر ڊڪائيندين. موڪلائڻ ويل ڪهڙا ڪهڙا تحفا تحائف ڏئي روانو ڪندين. وري جڏهن تون اسان وٽ مهمان ٿي ايندين تہ ڪهڙيون سوکڙيون پاکڙيون اسان لاءِ آڻيندين؟“

غرض ۽ لالچ رکڻ وارو، جيڪو هر صورت ۾ پنهنجو فائدو ڳولي، تنهن کي ٽوڪ طور ائين چئبو آهي.

اهي لفظ، ڪنهن دل گهريي مهمان ڪي، چرچي طور بہ چيا ويندا آهن، جنهن مان مراد وري الٽي ورتي ويندي آهي. ان چوڻ جو مطلب اهو هوندو آهي تہ: ”اسان ايندي ويندين تو تي بار نہ ٿينداسين، جنهنڪري پيرو نہ پيججانءِ!“

مطلب:

١ . ايندين تہ ڇا آٽيندين؟ اچئون تہ ڇا ڏيندين؟ (ترجمو)

### ٦ . اچيا پڪم کڻا، مندهريا منگ کڻا. (کهاوت)

*اچيا:* ڊگهي قد وارو. *پڪم:* پڪڙي، سٽ ڏئي. *کڻا:* ڪائي. *مندهريا:* نينگڙو، بندرو. *منگ:* مَگي، گُهري، پني، پن مَگ تي.

جنهن جو قد ڊگهو آهي، سو ويني ويني، ويجهي شيءِ تي پهچي وڃي. ان ڪي رڳو هٿ ڊگهو ڪري، ڪڻڻ جي دير آهي. ان جي ڀيٽ ۾ بندري قد وارو، ڪنهن شيءِ تي پهچڻ لاءِ وينو نينگ ٽپا ڏيندو، پوءِ بہ پهچي الائي نہ. ڊگهي قد وارو، ڪنهن ڦلدار وڻ جي هينان بيني بيني هٿ سان ئي ڦل پٽي ويندو. ان جي برعڪس، ڪوتاهہ قد ماڻهوءَ ڪي ڊگهي قد واري جي مدد وٺڻي پوندي يا ان ڪان گهرڻو پوندس.

جنهن جا هٿ ڊگها آهن، تنهن جو هر ڪم جلدي ٿيو وڃي. جيڪو هٿ ڳل سان ٻڌي هلي ٿو ۽ ڊگهيري نہ ٿو، تنهن ڪي ڪائڻ لاءِ نيٺ ٻين آڏو هٿ ٽنگڻو ٿو پوي.

مطلب:

١ . ڊگهي قد وارو، جهاپڙ ڏئي ڪائي، بندري قد وارو، گُهري ڪائي. (ترجمو)

### ٧ . ادهارادي مانينه موئي. (کهاوت)

هن ڪهاوت جا ٻئي روپ، سنڌيءَ ۾ پڻ ملن ٿا ۽ ساڳي معنيٰ ۽ مفهوم سان استعمال ٿين ٿا. ڪنهن دڪاندار وٽان اگر رڪت تي سامان نہ ملي، تہ ٻئي وٽان ڪٽي، پوءِ ائين چئبو آهي، يعني اوڌر، هِتان نہ ٿي ملي تہ هُتان ملي ويندي آهي.

رب ڪنهن ڪي نہ ڇڏيندو آهي. اوڌر ڏيڻ وارو پاڻ تہ زندهہ آهي، جنهنڪري اوڌر ملي ٿي. بلڪ ان جي ماءُ پڻ زندهہ آهي، جيڪا اهڙا مڙس اجا ڄڻي ٿي

پئي. تنهنڪري اميد آسرو نہ لاهجي، منجهي ويهي نہ رهجي، وڪ ڪي اڳا اڳتي وڌائجي.

مطلب:

١ . اوڌر جي ماءُ نہ مئي آهي. (ترجمو)

٢ . ادھارادی مامر گئی۔ (کہاوت)

٣ . اڌار جي ماءُ مري وئي آهي ڇا؟ (ترجمو)

### ٨ . ادھلی آں داج کوٹ پاندے۔ (کہاوت)

ادھلی: ڀاڄوڪڙ، گهران ڪنهن آشنا سان نڪتل. داج: ڏاج، ڏيپ، ڏيوڻ، جهيز.

ڀاڄوڪڙ عورت تہ اخبار ۾ بہ اهو ئي بيان ڏياريندي آهي تہ: ”مان ٽن ڪپڙن ۾، پنهنجو گهر ڇڏي نڪتي آهيان. مون کي نہ ڪنهن ڀڄايو آهي ۽ نہ ورغلايو آهي.“

اهڙي عورت جي مالڪي ڪرڻ وارو بہ ڪير نہ هوندو آهي. جيڪا عورت، پنهنجي پيءُ جي ڏاڙهي ۽ ماءُ جي سينڌ ڪوڙي، گهر جي چانئٺ ٽپي، ڌارئي مرد سان ديدھ دلير ٿي وڃڻ لڳي، تنهن سان باقي ڪنهن جي همدردي ٿي سگهي ٿي؟!

هيءَ ڪهاوت ان وقت بہ استعمال ٿيندي آهي، جڏهن ڪا رسم لڪائي وڃي يا بي موقع مهل ڪئي وڃي. گهڻو ڪري ڀاڄوڪڙ کي موٽائڻ ڪان پوءِ پنهنجا پيڪا ئي ڇپر ۾ بئي هنڌ پرڻائي ڇڏيندا آهن. ان ڇپر واري ڳالھ لاءِ ٽوڪ طور بہ ائين چئبو آهي.

مطلب:

١ . ڀاڄوڪڙ کي بہ ڪڏهن ڏاج مليو آهي؟ (ترجمو)

٢ . ادھلی آں داج کس پایا۔ (کہاوت)

٣ . ڀاڄوڪڙ کي ڪڏهن بہ ڏاج نہ مليو آهي. (ترجمو)

٤ . ڀاڄوڪڙ جا: نہ پيڪا، نہ ساهرا. (ترجمو)

### ٩. افسر گوهے دا تے فر لوہے۔ (ڪهاوت)

**گوهے:** گوبر، ڇيڻو، ڦوسي.

آفيسر، شروع يا منڍ ۾ ناتجربيڪار ۽ اناڙي هئڻ جي ڪري ڪمزور، سست ۽ بزدل ٿيندو آهي. سندس ان وقت حيثيت، ڪرفتيءَ جهڙي هوندي آهي. هر ڪو نظر انداز ڪندو وتندو اٿس.

جيئن جيئن سروس وڌندي ويندي اٿس، تيئن تيئن تجربي سان گڏ، ڏانءُ پڻ ايندو ويندو اٿس، جنهن سببان، هينئين ملازمن تي ڪنٽرول ڪرڻ سکي وٺندو آهي. ان ڪان علاوه ڏوهه جهڙا ڪم بہ، جائز طريقي سان ڪري وٺڻ جا طريقا ڄاڻي وٺندو آهي. جيترو تجربي رکڻ جي بنياد تي، منجهانئس فائدو حاصل ٿيڻ جي اميد هوندي آهي، اوترو وري پاڻ، ترن مان تيل ڪڍڻ سکي وٺندو آهي، جنهن سببان، سندس هر ڳالهہ لوهہ تي ليڪي وانگر ٿي پوندي آهي.

**مطلب:**

١. آفيسر شروع ۾ ڪمزور، بعد ۾ فولادي ٿي پوندو آهي. (ترجمو)

### ١٠. اکهياں تو اوہلے دلاں تو اوہلے۔ (ڪهاوت)

**اکهياں:** اکين ڪان. **اوہلے:** اوجهل. **دلاں:** دل ڪان.

جيڪا شيءِ اکين سان ڏسجي ٿي، ان ڪي ٻيهر ڏسڻ لاءِ تانگهہ يا محبت رهي ٿي. جا شيءِ، اکين ڪان ڏور هلي وڃي ٿي، سا دل تان بہ لهي وڃي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو ماڻهو، ويَل شيءِ لاءِ، ساري عمر ارمان نہ ٿو ڪري ۽ ان جي برعڪس نئين ماڻهوءَ سان، ڏسڻ پڇاڻان، جلد مانوس ٿيو وڃي.

**مطلب:**

١. اک ڪان اوجهل، دل تان لٿل. (ترجمو)

٢. اک اوڍر، پهاڙ اوڍر. (ترجمو)

٣. جو چلهہ تي، سو دل تي.

٤. ڏٺا، منهن منا.

## ١١ . اگ تے پانی بے لحاظ ھوندن۔ (کہاوت)

باھ ۽ پاڻي، انسان جي ڪم اچن ٿا. باھ جي ذريعي، سرديءَ ڪان بچاءُ ڪجي ٿو. باھ جو رڌو پڪو، جُوري ٿو ۽ انساني سرير لاءِ ٻل جو سبب بڻجي ٿو. پاڻيءَ منجھہ حياتي آھي. وقت تي پاڻي نہ ملي تہ اڃ وگھي موت بہ واقع ٿي وڃي ٿو.

وري اھي اگر ججھي ۽ بي انداز مقدار ۾ حاصل ٿين تہ انسان جو سر ڪٽڻدي دير نہ ڪن. باھ ۾ گِھڙڻ شرط، انسان سڙيو وڃي. ساڙڻ وقت، باھ اھو نہ ڏسندي آھي تہ منجھس پيل سڄڻ آھي يا دشمن آھي. پنھنجو عمل، اڪيون پوري ڏيکاري وڻندي آھي. ساڳيءَ طرح پاڻيءَ جو ورتاءُ آھي. ٻوڙڻ وقت، دوست دشمن ڪي نہ ڏسندو آھي. ٻئي، وقت پئي، پنھنجي فطري خاصيت ھٿارئون، ڏاڍا مجبور، بي مروت ۽ بي لحاظ ھوندا آھن.

مطلب:

١ . باھ، ساڙڻ وقت، دوست دشمن نہ ڏسندي آھي. (ترجمو)

٢ . پاڻي، ٻوڙڻ وقت، دوست دشمن نہ ڏسندو آھي. (ترجمو)

## ١٢ . اگ تے پانی دی کے اشنائی۔ (کہاوت)

باھ جو خاصو آھي، ساڙڻ. پاڻيءَ جو خاصو آھي، وِسائڻ/ ٻوڙڻ. اگر پاڻي باھ تي پيو تہ ان ڪي وسائي ڇڏيندو. اگر باھ، پاڻيءَ جي برتن آڏو آئي تہ ان ڪي ٿھڪائي، ٻاڦ ڪري ڇڏيندي. ان لحاظ ڪان، ٻئي پنھنجي پنھنجي حد اندر رھندي، ياري دوستي نہ ملھائيندا آھن. ٻنھي ۾ اقربا پروري يا پنھنجا-نوازيءَ وارو جذبو نہ ھوندو آھي. پنھنجي جبلت آھر، ڪير بہ ڪنھن جو خيال نہ ڪندو آھي.

مطلب:

١ . وقت تي باھ ۽ پاڻي، ھڪ ٻئي ڪي سڃاڻندا ئي ناھن.

## ١٣ . اگلے دی جان گئی لوکاں جوگے کھیڈ تماشا۔ (کہاوت)

ھڪڙا معاملا اھڙا ھوندا آھن، جن ۾ ھڪڙن ماڻھن ڪي تہ رونشو يا تماشو پيو سُجھندو آھي، جڏھن تہ ٻين جي سر تي آيل ھوندي آھي. اھڙن معاملن منجھہ، اڳلي جو خيال رکندي، احتياط ڪان ڪم وٺجي تہ بھتر ٿيندو. ان

سان اڳلو جاني يا مالي نقصان کان بہ بچي ويندو. ٻين لاءِ بہ سندس دل ۾ احترام ۽ عزت پيدا ٿيندي.

مطلب:

١ . هڪڙو ماڻهو، پنهنجو سر ترِيءَ تي رکي، درياهہ ۾ ٻڏندڙ کي بچائي ٿو. ان جو اهو ڪارنامو ساراهہ جوڳو تہ آهي، پر ڪن ڏسندڙن لاءِ، رونشي يا تماشي کان وڌ نہ هوندو آهي.

## ١۴ . *اللہ گنجے آں نونہہ ای نہ دیوے۔ (کہاوت)*

گنجي کي مٿي تي وار ئي نہ هوندا آهن. وارن جو هئڻ خارس جو سبب ٿيندو آهي، جنهنڪري وارن جي سيوا ڪرڻي پوندي آهي. ڌوئڻ، تيل وجهڻ، نمورين جي رس وغيرهہ وجهبي آهي تہ جيئن وار، جونئن، ليکن ۽ ڄئوئن جو آماجگاهہ نہ رهن. اگر اهي مٿي اندر پيدا ٿي پيون، تہ سک سان ويهڻ ڪو نہ ڏينديون. اگر ماڻهوءَ کي ايترو وقت ناهي جو وارن جي سيوا ڪري سگهي، تہ ان لاءِ آسان رستو آهي تہ وار ئي ڪوڙائي ڇڏي، ڇو جو چوندا آهن: وار تہ ڦٽي، نہ تہ ڪوڙاءِ ڪٽي.

ان جي ابتڙ، گنجي جو مٿو، ٽپڻ ٽاپ لڳو پيو هوندو آهي. ان ۾ وارن نہ هئڻ سبب، نہ جونئن جو خطرو هوندو آهي، نہ ئي وري مٿي ۾ ڪنهن قسم جي سُر سُر محسوس ٿيندي اٿس. تنهن هوندي بہ تجربي مان ڏٺو ويو آهي تہ گنجا، ڪيسي ۾ ڦڻي ڪٽي هلندا آهن ۽ مٿي کي پيا نهن سان ڪنهندا ۽ ڪوٽيندا آهن. انهن جو ڪنهڻ ۽ ڪوٽهڙو ڪرڻ، بجاءِ فائدي ڏيڻ جي، نقصانده هوندو آهي.

مطلب:

١ . اللہ سڄاڻي سگ ڏئي ٿو.

٢ . *گنجے دے نونہہ سرادی شامت۔ (کہاوت)*

٣ . گنجي کي نهن: مٿي جي شامت. (ترجمو)

۴ . ڦٽوتا، گنجن وٽان ئي ليندا آهن.

## ١٥ . *ان ڈٹھا چور؛ سادھ ھوندے۔ (کہاوت)*

چور جو ضد ساڌ آهي. پرائو مال، مالڪ جي رضا کان سواءِ، اک ٽيٽ ڪري ڦٻائي وڃڻ واري عمل کي چوري چئبو آهي. چوريءَ جهڙو عمل وٺندو

ڪنهن کي بہ ناهي، پر وس پڄندي ڪير بہ مٿانئس ٽرندو ناهي. هلڪي ڦلڪي چوري، ڏيهاڙي هر ڪو ڪري ٿو. ڪو ننڍو چور آهي تہ ڪو وڏو چور آهي. ڪو ڏڄي جو چور آهي، تہ مرغيءَ جو چور آهي. ڪو ماڻهن جو چور آهي، تہ ڪو خدا جي فرمانن جو چور آهي.

ٻيو نہ، اگر ڪنهن جو ڪمند ڀڳائين، ساڳ يا ڀلي بغير اجازت جي پٽيائين تہ اهو بہ چور جي زمري ۾ اچي ٿو. ڪنهن جو ڪک پٽي ڏند ڪوٽيائين، اهو بہ چور جي زمري ۾ اچي ٿو. چو جو چيو اٿن: ڪک جو چور، سو لک جو چور. يعني چور، چور آهي. ڀلي لک جو هجي يا ڪٽي ڪک جو هجي. چور جا عمل، چوري ڪيل مال جي مقدار تي نہ بلڪ، نيت ۽ ارادي جي بدنيتيءَ تي دارومدار رکن ٿا.

جنهن چور کي چوري ڪندي، ڪنهن ناهي ڏٺو، سو چور ڀلي ڀيري جي وقت، ساڻ بہ هجي تڏهن بہ ڪيس ڪير چور نہ سمجهندو. بلڪ ساڻس ورتاءُ اهو ئي ساڌ وارو ڀيو ٿيندو.

مطلب:

١ . اڻ ڏٺو چور، ڀيءُ برابر.

٢ . اڻ ڏٺو چور، ساڌ هوندو آهي.

٣ . اڻ ڏٺو چور: يا شاهد، يا بادشاهہ.

## ١٦ . انڌي دا سوٽا؛ ڪي کرا، ڪي کوٽا- (ڪهاوت)

انڌو ماڻهو، رستي وغيره تي هلڻ وقت، هٿ ۾ جهليل لٺ کي رهبر يا سونهين طور ڪٽي هلندو آهي. ڪُتي ٻلي کي بہ ان سان تڙيندو آهي. ڪِرڻ کان سهاري طور يا اڳيان آيل خطري جهڙي شيءِ سان منهن ڏيڻ لاءِ، لٺ جي مدد وٺندو آهي. سندس لٺ، سهارو بہ هوندي آهي تہ محافظ پڻ.

باهہ جهڙي شيءِ کي پري ڪرڻ، رستي تي کڏ کپ جي خبرگيري ۽ منجهانئس لنگهي پار پوڻ، ٽيڪ ڏيڻ جهڙا فائدا لٺ مان وٺندو آهي. وقتي ڪو اڳيان اچي بيهنس تہ ساڻس مقابلو ڪرڻ لاءِ، لٺ جو استعمال ڪندو آهي. اکين سان ڏسي نہ سگهندو آهي، تنهنڪري اڳلي جي جسماني سهپ جو اندازو ڪيس نہ هوندو آهي. ڌڪ هڻڻ وقت، ايڏو زمائتو ڌڪ هڻندو آهي جو چڱي ڀلي جا عضوا ڪاري وجهندو آهي.

ان کان علاوهہ ڪيس ڏوهيءَ-بيڏوهي ۽ پرائي-پنهنجي جي سمڪ نہ پوندي آهي. جنهنڪري سندس ڏکہ جوڪائتو ئي هوندو آهي.

مطلب:

١ . انڌي جو ٻکہ الله جي پناهہ.

٢ . انڌي جو ڏک: يا ماري، يا ڪاري.

٣ . انڌو ڏک هٽڻ وقت اهو ناهي ڏسندو تہ اڳلي ڪي اک ۾ ٿو هٽان يا پنيءَ ۾. اڳلو هنيل ڏکہ سهي بہ سگهندو يا بہ-هٽڙي لٽ لڳڻ سان هلي پوندو.

٣ . انڌو ماڻهو، انوماني هئڻ سبب، جڏهن زهل مان ڏک هٽندو آهي تہ وڏو ڪاپاري ڏک هٽندو آهي.

## ١٧ . اوکھا ويلا لنگھ جلدے، دوۓ دی گل ياد رہندی اے۔ (کہاوت)

**اوکھا:** ڏکيو. **ويلا:** وقت. ***لنگھ جلدے:*** لنگهہ ڄلدي، لنگهي ويندو آهي، گذري ويندو آهي. **دوۓ دی:** ٻئي جي، اڳلي جي.

هيءَ دنيا، سک ۽ ڏک، رنج ۽ راحت جي ميلاپ سان جڙيل آهي. هڪ-ڪري زندگي، ڪنهن جي بہ ناهي. هڪ سج: بہ پاڇا اٿس. هتي اونده بہ آهي تہ روشني بہ آهي. علم بہ آهي تہ جهالت بہ آهي. چالاڪي بہ آهي تہ موڳائپ بہ آهي. نہ انسان سدائين نٽ باٺ ۾ ٿو رهي ۽ نہ وري ڏک مٿس آرو ڪري ويهي ٿا رهن. هر گهڙي، نہ چاهڻ جي باوجود، گذريو وڃي. هر اڀريل سج کي لهڻو آهي. هر نهيل نکر، هڪ ڏينهن اوج چڙهي، ڀڄڻو پُرڻو آهي. هر ساهدار کي، زندگيءَ جي مليل مدت پوري ڪري، هيءُ خاڪي بوتو ۽ عارضي جهان ڇڏڻو آهي. ان ڪري دنيا جا ڏک سور بہ عارضي آهن، جيڪي جلد ميٽجڻا آهن. اگر ڪنهن مدد ڪئي تہ سو ياد رهندو. اگر نہ ڪيائين تہ سندس ويسورو ئي رهندو، باقي ڏکن سبب ماڻهو، موت جي منهن ۾ ورلي ويندو آهي.

مطلب:

١ . ڏکيو وقت، هر ڪنهن تي گذري ويندو آهي. اڳلي جو ورتاءُ، دل تي نقش ٿي ويندو آهي.

٢ . دلبر هن دنيا ۾، رهندو وڃي واس. (شاهہ)

## ١٨ . ايانا گل کردے، سيانا نياں کردے۔ (کہاوت)

**ايانا:** اياڻو، بيوقوف. **نياں:** نياءُ، انصاف، ويچاڻ.

بيوقوف ماڻهو هر معاملي ۾ ٽنگ اڙائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پلي ان معاملي جي تحت تائين نہ بہ پهچي سگهي، تڏهن بہ ان بابت پيو ڳالهہ ڪندو. سندس اهڙين ڳالهين کي سؤ سيڪڙو سچ سمجهي، مٿن عمل ڪرڻ پڻ بيوقوفي آهي. سياڻي ماڻهوءَ جو ڪم آهي تہ اهڙي بيوقوف جي ڳالهہ ڌيان سان ٻڌي ضرور، پر پنهنجي فهم ۽ فراست جي آڌار تي ڳالهہ جي تہ تائين پهچڻ جي ڪوشش بہ ضرور ڪري. جڏهن معاملي جي تہ تائين، ڪيس مڪمل ڇنڊڇاڻ ٿئي تہ پوءِ پنهنجي عقل سارو، ان معاملي کي نمٽائي.

داناءَ کي ابهر ڪان نہ بلڪ، ڌيرج ڪان ڪم وٺڻ گهرجي. بنا سوچ سمجهہ جي ماڻهن جي ڳالهين تي نہ لڳڻ گهرجي.

**مطلب:**

١ . اياڻو ڳالهہ ڪري، سياڻو ويچائي. (ترجمو)

٢ . نادان ڳالهہ ڪري، داناءُ ويچار ڪري. (سنڌ)

٣ . نادان بات ڪري، دانا قياس/ نياءُ ڪري. (هندي)

## ١٩ . ايهہ جانے تے اوه جانے تؤں پهن دانے۔ (کہاوت)

**پهن:** پُن، پُج. **دانے:** داڻي، داڻا، ڪڻا.

هر ماڻهو، پنهنجي پنهنجي معاملي ۾ هوشيار ۽ پڙ هوندو آهي. چوندا آهن: نہ ڪنهن کي عقل منجهايو آهي، نہ ڪنهن کي سونهن سڪايو آهي. ري-گُهرئي ٻين کي مت ڏيڻ، هڪڙي ڄسي ۽ بيوقوف ماڻهوءَ جو ڪم آهي. هر ڪنهن کي ڇڏي ڏجي تہ پنهنجي وت، وس ۽ وسيلن آهر، دنيا اندر لوڇي ۽ لهي. سندس ڪنهن بہ ڪم اندر نہ دائو دخل رکجي ۽ نہ وري ٽنگ اڙائجي. جنهن بہ ٻين جي معاملن ۾ ٽنگ اڙائڻ جي ڪوشش ڪئي، تنهن کي سواءِ رسوائيءَ جي ڪجهہ بہ پلئہ نہ پيو آهي.

وتايي فقير ڏانهن پڻ اهڙي هڪڙي روايت منسوب آهي، جنهن ۾ هر جانور جو پچ ان ڪري ماپڻ پئي چاهيائين تہ ڏسي تہ ڪنهن جانور سان ان معاملي

۾ زيادتي تہ ٿيل ناهي. ڄاڻڻ پئي چاهيائين تہ گڏه جو پيچ ڊگهو هوندو آهي يا گهوڙي جو، مينهن جو ڊگهو هوندو آهي يا ڳئونءَ جو. ان تحقيق دوران، گڏه جو پيچ ماپيندي، جڏهن اِڻَ نڪاءُ ٿي ويس تہ دماغ جا ست ئي طبق روشن ٿي ويس. پَڻَ تان سور جي سيٽ سهسائيندي، چيلهہ تي هٿ ڏئي سڌو ٿيندي واتان نڪري ويس: ”اڙي وتايا! ڪنهن جو نندو، ڪنهن جو وڏو، تنهن ۾ تنهن جو ڇا؟“

مطلب:

١ . هيءَ ڄاڻي، هوءَ ڄاڻي، تون ويني پُڄ داڻي. (ترجمو)

٢ . اي ڄاڻي تہ او ڄاڻي: تئين ٻيني اتا تور. (سرائيڪي)

٣ . قاضي ڄاڻي، قاضيءَ جي قيام ڄاڻي. (سنڌ)

٤ . اڳر ڄاڻن، لوهر ڄاڻي. (سنڌ)

٥ . ٻين جي ڪمن منجهہ دخل اندازي نہ ڪجي.

## ٢٠ . بخشيش سو دانہ، حساب جوں دانہ۔ (ڪهاوت)

ڪنهن تي مهرباني ڪرڻي آهي تہ پلي سَون جي عنايت ڪجيس. جيڪڏهن حساب ڪتاب ونڻو آهي تہ پوءِ احتياط ڪجي. نہ ٽڪي جي ڪس ڪائجي، نہ اڳلي کي ڪائڻ ڏجي. چوندا آهن: ”ٻہ پائر، ٽيون ليکو. ليکو آهي: چوکو. چوکي آهي: پريت.“ جيڪڏهن حساب ڪتاب جونءِ جونءِ جو ڪبو تہ ليکو پورو بيهندو. ٻي صورت ۾ بگاڙ پيدا ٿيندو. بنا حساب ڪتاب جي معاملو نمٽائبو تہ ليکي ۾ رولو پئجي ويندو ۽ محبت يا مٽيءَ ۾ گهاري پئجي ويندي. اڳلي کي ڪس لائبي تہ پيو ٻي ايمان سمجهندو، اگر پاڻ کي ڪس لائبي تہ ان ۾ ٻہ پيو شڪ ڪندو. تنهنڪري عافيت ان ۾ آهي تہ حساب وقت، ڪوڙي پائي ٻہ هيڏي هوڏي نہ ڪجي.

مطلب:

١ . بخشش: سؤ سؤ، حساب: جؤ جؤ. (فارسي)

٢ . بخشش، پلي ٻي حساب ڪجي، پر حساب وقت ٽڪو ٽڪو ڳڻجي.

## ٢١ . برهے چيت: نہ کهل مٹے، نہ کهيت۔ (ڪهاوت)

**برسے**: وسي، مينهن پوي. **چيت**: چيٽ، مند يا موسم جو نالو. **کھل**: کهليان، بارداڻو. **مٹے**: ماپي. **کھیت**: ٻني، پوک.

سال جي اندر، فصل لاءِ ٻه وڏيون مندون آهن. هڪ ڪَتي، ٻيو چيٽ. يا هڪ ربيع، ٻي خريف. ڪَتي جي موسم اها آهي، جنهن ۾ ٻارهن تارن وارو ڪتيءَ جو نکٽ، جنهن کي هنديءَ ۾ ثريا چوندا آهن، سنڌ جي آسمان تي نکري نروار ٿيندو هجي. اها مند آهي جُون کان نومبر يا ڊسمبر تائين. ان کي خريف پڻ سڏبو آهي. ان مند اندر ساريون، جوئر، ٻاجهري، مڪئي، ڪمند، وونئڻ ۽ گوار وغيره ٿيندا آهن.

ان کان پوءِ واري شروع ٿيندڙ مند جنهن ۾ ڪڻڪ ۽ انب وغيره ٿئي، سا آهي چيٽ. ان کي ربيع پڻ چئبو آهي.

ٻنهي مندن جي منڍ ۾ برساتون پونديون آهن. اگر منداڻيون پيون ته ٻنين ۽ گدامن ۾ ان جا انبار ٿي ويندا. اگر برسات نه پئي ته قحط منهن ڪڍندو.

مطلب:

١ . وسي چيٽ: نه ماپي کليان، نه کيت. (ترجمو)

٢ . وسي چيٽ: ان نه ماپي کيٽ. (هندي)

## ٢٢ . **بگانہ گہنا؛ لوکاں دا مہنا۔ (کہاوت)**

**بگانہ**: بيگانو، پرائو، اڌارو. **گہنا**: ڳهه، زيور. **لوکاں دا**: ماڻهن جو. **مہنا**: مهڻو، طعنو.

اندر ٻاهر ٿيڻ لاءِ، هر ماڻهو، پنهنجو شان رکڻ واسطي، چڱو سڦرو لٽو ڪپڙو پائيندو آهي. اجا به ٺانءِ ڦونءِ کي واڌو ڪرڻ واسطي ڪو زيور جهڙوڪ: واچ، لاڪيٽ، سوني زنجير يا مهانگي پٿر واري منڊي وغيره پائيندو آهي ته جيئن محفل وغيره ۾ نمايان/ نروار نظر اچي. اگر غربت ۽ ٻي وسيءَ سبب، پاڻ وٽ گهر اندر، چڱي شيءِ نه هوندي اٿس ته پنهنجي ڪنهن هُج-واري مٽ مائٽ کان اڌاري وٺي، وقت ٽپائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اڌاري ۾ پَٽڪو، ٽوپي، ڪپڙن جو وڳو، واچ، عينڪ، سوني زنجير يا گهر-واريءَ لاءِ سونو سيٽ وغيره جهڙو زيور وٺندو آهي. استعمال ڪري، سنت ئي مالڪ کي موٽائي ڏيندو آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته پرائي شيءِ، پنهنجي جسم تي اچڻ کان پوءِ سونهندي/ جچندي گهٽ آهي. ان جو

نہ جڄڻ، ان ڪري هوندو آهي جو اهو جسم انهن لٽن يا ڳهہ ڳنن پائڻ تي هريل نہ هوندو آهي.

اهڙي ماڻهوءَ کي، ٻيا ڏسندڙ کٽي پلي نہ ٿوڪين، پر اهو عمل ڪيس اندر ئي اندر ۾ پيو ککندو ۽ خوار ڪندو آهي.

مطلب:

١ . اڏارو ڳهڻو: ماڻهن جو مهڻو. (ترجمو)

٢ . اڏاري شيءِ وٺي استعمال نہ ڪجي. ماڻهن جا طعنا سهڻا پوندا.

## ٢٣ . بلی دا گونہہ لوڑ آیا تے اوہ بوٹے تے چڑھ ہگی۔ (کہاوت)

**لوڑ آیا**: گهرج ۾ پيو. **بوٹےتے**: وڻ تي. **ہگی**: هنگي آئي.

ٻليءَ جو ڪاڪوس، هڪ حقير شيءِ آهي، جيڪا انسان جي ڪنهن بہ ڪم نہ ٿي اچي. هتائين ان جي هئڻ سان ڪيس تڪليف پهچي ٿي. هڪ تہ ٻليءَ جي مقدار جي حساب سان ٻليءَ جو هنگيو، ڏسڻ ۾ وزن ۾ ٿورو هوندو آهي، ٻيو بدبودار هئڻ سان گڏ بي فائدي هوندو آهي. ان ۾ ڪم پوڻ جو ڪو بہ تصور نہ ٿو ڪري سگهجي. هتي ان حقير شيءِ جو مثال ان ڪري ڏنو ويو آهي جو ڪي لالچي ۽ خود غرض ماڻهو، ان ڪان وڌيڪ بہ ڪِريل شيءِ تي ساهہ ڏيندا آهن. بلڪ ماڻهوءَ کي ڊِيڪ ۽ سَهمون ڏئي ماري يا بيمار ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙن ماڻهن جي ذهنيت ڏانهن ٺوڪ طور اشارو آهي.

مطلب:

١ . ٻليءَ جي گونهن ۾ ڪم پيو، وڻ تي چڙهي وڃي هنگيائين. (ترجمو)

٢ . گدڙ جي گونهن ۾ ڪم پيو، انگاس تي وڃي هنگي آيو.

## ٢٤ . بنی دا ہر کوئی اے، ان بنی دا کوئی بھی نینہہ ہوندا۔ (کہاوت)

**بنی**: ٻٽيل، نهيل.

نهيءَ نڪيءَ واري جو هر ڪو مِٽ سڏائڻ لاءِ تيار آهي. منجهانئس ڪوڙ فائدا، سرانجام ٿيندي نظر ايندا آهن. سندس ننڍڙو ڪم بہ، وڏو سمجهي پيو ڪبو آهي. منجهانئس ڪوڙ اميدون ۽ آسرا هوندا آهن.

ان جي برعڪس، اڻ ٻٽيل يا سُڄي ماڻهوءَ منجهان فائدو فائدي جي ماڳ، هٽائين سوال جو انديشو رهندو آهي، جنهنڪري هر ڪو پيو ڪانئُس لهرائيندو آهي. متان اوڏر گهري وڃهي، يا متان ڪو ٻيو سوال سٽ ڪري وڃهي.

مطلب:

١ . سڪيي جو سڀ ڪو يار، سڄي جو ڪو ٻه يار نہ. (ترجمو)

٢ . سڪيي جا سو سالا، سڄي جو ڪو پيٽيويو ئي نہ. (سنڌ)

### ٢٥ . بنيا جدوں غريب ہو جلدے تے پرانی بہی پھر ولدے۔ (کہاوت)

*بنيا:* واڻيو، واپاري، دڪاندار. *ہو جلدے:* ٿيندا آهن. *ولدے:* ڳولي لهڻ، ليڻ، ورائي واچڻ.

دڪاندار، واڻيو يا واپاري جڏهن ڏنڌي واپار ۾ گهاٽي جو منهن ڏسندو آهي، تڏهن ڪيس سنهون سنهون حساب ياد پوندو آهي. ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءَ وانگر، ڌنڌي واپار جو نقصان بہ آهستي آهستي پوندو آهي ۽ ترا ڪڍي ڇڏيندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾، اڪثر واڻيا ڏيوالو ڪيندا آهن. ڏيوالپٽي لاءِ، ڏينهن ڏني جو ڏيئو ٻاري ڇڏيندا آهن. هونئن ڏينهن جو ڏيئو ٻارڻ: انڌي هجڻ جي نشاني آهي. اهڙيءَ طرح ان انڌائپ مان مليل نقصان جو دليل پڻ آهي، جنهن مان مراد اها آهي تہ پيل نقصان جو ٻيو ڪو بہ نہ بلڪ مالڪ ذميوار آهي.

ائين ڪرڻ سان واڻيو، قرضين جي هڪين پٽڻ ڪان ڇٽي ويندو آهي. ان واندڪائيءَ مان فائدو وٺندي، پراڻيون وهيون/ بنديون ٻيهر کوليندو آهي. ٽوٽل پيو پيٽيندو آهي. نقصان، ڪيس پيو آهي، تنهنڪري ٻين جو رولو پولو، پاڻ ڏي ڪيڻ بجاءِ ٻين ڏي ڪيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

مطلب:

١ . واڻيو وهيون تڏهن جاچي جڏهن: يا سچو ٿئي، يا بي ايمان ٿئي.

٢ . پيل نقصان سان، واپاريءَ جي دماغ جا ست ئي طبق روشن ٿي ويندا آهن.

### ٢٦ . بے کار کولو بگار چنگی۔ (کہاوت)

واندو ماڻهو، بت مان بيزار هوندو آهي. ٻيا بہ ساڻس ويهي وقت وڃائڻ پسند نہ ڪندا آهن. ڪيس وندر ورونهن، ضرور ڪپي. اگر پنهنجو ڌنڌو روزگار نہ اٿس تہ پرائو ڌنڌو واپار، پگهار جي عيوض سنڀالي. اگر ايترو

ٻہ نہ تہ پڇاڙيءَ ۾ ٻين جي ڪمن ۾ بنا معاوضي جي پاڻ کي وڃي وندرائي تہ پلو. ان سان ڪم از ڪم، ذهني بيمارين کان بچيل رهندو. اڳلن منجهان ڪنهن چڱائيءَ جي اميد رکي سگهندو. بيڪاري، ڪيس هڏئون ويهاري، ڪاري ڇڏيندي. سَنڌن سُڪڻ کان پوءِ، ٻين جو محتاج ٿي ويندو.

مطلب:

١ . بيڪار کان بيگار ڀلي. (ترجمو)

٢ . بيڪار سي بيگار اڇي. (هندي)

٣ . ڪام نهين تو ڦر پي ڪُڇ ڪيئا ڪر، اور نهين تو ڪپڙي اڌيڙ ڪي سيئا ڪر.

٢٧ . بياه کيتا؛ مائی پیو دار و گیا۔ بچہ ہو؛ سنگیاں ساتھیاں دار و گیا۔

بچے بڑے ہوئے؛ آپے دار و گیا۔ (کہاوت)

ڇڙو ماڻهو، مٽن مائٽن جي ڪلهي تي هوندو آهي. گهر جي ڪا ڳڻتي نہ هوندي اٿس. پيءُ ماءُ جو دادلو هئڻ سبب، ڪير بہ ڪانئس پڇڻ وارو نہ هوندو آهي. ڊيڪٽي ميڪٽي، نہ هئڻ سبب، ڪنهن تي بہ فلڪ نہ آڻيندو آهي. نہ ئي وري ڪيس ڪمائڻ ڪرڻ جي ڳڻ ڳوت هوندي آهي. سڄو ڏينهن نڪمڻن جي سنگت/ صحبت ۾ پيو گذاريندو آهي.

پرڻي کان پوءِ، گهر گرهستيءَ جي لوڙ ڪيس ڪمائڻ ۽ پئسي گڏ ڪرڻ ڏانهن پئي اڪسائيندي، تان جو پيءُ ماءُ بہ ياد نہ هوندس. اهي بہ وسري ويندس.

ٻار ٻچا ٿيندس تہ ڇڙن جي سنگت مان مزو نہ ايندس. ٻچن جي سار سنڀال ۾ سنگت ساٿ سڀ ڪجهہ وسري ويندس.

جڏهن ٻار ٻچا وڏا ٿيندس، انهن جي سار سنڀال ۾ ايترو مدهوش ٿي ويندو جو پنهنجي پاڻ جي بہ خبر نہ هوندس تہ بيمار آهيان يا چاق. ڪمائڻ لائق آهيان يا هلي چريو آهيان. ڪمائڻ ۽ مال گڏ ڪرڻ جي حرص ۾، ڪو هوش نہ هوندس.

مطلب:

١ . پرڻيو تہ پيءُ ماءُ کان ويو، ٻچا ٿيس تہ سنگت ساٿ کان ويو، ٻچا ساماڻس تہ پنهنجي پاڻ کان ويو. (ترجمو)

٢ . مڱيو تہ اڙيو، پرڏيو تہ پيو ڪاٺ، ماڻهو ڪريو ماٺ، مڙس بہ ويو تہ پئسا بہ ويا.

٣ . مڱيو تہ ويو ملڪ کان، پرڏيو تہ ويو ماءُ پيءُ کان، ڄائس ٻار تہ ويو پاڻ کان.

## ٢٨ . بياه نينهہ کيتا ورے جنجاں چڙهديان بهوں ڏٺيان نيں۔ (ڪهاوت)

بياه: وهانءُ. جنجاں: ڄڃ. ڏٺيان نيں: ڏٺيون آهن.

ضروري ناهي تہ ماڻهو، هر ڪم ڪري ۽ پوءِ ان ۾ مهارت حاصل ڪئيس. ڪي ڏنڊا، ڏسڻ وائسڻ سان بہ ڏانءُ اچي ويندا آهن. انهن لاءِ ڪا اڳوات تعليم يا تربيت حاصل ڪرڻ جي ضرورت نہ هوندي آهي. جيئن هڪڙو ماڻهو، بلوغت کي پهچڻ کان پوءِ، شاديءَ جي تمنا ڪري تہ ڪانئس، ان ڪرڻ واري عمل جو تجربو يا تعليم نہ پڇي ويندي آهي. بلڪ ان اناڙي يا ناتجربيڪار کي، هر ڪو پنهنجي الهڙ ۽ نوخيز نياڻي، جنهن کي گهر گرهستي هلائڻ جو تجربو يا خاص سرٽيفڪيٽ نہ هوندو آهي، يڪدم پرڻائي ڏئي ڇڏيندو آهي. اهڙيءَ طرح ماڻهو، زندگيءَ ۾ ڄائو هڪ دفعو آهي ۽ مرندو بہ هڪ دفعو. هاڻي ڪانئس مرڻ وقت، مرڻ جو تجربو تہ نہ پڇبو. پرڻي ۽ مرڻي جي تجربي لاءِ، ٻين جو مڱڻو، پرڻو ۽ مرڻو ڏسڻ ڪافي آهي.

مطلب:

١ . پرڻيو ناهيان تہ ڄاڃي ضرور ٿيو آهيان. (ترجمو)

٢ . پرڻيا ناهيون تہ ڄاڃي ضرور ٿيا آهيون، مئا ناهيون تہ ڪلهي ڪانڌي ضرور ٿيا آهيون.

## ٢٩ . پتريا تے تريا۔ (ڪهاوت)

پتريا: چاچو. پتريها: پائٽيو. تريا: ٽيون.

رشتن ۾ پهريون رشتو، ماءُ ۽ پيءُ جو آهي. ٻيو پائرن جو آهي. چاچي-پائٽي وارو رشتو، ٽئين نمبر تي آهي. فطري طور تي اوليت، پهرين ٻن رشتن کي، ٽئين رشتي جي ڀيٽ ۾، وڌيڪ ڏني ويندي آهي. چاچو، پهرين تہ پاءُ جي رشتي جي سبب، پائٽين تي مهربان هوندو آهي. پائٽيا بہ پيءُ وئي کان

پوءِ چاچي کي ئي پيءُ سمجهندا آهن. پر وقت گذرڻ پڄاڻان، چاچي کي جڏهن گهر گرهستي ۽ ڏيئڻ پٽن جا مسئلا وکوڙڻ شروع ڪندا آهن ۽ پائٽين ڏانهن توجهہ هٽندو اتس تہ ٻنهي ڌرين جي دل ۾ بي اعتمادي پيدا ٿيندي آهي، جيڪا وڌي وڌي ڪڏهن خونريز دشمنيءَ تائين وڃي دنگ ڪندي آهي. تواريخ جي ورقن تي اک-وتائي ڏسبي تہ چٽو نظر ايندو: ويجهن رشتن ۾ اگر خون جي ڪا سازش ٿي آهي تہ اها انهن ٻن رشتن جي وچ ۾ سرس ٿي آهي. مامي-ڀاڻيجي جي وچ ۾ يا ڀين رشتن جي وچ ۾ گهٽ ٿي آهي، ڇو جو جهيڙي جو سبب، عمومًا گڏيل ملڪيت ئي رهي آهي، جيڪا وقت سر نبري نہ سگهي هجي. اها ڳالهہ عام طور انهيءَ ٽئين نمبر رشتي اندر ئي ڏٺي وئي آهي.

**مطلب:**

١ . چاچو: ٽيون رشتو.

٢ . **پتر پهاتے ترپا۔ (کہاوت)**

٣. پائيٽيو: ٽيو.

٤ . چاچي-پائٽيي جو رشتو، وقتي ٽئين نمبر تي هليو ويندو آهي.

٥ . چاچي-پائٽيي وارو رشتو، پيءُ-پٽ واري رشتي جهڙو ناهي.

٦ . ملڪيتن جي ورهاست تان، چاچي-پائٽيي جو رشتو، دشمني تائين هليو ويندو آهي.

### ٣٠ . پرہا پرہاواں دے، پتر ماواں دے۔ (کہاوت)

**پرہا:** پائر. **ماواں:** مائرن.

دنيا جو ڪار-وهنوار، هڪڙي ربط تحت هلي رهيو آهي. اهو ربط، قدرت طرفان مقرر ڪيل رشتن ناتن جي جوڙجڪ سان قائم آهي. جيئن آڳرين جا نهن، ماس کان ڇڄڻ ڏکيا آهن، تيئن اهي رشتا پڻ ڇڄڻ جي حساب سان ڏکيا ٽٽندا آهن. پائر وڏهڻ کان پوءِ بہ پائر ئي سڏبا، پٽ جدا ٿيڻ بعد بہ پٽ سڏبا. جڏهن تہ دوست وڙهڻ بعد، دشمن سڏبو آهي. پر هي بہ رشتا اهڙا آهن، جيڪي وڙهڻ، وڙهي ڊانگ و ڊانگ ٿيڻ پڄاڻان بہ رشتيداريءَ جي وڪڙن مان نہ اُڪٽي سگهندا آهن ۽ نہ معنيٰ ڦيري سگهندا آهن.

مطلب:

۱ . پائر، پائرن جا، پٽ مائرن جا. (ترجمو)

۲ . پائر، پائرن جا، چچڙ ڪانون جا.

۳ . پيٺيو: پهائی پهائیاں دے، چهائی سر گرائیاں دے۔ (کہاوت)

### ۳۱ . پرون کوزے آں آکھے؛ دو موریا تے اپنا کجھ شمار ای نیئھ۔ (کہاوت)

**پرون:** پروڻ، پرڻ، چاڻي، گيچڻ. **کوزے آں:** ڪوزي ڪي، ڪونئري ڪي. **دو موریا:** ٻہ-ٽونگا.

عيب يا وڏنهن ڪڍڻ، انساني فطرت آهي. هر ماڻهو عيبدار آهي. پنهنجي عيبن کي لڪائڻ يا گهٽائڻ بدران، ڪوشش ڪندو آهي ته ٻين جا عيب ڳولهي ۽ ڪين لوئي ته جيئن سندس عيب، ٻين جي نظر تي نہ چڙهن. حالانڪ، ان سان ويتر سندس ئي خواري ٿيندي آهي. پاڻ ٻين جا چند عيب ڏسي ٿو. جڏهن تہ ٻيا، سندس ان دشمنيءَ جي بدلي، سندس عيبن جي ٿوهہ ۾ اهڙا عيب ۽ نقص ڪڍي ٿا ونن، جيڪي پلي منجهس هجن ئي نہ.

پرڻ، اٽي چاڻڻ جي ڪم ايندو آهي. منجهس سوين سوراخ هوندا آهن. سندس اهي بي انداز سوراخ، جيڪي عام ماڻهو ڳڻي ئي نہ سگهي، سندس عيبدار هئڻ لاءِ ڪافي آهن. تنهن هوندي بہ اهو ويهي، ٻن ٽنگن واري تي ديڪ ڏئي، سا عجب جهڙي ڳالهہ آهي.

مطلب:

۱ . پرڻ ٿو چوي ڪونئري کي: هل ٻہ-ٽنگا. (ترجمو)

۲ . پرڻ ٿو چوي ڏونگهي کي: هل تہ-ٽنگا.

۳ . مينهن ٿي چوي ڳئونءَ کي: هل پڇ-ڪاري.

۴ . جڏهن گهڻن عيبن وارو، ٿورڙن عيبن واري جي گلا ڪري، تڏهن ائين چيو ويندو آهي.

۵ . جڏهن ماڻهوءَ کي ساڳيا عيب پاڻ ۾ نظر نہ اچن ۽ وينو ٻين جو لٿو لاهي تہ ان کي اهڙي وقت تي ٺوڪ طور ائين چئبو آهي.

### ۳۲ . پکن میوے، کھاون نصیب والے۔ (کہاوت)

ميوو، پنهنجي مند تي پچي راس ٿيندو آهي. ڪچو ميوو ڪائي ته سگهجي ٿو، پر منجهس ڪائڻ جو سواد ۽ فائدو ايترو ناهي، جيترو پچڻ پڄاڻان هوندو اٿس. اڪرندڙ مند جو ميوو، فائدو يا سواد ڏيڻ جي بجاءِ نقصانده ئي هوندو آهي. هر ميوو، مند تي ئي واپرائجي ته بهتر. ابهر سان، ڪيميڪلن جي زور تي، اڳوات تيار ڪيل ميوو وَٿ طور ته ڪائي سگهجي ٿو پر نه ڪائجي ته بهتر. جڏهن ته پنهنجي پوري مند تي رسيل ميوو ڪائڻ لاءِ ٿورو ترسڻو پوندو آهي. اهو صبر ڪرڻ به ڪن سهپ ۽ نصيب وارن ماڻهن جو ڪم آهي. مند تائين جيئرو رهڻ، پئسا پاڇي ڪري منداڻتو ميوو خريد ڪري گهر اچڻ، نصيبن تي انحصار ٿو رکي.

مطلب:

١ . پچن ميوا، ڪائن نصيبن وارا. (ترجمو)

٢ . پڪل ميوو به: ڀانصيب.

٣ . پڪي ماني به: ڀانصيب.

۴ . وڻ هڪڙا لڳائين ٿا، وڻن جا ڦل وري نصيبن وارا ڪائين ٿا.

## ٣٣ . پہائی پہائیاں دے، چھائی سر گرائیاں دے۔ (کہاوت)

*پہائی:* ڀائي، ڀائر. *چھائی:* ڇائي، ڏوڙ. *سر:* مٿو، منهن. *گرائیاں:* ڳونائي، ڳوناڻان، ڄٽ.

ڀائرن جي وچ ۾ ٿيل اٽبٽت، هڪ ڏينهن نبرڻي آهي. ان ڪري ٻين لاءِ بهتر آهي ته تماشو ڏسڻ يا ذر ٿيڻ بدران سندن ناهه بابت ڳالهيون هلائن. چيٽا-پور ٿيڻ سان، آخر هلي پاڻ ڪي ان ڏينهن ڏنو-ونو ڪرائيندا، جڏهن اهي وڙهيل ڀائر، پاڻ ۾ نهي ڪير ڪنڌ تي ويندا. به-وڙهائوءَ لاءِ، اها اهڙي صورتحال هوندي، جيئن ڪنهن جي منهن ۾ ڏوڙ جا ٻُڪ ڀري اڇلي هٽجن. ان ۾ خواري به آهي ته آئنده جو رستو به وڃائڻو آهي.

مطلب:

١ . ڀائر، ڀائرن جا، ڏوڙ ڳوٺ وارن جي منهن ۾.

٢ . مِٺ پاڻ ۾ سرچي ويندا، وچ-ڪٽيا ٻچڙا پيا ٿيندا.

٣ . ڀيٽيو: پرہا پرہاواں دے، پتر ماواں دے۔ (کہاوت)

## ٣٤ . پھڈ سوئی یا تروئی؛ ہِک ای گل اے۔ (کہاوت)

**پھڈ سوئی**: ٻار ڄڻڻ، ويم ڪرڻ، ويائي. **تروئی**: ڪهائي، ٻار ڪيرائڻ، ڇڪي اڇڻ، حمل ڪرڻ.

حامله عورت جي پيٽ اندر، سرجيل ٻار جا سنجريل سور، سهڻ ڪان وڏا هوندا آهن. جيءَ اندر سرجيل ٻيو جيءُ، ڪٽڻ ۽ اندر پالڻ اهنجو آهي. پنهنجو ڇڙو سر ڪٽي هلڻ ئي ڏکيو آهي تہ پريل پيٽ سان هلڻ اجا اوکو آهي. جڏهن سور سنجرندا آهن، تڏهن ويتر ويڏن تي ويندي آهي. ان صورت ۾ ڳورهاريءَ جي حالت جري هوندي آهي. مرڻ جهڙي ڪشمڪش مان گذرڻو هوندو اٿس. ان ڪي ان وقت هر صورت ۾ آجائي ڪپي. ٻار زنده نڪري يا مئل، پر هن جو سر بچائڻ ضروري هوندو آهي. ٻنهي صورتن ۾، ٻار ڄڻڻ يا ڪيرائڻ وارين ۾، حامله جي حمل منجهان، هڪ جيترو ئي خون وهي اُڙهندو آهي، جيڪو ڪيس نهوڙي رکندو آهي. جڏهن ٻنهي صورتن ۾ ساڳيا سور ۽ ساڳيون سختيون سهٽيون آهن تہ پوءِ بهتر آهي تہ ٻچہ ۽ زچہ، ٻنهي ڪي صحيح سلامت رکڻ جي ڪوشش ڪجي.

ان ڪان علاوه ڪڏهن ڪنهن حامله ڪي، ڪمزوريءَ سبب ڇڪي بہ اچي ويندي آهي. ان صورت ۾ بہ ڪيس ساڳي پيڙا ۽ ساڳئي درد منجهان گذرڻو هوندو آهي.

مطلب:

١ . ويائي يا ڪهائي، هڪ ئي ڳالهہ آهن.

٢ . ويائي آهي ڪهائي.

٣ . ويم جا سور ۽ ڇڪيءَ جا سور، هڪجيترا پوڳڻا هوندا آهن.

## ٣٥ . پھگن؛ کھلیاں ہگن۔ (کہاوت)

**پھگن**: ڦڳڻ، هندي مهيني جو نالو، جيڪو فيبروري-مارچ ڏاران اچي. **کھلیاں**: ميدان تي، واٽ تي، بيني بيني. **ہگن**: هنگڻ.

ڦڳڻ جي مهيني منجهہ موسم تبديل پئي ٿيندي آهي. رات ٺرندي آهي ۽ فرحت بخش هئڻ سان گڏ، رلي وجهڻ تي پڻ مجبور ڪندي آهي. اگر پِل ۾ رات جو لٿو جسم تان لهي ويو تہ صبح ڏاري زڪام شروع هوندو. وري

صبح ٿيندي گرمي شروع ٿيندي. ڏينهن جو، ڇٽ سبب، پگهر پيا ڳڙندا. ماڻهو، اهڙي گرميءَ ۾ ٻاهر جهنگ ۾ ويهي ئي نہ سگهندو. اگر اهڙي وقت تي تورو لڳندو تہ لازمي آهي تہ جهنگ ۾ پهچي، قرار سان ويهڻ کو نہ ڏيندو. انهن ڏينهن ۾ جڏهن، مرد گهرن جون پُئيون يا ڪاڪوس خانا، ويهڻ لاءِ پسند نہ ڪندا هيا، تن ڏينهن ۾ تورو ڪرڻ لاءِ جهنگ ۾ وڃڻ ڏاڍو ڏکيرڙو هوندو هيو. ماڻهو وڃي بيني پير ئي موتڻ جي ڪندو هيو. اوڊڙ تاڙڻ بجاءِ، رستي يا ميدان تي حاجت پوري ڪري پڄڻ جي ڪندو هيو. ٻين لفظن ۾، بيني پير ڪاڪوس ڪرڻو پوندو هيس.

مطلب:

١ . ڦٻڻ، ميدان تي هنگڻ. (ترجمو)

٢ . ڦٻڻ ڦوسيارو: راتيان پارو، ڏينهان پاگهارو.

٣ . ڦٻڻ ڦُلهاريو: رات سيارو، ڏينهن اُونهارو.

۴ . آرڙهہ جي تتي ڏينهن، سانوڻ جي وسندي مينهن، سياري جي آڌي رات، شل ٿئي نہ هنگڻ تات. (سنڌ)

## ٣٦ . پهيڙے موڻها بچو، پهيڙی گل ای نکلدی اے۔ (کهاوت)

*پهيڙے*: بڇڙو. *موڻها بچو*: واتئون، وات منجهان. *پهيڙی*: بڇڙي.

ماڻهوءَ جي مزاج جي ڄاڻ، سندس مک منجهان نڪتل گفتن مان ئي پئجي ويندي آهي. چڱي جي واتان چڱيون ۽ چڱائيءَ واريون ڳالهيون پيون نڪرنديون آهن. بڇڙي جي واتان اها ئي بڇڙائپ واري ڏپ پئي ايندي آهي.

ماڻهو، سڄو ڏينهن جهڙي صحبت ۾ گذاري ٿو، اتان جا لڇڻ پرائي ۽ اظهاري ٿو. چڱن جي صحبت ۾ چڱايون ۽ بڇڙن جي صحبت ۾ بڇڙايون پرائي ۽ اپنائي ٿو. چڱن سان گڏ ويهڻ جو مثال ائين آهي جيئن عطار سان گڏ ويهڻ. ڪانئس، عطر خريد نہ ڪبو، تہ بہ شام ڌاري جسم ۽ لٽن مان سرهاڻ واري مهڪ پئي اٿندي. اهڙيءَ طرح، بڇڙن جي سنگت ائين آهي، جيئن لوهر سان ياري. سندس سنداڻ تان اٿيل چڻنگون اگر ڇڏن ۾ نہ لڳيون تہ شام ڌاري لٽن تي ڪارنهن ۽ ڪيري ضرور چنبڙيل هوندي.

مطلب:

١ . ٻچڙي وات مان، ڳالهيون ٻہ ٻچڙيون ئي نڪرنديون آهن. (ترجمو)
٢ . چندي جي واتان، ڳالهيون ٻہ چندائپ واريون اپڙڪا ڏينديون.
٣ . سون پرکجي ڪسوٽيءَ، روپو پرکجي باهہ، ماڻهو پرکجي تڏهن، جڏهن ڪي ڳالهاءِ.

### ٣٧ . پوهہ مانگهہ نرا؛ ڏيهاڙي ڇمڙ، راتي کرا. (ڪهاوت)

پوهہ: پوهہ، هندي مهيني جو نالو، ڊسمبر-جنوريءَ ڌاري اچي. مانگهہ: مانگهہ، ماگهہ، هندي مهيني جو نالو، جنوري-فبروريءَ ڌاري اچي. نرا: نر آ، بهادر آ. ڏيهاڙي: ڏينهن جو. ڇمڙ: جهڙ، ڪڪر ڪارونيار. راتي: رات ڌاري. کرا: آسمان صاف.

پوهہ ۽ مانگهہ جا مهينا، سرديءَ جا مهينا آهن، جن منجهہ ڏينهن جو سج توري وقت لاءِ نڪرندو آهي. هر ڪو تڙڪو پيو جاچيندو آهي. جڏهن تہ موسم جي راند وري ٻي هوندي آهي. هڪ تہ ٻئي مهينا نر يعني پنهنجي پر ۽ هٺ تي ٻضد هوندا آهن، ٻيو وري رات جو آسمان صاف هوندو تہ ڏينهن جو جهڙ-ڦڙي واري ڏک پيو ڏيندو. سرديءَ ۾ جُهڙ جو ٽيڻ، گهٽڻ نڪمن ڪي ڪم نہ ڪرڻ لاءِ، ٻهاني طور هٿ اچي ويندو آهي. تن لاءِ وڏڙا چوندا آهن: مولا وسائي مينهن تہ ڪانيارا ڇٽن ڪم ڪان.

مطلب:

١ . پوهہ ۽ مانگهہ نر آ: ڏينهن جو جهڙ، رات جو ڪر آ. (ترجمو)
٢ . پوهہ مانگهہ جي مهينن ۾ سردي پنهنجي عروج تي هوندي آهي. ساڻس ڪينس نہ ڪري سگهبي.

### ٣٨ . پوهہ مانگهہ؛ پکهانے؟ (ڪهاوت)

پوهہ مانگهہ: هندي مهينن جا نالا: پوهہ ۽ مانگهہ. پکهانے: پڪاٽو، هڪڙي جهنگلي ميوي جو نالو.

پڪاٽي نالي سان جهنگلي ميوو ٿيندو آهي، جنهن جو ٻوٽو ڪنڊيدار هوندو آهي. ميوو، ڳاڙهاڻ مائل ڪارو ٿيندو آهي. قد ۾ ڇٽي/ ڦاروي/ پٽ تر يا پيرونءَ جيترو ٿيندو آهي.

اهو ميوو يا سوغات، هميشہ هاڙهہ ۽ سانوڻ جي مهينن ۾، جڏهن چؤماسي جون برساتون پونديون آهن، تڏهن پاٽمرادو جهنگن ۾ قدرتي پوندو آهي. پوهہ يا مانگهہ جي مهينن ۾ ٿيندو ئي ناهي. هاڻي اگر ڪو ماڻهو اچي اهڙي ڳالهہ ڪري تہ ڪيس يا ڪوڙو سمجهبو يا بيوقوف.

مطلب:

١ . پوهہ ۽ مانگهہ: پڪاٽو! (ترجمو)

٢ . بي موقعي جو فروٽ/ ميوو يا معمول جي خلاف ڪا ڳالهہ ڏسڻ سان، اهي الفاظ زبان تي اچي ويندا آهن.

٣ . بيوقوفيءَ/ وائي توائيءَ جهڙيون ڳالهيون ڪندڙ لاءِ، ٽوڪ طور ائين چئبو آهي.

## ٣٩ . پيدل تے اسوار دي رات؛ ہکی جائی آندی اے۔ (کہاوت)

هن ڪهاوت اندر، ايسپ جي آکاڻيءَ ڏانهن اشارو آهي، جنهن ۾ اهو ٻڌايل آهي تہ هڪڙي ڪچونءَ (ڪميءَ) هڪڙي سهي سان شرط پچائي. طئي اهو ٿيو تہ هڪڙي ميدان جي هڪ سري کان شرط شروع ٿيندي، ميدان جي ٻئي ڇيڙي تائين مقابلو ٿيندو. اهو مفاصلو، ٻنهي منجهان جيڪو اڳ ۾ ڪري وٺندو، تنهن اها شرط کٽي.

شرط واري ڏينهن تي، ٻين پاڻ جهڙن ساهدارن کي امين واري، ٻنهي ساڳي ليڪ تان سفر شروع ڪيو. سهو هلڻ جو چوهو هيو، سو تہ ويو ميدان کي سرڙيندو. اڳيرو ٿيڻ کان پوءِ، پوئتي ڏنائين. ڪچونءَ کي هلڻ ۾ ڏاڍو ڍرو محسوس ڪيائين. سمجهيائين: سڄو ڏينهن هٽندو مس وڃي، اهو پنڌ پورو ڪندو. ان ڪري ٿڪ پيڄڻ لاءِ هڪڙي وڻ هيٺان ساهي پٽڻ ويهي رهيو. ٿڪل هيو، سو وڻ جي ڇانءَ ۾ ڪيس آرام اچي ويو ۽ ننڊ ڪٽي ويس.

ڪچون، پنهنجي چال سان هلندو رهيو. تان جو شام ڏاري وڃي طئي ٿيل منزل جي ويجهو ٿيو. ان وقت سهي جي اک کلي، پوءِ تہ گهڻو ئي ڀڳو، پر ڪچون شرط واري جاءِ تي ڪانئس اڳي پهچي چڪو هيو. اها شرط، ان ڪچونءَ، پنهنجي مسلسل جدوجهد سبب کٽي، جو رستي ۾ ٽڪجي ساهيون نہ پٽيائين. بلڪ توڪل ڪري هلندو رهيو.

هن ڪهاوت مان بہ مراد ساڳي آهي.

مطلب:

١ . پيادي ۽ سوار جي رات، ساڳي جاءِ تي هوندي آهي. (ترجمو)

٢ . ڪچون ۽ سهو شام ڌاري، رات ٽڪڻ لاءِ، ساڳي منزل تي ئي وڃي ترسيا. ڪو بہ اڳتي يا پوئتي نہ ترسيو.

### ٤٠ . پير آزما کهن، کهوڑا دوڑا کهن۔ (کهاوت)

کهن: گهن، وٺ، خريد ڪر. کهوڑا: گهوڙا، گهوڙو.

پير يا مرشد، هدايت واسطي وٺڻ ضروري آهي، ڇو جو شيطان، انسان جو ازل کان ويري آهي ۽ ڪيس هر جاءِ تان پلائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل رهندو آهي. عالم ڪي علم سان، جاهل ڪي جهل سان برغلائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ان ڪري سڌي راهہ اختيار ڪرڻ واسطي، هادي/ رهبر/ سونهون وٺڻ ضروري آهي. جيئن دنياداريءَ جي معاملن ۾ پڇائي پڇائي، رستا اختيار ڪيون ٿا، تيئن ديندارِيءَ ۾ پڻ ڪامل ولين ۽ رب جي پهتل ٻانهن جي رهبريءَ هيٺ زندگي گذارڻ ۾ عافيت آهي. ان لاءِ لازمي آهي تہ مرشد ان ماڻهوءَ کي ڪري وڃي، جيڪو سنت ۽ شريعت جو پابند هجي. ڏسي وائسي، جاچي جوچي سندس هٿ تي بيعت ڪجي.

اهڙيءَ طرح، اڳاتي زماني ۾، سفر توڙي حضر ۾، گهوڙو ئي سواريءَ طور ڪم ايندو هيو. اهو ئي سونهون، اهو ئي بار ڪٽيندڙ ۽ منزل تي پڄائيندڙ هوندو هيو. اگر گهوڙو، صحيح نموني سان، سيکاريل ۽ پنڌ تي هيرايل هوندو هيو تہ سوار سکون سان هوندو هيو. اگر اهو ڪٽر ۽ نٽر هوندو هيو تہ منزل منزل جي ماڳ موراڳو، ٽڏي تي ئي ڪڏائي، سيس يا سوار کي پٽ تي اڇليندو هيو. ان ڪري لازمي طور، ڏسي وائسي خريد ڪرڻو پوندو هيو.

مطلب:

١ . مرشد ڏسي وائسي ڪجي، گهوڙو گهمائي وٺجي. (ترجمو)

٢ . ڏهي ڏهائي وٺجي، ٽڪي جي دانگي بہ وڄائي وٺجي.

### ٤١ . پير پٽر نہ دتا، رن نينهہ کهدا۔ (کهاوت)

پٽ جهڙي نعمت حاصل ڪرڻ لاءِ، چڱا ڀلا ماڻهو، پنهنجو وس ڪندا آهن. چڱي نسل منجهان شادي رچائيندا آهن. اگر موميي ٻار سنجرڻ ۾، وقفو

پئجي ويندو آهي تہ دايون ۽ حڪيم پچائيندا آهن. دوا درمل اثر نہ ڪندا آهن تہ دعا سڳي، توٽي ڦيٽي لاءِ زندھ پيرن ڏي واجهائيندا آهن.

اگر ڪو اتي وڃڻ ۾ هچڪچائيندو آهي تہ ڪيس اهو آتت ڏنو ويندو آهي تہ اگر پير جي درگاھ تي وڃڻ پچاڻان، تنهنجي پٽ ملڻ واري مراد پوري نہ ٿي تہ تون اتي زال قرائي نہ ايندين.

مطلب:

١ . پير پُٽ نہ ڏيندو تہ زال ڪو نہ ڪسيندو. (ترجمو)

٢ . اڳلي وٽ ڪم لاءِ وڃڻ ۾ هٺڪ محسوس نہ ڪجي. ڪم نہ ڪندو تہ قريندو ڪو نہ.

٣ . عمر نيئي نيئي مارئي نيندو، ٽرئون تہ ڪو نہ ٿيلهيندو.

## ٤٢ . پيسا پاء، تے نالے کھا۔ (کہاوت)

مفت جي شراڪت ڪير بہ برداشت نہ ڪندو آهي. گهر ۾ بہ ماني ان ڪي چڱيرڙي ملندي آهي، جيڪو ڪمائي اچي ٿو. نڪمي ماڻهوءَ ڪي ماني ڏيڻ وقت مائٽن جو بہ ارواح نہ ورندو آهي. ڏارئي ماڻهوءَ ڪي هڪ ڏينهن، بہ ڏينهن چڪي تاڻي تي ڏينهن ماني ڪارائي سگهبي. پوءِ تہ ڳوٺ جو ڏڳ ونرائبس. ان جي ابتڙ، جيڪو ماڻهو، ڪمائي اچي ٿو، پوءِ اهو گهر جو ڀاتي آهي يا مهمان آهي، تنهن ڪي هر ڪو سڌي پاڻ سان ماني ڪارائي ٿو. جيڪو پئسو نہ ٿو گڏي خرچ ڪري تنهن ڪي ڏار ماني ڏيڻ لاءِ بہ ڪير تيار نہ هوندو آهي.

مطلب:

١ . پئسا ملاءِ، گڏجي ڪاءُ. (ترجمو)

٢ . خرچ ڪرڻ واري تي ٻيا بہ خرچ ڪن ٿا.

## ٤٣ . پیسے دی گدڑی، روپیا پیاتے اوڑی۔ (کہاوت)

اڳاتي دور ۾، پئسو پنجڙ جان سان رڪٽو پوندو هيو. بئنڪون هيون ڪو نہ. ٻين وٽ ڏراوت طور رکڻ بہ خطري ڪان خالي ڪو نہ هوندو هيو، ڇو جو ماڻهوءَ جي ڪرڻ يا ٻي ايمان ٿيڻ جو وقت مقرر ٿيل ناهي. ان ڪري ڪي ماڻهو، ناڻو صندوقن ۾ بند ڪري، مٿانئن بندوقن سان پهرو ڏيندا هيا. ڪي زمين ۾ پوري ڇڏيندا هيا. جڏهن تہ سفر حضر منجهہ، اهو ناڻو جان سان رڪٽو هوندو هيو. چوٽي پڻ هئي: رن ران سان، پئسو جان سان. جان

سان ٽڏهن ڀڏي سگهبو هيو، جڏهن ڪنهن ڪپڙي منجهه ڀڏل هجي يا ڪپڙي جي ٿهيل ڳوٿريءَ ۾ منجهه سانڍيل هجي. پوءِ اهو ڪمر سان يا چيلهه سان ٻڌي چڏبو هيو.

سادي ڪپڙي جي ڳوٿري، بربلن ٽڪن پوڻ تي ڳري ڇجي پوندي هئي، جنهنڪري اها ڳوٿري اگر مضبوط ناهڻي هوندي هئي ته چمڙي منجهان ٺهندي هئي، ان ڪري جان سان ڇهتيل هوندي ڪو نقصان نه رسائيندي هئي.

سادي ڪپڙي جي ڳوٿريءَ ۾ پئسا پوندا ته ڦاٽي پوندي.

مطلب:

١ . پئسي جي ڳوٿري، رپيا پوڻ سان ڇاڻ اڏڙي. (ترجمو)

٢ . پیسے دی گتھی وچ روپیا پیا تے پھٹ جلدی اے۔ (کہاوت)

٣ . پئسي جي ڳوٿريءَ ۾، رپيا پيا ته ڦاٽڻ لڳندي. (ترجمو)

٤ . ڍءُ جهلي: يا مينهن، يا پاپڙو.

٥ . پوءِ ڍائي ماڻهوءَ وٽ ڌن دولت اچي ته ڦاٽان ڦاٽان ڪري.

## ٤٤ . تھوڑا کھانا، سکھیا رہنا۔ (کہاوت)

انسان کاڌو ان لاءِ کائيندو آهي، ته جيئن جسم جي اندر رطوبت ٺهي. رت، مسلسل ٺهندو رهي ۽ رڳن اندر وهندو رهي. ان سان جياپو آهي، ان سان حياتي آهي. کاڌو، حد کان گهٽ کائبو ته جسماني ضرورتون پوريون نه ٿينديون. حد کان وڌيڪ، يا جسم جي گهرج کان واڌو/ سرس کائبو ته هضم ڪرڻ لاءِ، معدي کي محنت گهڻي ڪرڻي پوندي. جنهن سان معدو ڪمزور ٿي سگهي ٿو. ان کان علاوه، واڌو کاڌل کاڌي جو بوجهه به جسم کي ڪٽڻو پوندو، جيڪو به چڱي ڀلي جسم کي چني وجهندو آهي.

پورو پورو ۽ وت آهر کائجي. گهٽ ڀلي کائجي پر وڌ نه کائجي جو، ڇو جو وڌيڪ کاڌل، نهوڙي وجهندو آهي.

مطلب:

١ . ٿورو کاءُ، سکيو گذار. (ترجمو)

٢ . لوڪ سهائيندو پائجي، هٿ سهائيندو کائجي. (چوڻي)

٣ . ڄٽ: يا ڇاڄ مري، يا کاءِ مري. (چوڻي)

### ۴۵ . تو ڪون؟ مين خوامخواهہ۔ (ڪهاوت)

اتي ئي سوال آهي تہ: ”تون ڪير آهين؟“ اتي ئي اڳلي طرفان تصور ڪيل جواب آهي: ”مان تہ اجايو يا فضول ٽنگ-اڙائيندڙ آهيان.“

جڏهن ڪو ماڻهو، ٻين جي معاملي ۾ خوامخواهہ بي مقصد ۽ بنا دعوت جي ٽنگ اڙائيندو آهي تہ ڪي ٽوڪ طور ائين چئبو آهي. ان مراد سان، تہ اڳلي کي باور ڪرائجي تہ: ”تون ري سڏيو، اڻ ڪوٺيو يا بي دعوتيو، اسان جي معاملي ۾ پيو ٽنگ اڙائين، سو چڱو ناهي.“

مطلب:

١ . تون ڪير؟ چي: مان خوامخواهہ. (ترجمو)

٢ . پراوا ٽٽ، پنهنجي مغز ۾ نہ وجهجن.

٣ . نانگن کي، پنهنجي ٻچيءَ جو هار ڪري، نہ پائجي.

### ۴٦ . ٹہاڪے داويلا؛ ادها چٹا، ادها ميلا۔ (ڪهاوت)

**ٹہاڪے:** پهاڙي، پهاڙ جو. **ويلا:** ويلو، وقت، پوشاڪ، ڪپڙو. **ادها:** اڌ. **چٹا:** سفيد، ڌوتل. **ميلا:** ميرو، اڻ ڌوتل.

پهاڙن جي اندر رهندڙ، جيڪي پوشاڪ يا ڪپڙو پائين ٿا، سو جيستائين پورو ميرو نہ ٿو ٿئي، تيستائين لاهين نہ ٿا. ان جو سبب، ڪم ڪار کان علاوهہ پاڻيءَ جي اڻ هوند آهي. جڏهن برسات پوي تہ پاڻيءَ جا انجر چنجر ٿي وڃن: نہ روڪي سگهجيس، نہ ڪنو ڪري سگهجيس. هلندي برسات ۾ ڪپڙو لاهڻ، ڌوئڻ، سڪائڻ پڻ ڏچو. وري جڏهن برساتون اوڪاٽجي وڃن تہ پيئڻ لاءِ پاڻي ميسر نہ هجي تہ وهنجڻ ۽ ڪپڙو ڌوئڻ لاءِ تہ اجا نہ ملي. تنهنڪري پاتل پوشاڪ، جلدي نہ مٽائين. هڪ تہ جبل تي يا ٽڪرين ۾ ڌوڙ مٽي آهي ڪو نہ جو ڪپڙو جلدي ميرو ٿئي يا ميرو نظر اچي. وقت گذرڻ پڄاڻان، فطري طور تي هر شيءِ ميري ٿئي ٿي، جنهنڪري ڪپڙو ڪٿان ميرو تہ ڪٿان صاف سٿرو پيو نظر ايندو.

مطلب:

١ . پهاڙي پوشاڪ: اڌ اجري، اڌ ميري. (ترجمو)

٢ . پہاڑ داویلا؛ ادھا چڑھا، ادھا میلا۔ (کہاوت)

٣ . پهاڙي وڳو: اڌ اجرو، اڌ ميرو.

### ٤٧ . جتنا بڑا سر، اتنی بڑی سر دردی۔ (کہاوت)

سر: مٿو.

تجربن مان ڏسي ۽ مشاهدن سان پرکي، اها ڄاڻ ملي آهي ته جنهن ماڻهوءَ جو مٿو وڏو هوندو آهي، اهو سياڻو هوندو آهي. وٽس ڪيئي معاملا، حل ڪرڻ واسطي هر وقت موجود هوندا آهن. پاڻ به انهن منجهان، بجاءِ بيزار ٿيڻ جي، حل ڪري پيو مزا ماڻيندو آهي. ٻين ماڻهن جي آڏو، اگر اهي معاملا ڏسڻ لاءِ اچن ته هوند، بيزار ٿي پيجي وڃن، ڇو جو انهن معاملن ۾ ڪوفت، سر دردي ۽ مغزماري تمام وڏي هوندي آهي.

اهو به ڏٺو ويو آهي ته جنهن جو مٿو وڏو هوندو آهي، ان جو مغز وڏو ۽ دل ننڍي ٿيندي آهي. ان سبب، سندس سوچ سمجھ سجيهہ هوندي آهي پر دلير، گهٽ هوندو آهي. هر معاملي ۾ سوچي سمجهي، سنجيدگيءَ سان هٿ وجهندو آهي. ان جي ڀيٽ ۾، ننڍي مٿي واري جو مغز ننڍو ۽ دل وڏي هوندي آهي. ان سبب، اهو هر معاملي ۾ دليريءَ سان، بنا سوچ سمجھ جي، ڪاهي پوندو آهي. ننڍي مٿي وارو، ان قسم جي سردردي نہ ڪٽڻ چاهيندو آهي.

مطلب:

١ . جيڏو وڏو مٿو، اوڏي وڏي مٿي-ماري. (ترجمو)

٢ . جيڏا اٺ، تيڏا لوڏا.

٣ . رب تعاليٰ بہ سهنديءَ جا بار رکي ٿو.

٤ . سر وڏو سپوت جو، پير وڏو ڪپوت جو. (تر)

### ٤٨ . جتنے مونہہ، اتنیاں گلاں۔ (کہاوت)

مونہہ: وات، منهن، ٻوٿ. گلاں: ڳالهيون، خيال، راءِ.

انسان، سوچي ته دل ۽ دماغ سان ٿو پر پنهنجي خيالن جو اظهار، زبان جي ذريعي ڪري ٿو. اها اظهار واري زبان، وات جي اندر، ڏندن جي پهري ۾ محفوظ هوندي آهي. مڙني حِسن: ڏسڻ، سنگهڻ، چکڻ، ٻڌڻ، ڇهڻ جو

مرڪز، منهن آهي. انهن جا آرگن، منهن يا چهري اندر رکيا ويا آهن. ٻين آڏو، ماڻهوءَ جو اظهار يا پيغام اتان، روانو ٿئي ٿو.

هر ماڻهوءَ جو مهاندو پنهنجو آهي. زبان جو لهجو ۽ آواز جي ڍار پڻ مختلف آهي. پردي ۾ پيو ڳالهائيندو، ته ٻڌڻ وارو پيو ڪنائيندو ۽ ذهن تي زور ڏيندو ته اهو آواز ڪنهن جو آهي، ڇو جو هر ڪنهن جو آواز هڪ ٻئي کان مٽ آهي. اهڙي نموني، هر هڪ جي سوچ، جيڪا جڙي ته حواس خمسه جي ذريعي ٿي، پر هوندي مختلف آهي، ڇو جو هر ڪو هر معاملي کي ڏسي پنهنجي پنهنجي اينگل کان ۽ پنهنجي نظر سان ٿو، جنهن سبب هر هڪ جي مشاهدي جو ڦيرو ٿيو وڃي. نتيجي طور هر هڪ جي سوچ پڻ جداري ٿيو وڃي.

جيترا ٻوٿ يا وات هوندا، منجهن زبان ته هڪ هڪ هوندي، پر واتن جي حساب سان ڪوڙ تي ويندي. منجهائن نڪرندڙ ڳالهيون يا سوچون، ساڳئي معاملي منجهہ هڪ ٻئي کان مختلف هونديون. ڳالهائڻ کان پوءِ، گيڙ-ٻگيڙو ٿي ويندو.

مطلب:

١ . جيترا وات، اتريون ڳالهيون. (ترجمو)

٢ . هر ڪنهن جي راءِ، پنهنجي پنهنجي هوندي آهي.

٣ . هر ماڻهوءَ منجهہ، عقل-ذرو سبيل ئي رکيل هوندو آهي، جيڪو ٻين جي عقل کان مختلف هوندو آهي.

## ۴٩ . جتھے گڑ ہوندے، اتھے مکھیاں ہوندئین۔ (کہاوت)

هر ساهدار، کاڌي جي شين کي طلبيندڙ ٿيندو آهي. مَکِ، مناڻ کي پسند ڪندڙ جيت آهي. گند تي ويهي، اتڻ بعد، ڪنهن چڱي شيءِ تي اچي ويهندي آهي. اتي ٻہ مناڻ، خاص طور تي گڙ کي پسند ڪندڙ آهي. گڙ يا مستي ڪنڊ جي پيٽ ۾ نرم، ڪاڇرو ۽ وڏيڪ مٺيون هونديون آهن، جنهن سبب جي ڪري مک لاءِ مرغوب هونديون آهن. ڪنڊ، مصري، پتاشو، ريوڙي يا ڪتل وغيره پڻ مٺيون آهن، پر اهي پورو يا ريشيدار گهٽ آهن، جنهنڪري مک جو لاڙو انهن ڏانهن، گڙ جي پيٽ ۾ گهٽ هوندو آهي.

مطلب:

١ . جتي ڳڙ هوندو، اتي مکيون ضرور هونديون. (ترجمو)
٢ . ڪاڏي ڏانهن، هر ساهدار جو لاڙو هوندو آهي.

## ٥٠ . جدهر سر، ادهر سرہانا۔ (کہاوت)

سر: مٿو. سرہانا: وهاڻو.
مٿو، ماڻهوءَ جي جسم اندر هڪ لڱ يا عضوو آهي. ٻين سمورن لڱن جي ڀيٽ ۾، عزت ۽ شرف ۾ سرس آهي، جنهنڪري ٻين عضون جي ڀيٽ ۾، ان کي مٿانهون رکڻو آهي. هر ڪو ڪوشش ڪندو آهي ته اهو هر حال، سڄائي توڙي اميريءَ ۾، مٿي ئي رهي. وهاڻن جي ٽيڪ ڏئي به ان کي مٿي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اگر مهمان ايندو آهي ته ڪيس اوطاق ۾ آڌرڀاءُ ڪرڻ ۽ سندس ڳاٽ اوچو رکڻ لاءِ، کٽ ۽ رلِيءَ سان گڏ وهاڻو ضرور کٽي اچبو آهي. جيئن ٽيڪ لڳائي آرام سان ويهي.
مطلب:
١ . جتي مٿو، اتي وهاڻو. (ترجمو)
٢ . عزتدار ماڻهو، عزت واري جاءِ تي ئي اچي ويهندا آهن.

## ٥١ . جڑھا اتّھے خوار، اوہ مکے بھی خوار۔ (کہاوت)

مڪي پاڪ جي اندر، ڪعبو نهيل آهي، جيڪو قبله اول آهي. ان جي هر شيءِ تعظيم لائق آهي. اتي حجر اسود، ميزاب رحمة، باب ملتزم، حطيم، رڪن يماني، مقام ابراهيم، آب زم زم، صفا جي ٽڪري، مروه جي ٽڪري، منيٰ، مزدلفه، ميدان عرفات، جبل رحمة، مسجد جن، جبل ابراهيم، غار ثور، غار حرا وغيره جهڙا شعائر آهن. جڏهن ته مڪي پاڪ کي قرآن مجيد ۾ رب پاڪ بلد الامين سڏيو آهي. اتي حج ۽ عمره جهڙيون عبادتون ۽ سعادتون حاصل ٿين ٿيون، جيڪي دنيا جي ٻي ڪنهن ڪنڊ ڇا، ڪائنات جي ڪنهن ڪنڊ ۾ نه ٿيون ٿي سگهن. اتي گنهگار ماڻهو، روئي رب کي ٻاڏائي ۽ ريجهائي ٿو. ساري زندگيءَ جا ڪيل گناهه معاف ڪرائي، ائين پاڪ صاف ٿئي ٿو، جيئن ماءُ جي پيٽان تازو ڄاول ٻار هوندو آهي.

اتي بہ پاڪ صاف ٿيڻ لاءِ اهو شرط آهي، هتان اندر صاف ڪري پوءِ وجي. جيڪو بد ارادي سان ويندو، اهو اهڙو ئي واپس ايندو، جهڙو ويندو. هتائين پنهنجي پرڪارن ۾ پڪو ٿي موٽندو.

مطلب:

١ . جيڪو هتي خوار آهي، سو مڪي ۾ بہ خوار ئي ٿيندو. (ترجمو)

٢ . عملن جو دارومدار، نيتن تي آهي.

٣ . حضرت عيسيٰ جو گڏهہ مڪي وجي، تہ بہ اٿن هٽڻ واري عادت ڪان نہ مڙي.

۴ . ابو جهل ۽ ابو لهب جهڙا ڪٽا ڪافر بہ مڪي ۾ دفن ٿيل آهن.

۵ . عملئون ڇٽي نہ ڪير، جيسين ڦيرو نہ ٿئيس فضل جو.

## ۵٢ . جڑھا چھانسی، اوہ جانسی۔ (کہاوت)

**چھانسی:** ڇاڻسي، ڇاڻيندو، ڇنڊ ڇاڻ ڪندو. **جانسی:** ڄاڻسي، ڄاڻندو، ڄاڻ رکندو.

**چھانڑدے:** ڇاڻدي، ڇاڻيندو آهي، ڇنڊڇاڻ ڪندو آهي. **جانڑدے:** ڄاڻيندو آهي، ڄاڻ رکندو آهي.

دنيا جو ڪو بہ ڪم، بغير سکڻ جي صحيح نموني سان نہ ڪري سگهبو آهي. سکڻ کان پوءِ بہ منجهس مهارت تڏهن حاصل ٿيندي، جڏهن ان کي وري وري ڪبو. نتيجن تي غور ڪبو. نفعي نقصان جي ڇنڊ ڇاڻ ڪبي. اڳين تجربي وارن سان صلاح سباب ڪبي. ڪائنئن ڄاڻ وٺبي. انهن جي ٻڌايل علم جي روشنيءَ ۾، پنهنجي ڪيل تجربن ۽ مشاهدن کي ملائي، رب جي ڏنل ذات يا عقل کي استعمال ڪندي، ڇنڊي ڇاڻي، اخذ ڪيل راهہ وٺبي تہ ڪارائتي رهندي. مٿس هلي، منزل ماڻبي ۽ دنيا جا فائدا حاصل ڪبا.

مطلب:

١ . جيڪو ڇاڻي، سو ڄاڻي. (ترجمو)

٢ . جڑھا چھانڑدے، اوہ جانڑدے۔ (کہاوت)

(جو ڇاڻيندو، سو ڄاڻيندو. ترجمو)

٣ . محنت ڪرڻ وارو، رستو لهندو.

۴ . جو ڳوليندو، سو لهندو.

## ٥٣ . جڙهي جڻني کو لوڙرے، اوه بياه اي نہ کرے۔ (ڪهاوت)

جڻني: جڻڻ، ويم ڪرڻ. جڻي: جڻي، شخص، مرد.

اصل مسودي منجهہ لفظ جڻي لکيل آهي، جنهن جي معنيٰ جڻو، شخص يا مرد ئي ٿي بيهي. اهو نہ پرٽجڻ جو دليل نہ ٿو ٿي سگهي. اصل مؤلف، جڻو لکيو آهي، جيڪو غلط نظر اچي ٿو.

عورت لاءِ، شادي ايتري ضروري آهي، جيتري مرد لاءِ. پوءِ اها، شادي ڪيس ڪرٽي بہ مرد سان آهي. ڪنهن نامرد يا عورت يا ٻار سان ناهي ڪرٽي، ڇو جو منجهانئن شادي ڪرڻ وارو مقصد ئي پورو نہ ٿيندو. غرضَ، جيڪا عورت ڪي شادي ڪرڻ ۽ پنهنجي پيءُ ماءُ جو گهر ڇڏائي ٿي سا آهي، پنهنجو گهر آباد ڪرڻ. اهو گهر آباد ٿيندو، انهن ٻارن ٻچن سان، جيڪي اها پاڻ جڻيندي.

ٻار نپائڻ تاتڻ تمام سولو ۽ دل وندرائيندڙ ڪم آهي. مڙس جي خدمت ۾ ۽ ساٽس سمهڻ ڪرڻ ۾ بہ عجيب مزو ۽ ڪيفيت آهي. عورت جي مٿان جيڪا ان سڄي مرحلي مان ڏکي گهڙي گذري ٿي سا آهي، ٻار جڻڻ واري. جڻڻ وارا سور، ٻين سورن کان اور آهن.

ڪي عورتون درد زهہ ۾ سر بہ وڃائي ويهنديون آهن. ٻار ابتو يا پيرڙيو آهي، عورت ڪمزور ۽ ٻار طاقتور ٿي ويو آهي. ڏهن مهينن کان وقت گهٽو ٿي ويو آهي يا ٻار آڳاٽو پيو اچي. انهن صورتن ۾ جيڪي ويل عورت مٿان وِهائجن ٿا، سي تصور کان وڏا آهن.

هاٽي ڪا عورت، اهي سور ساري ۽ ٻار جڻڻ واري عمل تان هٿ ڪٽي، رڳو اهو چوي تہ شاديءَ جا ٻيا سڀ ڪتراڳ برداشت ڪندس پر ويم جا سور مون کان برداشت نہ ٿيندا، تہ پوءِ شادي ڇا لاءِ ٿي ڪري. مرد جي طرفان شادي ڪرڻ جي آخري منزل آهي ئي ٻار حاصل ڪرڻ، جنهن سنڌ عورت منجهان ٻار جڻڻ جي اميد نہ هجي، مرد جو ڏانهنس لاڙو يا الفت ئي نہ ٿيندي آهي.

مطلب:

١ . جيڪا جڻڻ/ جڻي کان ڊڄي، سا پرٽجي ڇو؟ (ترجمو)

٢ . جيڪا ويم جا سور برداشت نہ ڪري سگهي، سا شادي ڇو ڪري؟!

٣ . جيڪا ٻار جڻڻ کان لهرائيندي، تنهن سان شادي ڪير ڪندو؟

## ٥٤ . جڙهي متهے پچ ہے، اوه ہتهے پچ اے۔ (ڪهاوت)

انسان جي فطرت آهي، جنهن شيءِ جو خبط سندس مغز ۾ ويهندو آهي، لڳ لاڳاپا بہ ان سان رکندو آهي. جيڪا شيءِ سندس نرڙ تي قادر مطلق پنهنجي قدرت سان لکي آهي، سا ئي ڪيس نصيب ٿيندي. ان جو روڳ ئي متي ۾ هوندس. ان کي حاصل ڪرڻ جا وسيلا سندس ويجهو هوندا. ان ڏانهن لاڙو ۽ التفات هوندس. اها ئي شيءِ سندس لاءِ ڪارائتي (فائدو يا ضرڙ ڏيندڙ) هوندي. ان مان ڪيس اهو ئي معاملو رسندو، جيڪو قسمت لکڻ واري، سندس لاءِ لکي ڇڏيو آهي. ان کان نہ ذرو هيٺ ٿيندو، نہ ذرو متي ٿيندو. نہ گهڙي اڳي ٿيندو، نہ گهڙي پوءِ ٿيندو.

مطلب:

١ . جيڪا نرڙ ۾ آهي، سا هٿ ۾ ملندي؟ (ترجمو)

٢ . لکيو منجهہ نراڙ، قلم ڪياڙيءَ نہ وهي.

٣ . لکيو منجهہ ازل، تنهن کي ڪير وجهي جهل.

## ٥٥ . جسدا هووے پلسی یار، اساں دشمن کے پکار۔ (ڪهاوت)

**پلسی:** پوليس وارو، سپاهي.

سپاهي يا پوليس واري جي نوڪري آهي ئي، ماڻهو پڪڙڻ. ان کي روزي روٽي ملي ئي انهيءَ منجهان ٿي. جيترا ماڻهو گهڻا پڪڙيندو، اوترو سندس ڪارڪردگي وڌندي. پنهنجي واقفڪارن مان بہ اڪ-ٽيٽ ڪري پيو ڪَسا پڪا ۽ ڪمزور ماڻهو تاڙيندو تہ جيئن وقت سر پنهنجي ڪارڪردگي وڌائڻ ۾ ڪين استعمال ڪري سگهي.

ڪنهن سان اگر سپاهيءَ جي ياري آهي تہ اُهو، اِهو نہ سمجهي تہ سپاهيءَ ساڻس ان لاءِ ياري رکي آهي تہ وقت تي سپاهي ڪيس ڪم ايندو. بلڪ ابتو سمجهي، يعني سپاهيءَ ان لاءِ ياري رکي آهي تہ جيئن وقت تي اهو پاڻ ڪم ڪدي سگهي. سپاهي ڪمزور هوندو تہ پيو هينانهين-متانهين ڪندو. جيئن طاقت يا پاور مليس، تيئن پنهنجا-مارَ شروع ڪندو. ان ڪري ان منجهان وفا جو آسرو رکڻ ئي عبث آهي.

ان ڳالهہ کي سمجهڻ لاءِ هڪڙو ضرب المثل ٽوٽڪو پڙهڻ وارن جي دلچسپيءَ خاطر هيٺ ڏجي ٿو.

هڪڙي ماڻهوءَ مرڻ وقت پنهنجي پٽ کي ٽن ڳالهين جي نصيحت ڪئي:

١ . رنڊيءَ وٽ ڪڏهن نہ وڃجان. اگر مجبوريءَ تحت وڃڻو پوئي تہ صبح جو سوير وڃجانس.

٢ . دل جي راز واري ڳالهہ گهر-واريءَ کي ڪڏهن بہ نہ ٻڌائجان.

٣ . سپاهيءَ سان ياري نہ رکجان. پل پلايو ٿِي وڃي تہ مٿس اعتبار/ آسرو نہ ڪجان.

پيءُ جي وفات پڄاڻان، هڪ ڏينهن پٽ جي دل تي انهن ٽن نصيحتن اچي هرڪر لاتي. دل ۾ آيس تہ: اڄ ابي جي ٽنهي نصيحتن کي ڪٽي آزمائي ڏسجي.

هڪ ڏينهن صبح مردان جو اٿيو ۽ سڌو بازاري عورت جي ڪوٺي تي وڃي نڪتو. پهرينءَ سَٽ ڪيس سڃاڻي ئي نہ سگهيو. بغير ميڪ اپ جي، زناڪاريءَ واري ڇهري جو ڀيانڪ روپ، سندس اکين آڏو هيو. ڏاڍي وحشت، نفرت ۽ مونجهہ محسوس ڪندي، اتان پوئين پير گهر اچي پهتو. سڄي عمر لاءِ اها ڳالهہ ڳنڍ ٻڌي ڇڏيائين تہ زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ پلجي اوباش قسم جي ماڻهن جي صحبت ۾ وڃڻو ناهي.

هاڻي هن هڪڙي پوليس واري سان وڃي ياري رکي. ياري بہ مٿو مٿي تي.

پيءُ جي ٽيون نمبر نصيحت آزمائڻ لاءِ، هڪڙو ڇيلو ورتائين، تنهن کي سير وجهي، ڪل سميت هڪڙي ٻوريءَ ۾ ٻڌي، اچي گهر جي ڇت جي شهتير ۾ لڙڪائي ڇڏيائين. ٻوريءَ مان ٽمندڙ خون ڏسي، زال حيرانگيءَ مان پڇيس: ”هيءُ ڇا آهي؟“ ڪيس آزمائڻ لاءِ، راز جي ڳالهہ ڪندي ٻڌائينس: ”هڪڙو جاني دشمن هيو، جنهن کي ماري، سندس لاش رولڻو هيم. هاڻي ماري آيو آهيانس. سندس لاش، هن ٻوريءَ ۾ بند ڪيو اٿم. جيستائين ان کي ٺڪاڻي لڳائڻ جو وجهہ ملي، تيستائين هتي ٽمايانس ٿو. هاڻي هڪ خبر تو کي، ٻي مون کي. ڪنهن کي اهو دل جو راز نہ ڏجانءِ.“

زال سان اهي ڳالهيون سلي، پاڻ وقتي سنگت ساٿ ۾ نڪري ويو.

جوڙس، هڪ عورت ذات، ٻيو گهر جي ڇت ۾ لڙڪيل خون ٽمندڙ لاش ڏسي، ٿوري وسمي وئي. اچي هرڪر ۽ ڳڻتيءَ ورايس. مڙسس جي دوست پوليس واري جو گهر بہ سندن گهر جي پرسان هيو. ان جي گهرواريءَ سان وري هن عورت جي سهيلائپ هئي. ڳالهہ هن کان پيٽ ۾ نہ ٽِڪي ۽ يڪدم

وجي سهيليءَ سان سليائين. ان وري پنهنجي مڙس سپاهيءَ سان راز ڳرهيو، جيڪو يڪدم صوبيدار کي وٺي اچي جاءِ واردات تي پهتو. عين وقت تي گهر-ڌڻي بہ گهر ۾ موجود هيو. لڙڪندڙ خون-ٽمندڙ ٻوري، سندس سامهون هيٺ لاٿائون ۽ ڪيس سڳ سوڌو، ٿاڻي تي وٺي اچي پهتا. پنهنجي يار سپاهيءَ کي مدد لاءِ چيائين. ان مدد ڪرڻ کان اڪيون اهڙيءَ طرح ڦيريون جو ڄڻ هن جو واقف ئي نہ هيو. چيو: "هي خون جو ڪيس آهي. ان ۾ ڪهڙي مدد. هر ڪا ٻڪري پنهنجي ڦاهي ٽنگبي. هتي ڪر، هتي لوڙ. ان ۾ اسان ٻين جو ڇا؟"

جنهن بعد هن، صوبيدار صاحب کي ٻوري ڪولي جاچ مڪمل ڪرڻ جو عرض ڪيو. ٻوري ڪوليائون تہ منجهانئس ڪُتل ڇيلو نڪتو. صوبيدار ڏسي پڇيس: "هي ڇا هي؟"

ان سوال تي ڪيس پيءُ جي نصيحت سميت، سربستو قصو ڪري ٻڌايائين. جنهن کان پوءِ سندس جان ڇٽي ۽ پيءُ جون ٻڌايل باقي بہ نصيحت آميز پيشنگويون بہ سچ ثابت ٿيون.

مطلب:

١ . پوليس وارو هجئي يار، ٻيو دشن ئي نہ ڏار؟ (ترجمو)

٢ . ڦڦڙ نہ گوشت، سپاهي نہ دوست.

٣ . جهڙيءَ طرح ڦڦڙ يا اوجهريءَ منجهان ٻئي گوشت وارو ذائقو نہ ٿو ملي، تهڙيءَ طرح سپاهيءَ جي دوستيءَ مان دوستيءَ واري آسيس نہ ملندي.

## ٥٦ . جسدی شے گمدی اے، اسدا ایمان بھی گم جلدے۔ (کہاوت)

انساني سڀاءُ ۾، دنيا جي شين سان انسيت رکيل آهي. انسان جو منجهن ڄڻ ساهہ هوندو آهي. انهن جو نقصان، پنهنجي جان جو نقصان پيو پائيندو، انهن جي حفاظت ڄڻ پنهنجي جان جي حفاظت پيو سمجهندو. جان تي اچڻ ڏيندو، مال متاع، ڍڳي ڍور، ٽپڙ ٽاڙيءَ، ڌن دولت تي اچڻ نہ ڏيندو. چور چڪار سان وڙهڻ تہ ڇا، پنهنجن سان بہ اچائيندي دير نہ ڪندو.

ملڪيت مان ٿوري شيءِ گهٽ ٿيس تہ هٿن مان پيو ويندو. فريفتہ ۽ بيزار بيزار پيو ٿيندو. ڄڻ ايمان ئي انهن ۾ هيس، جيڪو انهن جي وڃڻ سان هليو ويو اٿس. اها ڳالهہ وقتي طور سندس ذهن مان ئي محو ٿي ويندي

آهي تہ هر شيءِ جو اصل مالڪ، الله آهي. جنهن الله اها ڏني هئي، اهو ڪسي بہ سگهي ٿو. ڪسڻ پڇاڙان وري موٽائي بہ، اهو ڏيڻ چاهي تہ، ڏئي سگهي ٿو.

مطلب:

١ . جنهن جي شيءِ گم ٿيندي آهي، ان جو ايمان بہ گم ٿي ويندو آهي. (ترجمو)

٢ . ان تہ ايمان، نہ تہ بندو ئي بي ايمان.

٣ . ماڻهوءَ جو ايمان، جڏهن شين ۾ اچي ويهندو آهي، تڏهن انهن جي وڃڻ سان ايمان هليو بہ ويندو آهي.

۴ . ايمان آهي مهمان. ٽڪندو تڏهن، تعظيم ملندس جڏهن.

## ٥٧ . جلاہیاں دے ٹھٹھے؛ ماواں پنہیراں دے نال۔ (ڪهاوت)

جلاہیاں: ڪوري، آڏاٽي تي ڪم ڪندڙ. ٹھٹھے: ڪل مذاق، هاسي، چرچو يوڳ.

ماواں پنہیراں: مائرن ڀينرن، نياٽين سياٽين سان.

ڪوري، ڪم سان ڪم رکندڙ مخلوق آهي. پاڻ نہ اوڊي بہ ٻين لاءِ ڪپڙو اڻن ٿا. ان، ڌاڳي ۽ اٽاوت تي مغزماري ڪرڻ ۾ مصروف رهندڙ هيءَ شريف مخلوق، عزت تہ لهڻي. ڪتابن ۾ اچي ٿو تہ: ڪاسبي، الله جو دوست آهي. ڪوري، ڪپڙو اڻڻ جو ڪسب ڪري، حق حلال جي روزي روٽي هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ڪنهن ڪان ڦري نہ ٿو ڪائي. هاڻي ان سان ويهي مذاق ڪجي يا مٿس ٺنول، چٽر، ڏنڪ ويهي ناهجي. اها ڳالهہ نهي نہ ٿي.

اهڙي اشراف ماڻهوءَ سان ڪل مذاق ائين آهي، جيئن ماڻهو، جنهن ماءُ ڀيڻ جي هٿ جي رڌو پڪو ڪائي وڏو ٿئي يا سندن هٿ جو ڌوتل لٽو لڳن تي ڪري، ۽ ساڻن ويهي ٺوڪ چٽر واري ٻولي بہ ڳالهائي. اهڙي ماڻهوءَ جي عقل تي هر ڪو حيران ضرور ٿيندو.

مطلب:

١ . ڪورين سان مذاق، مائرن ڀينرن سان مذاق. (ترجمو)

٢ . ڪدڙي سان ڪينس، ماءُ ڀيڻ سان ڪينس.

## ٥٨ . جلوا گے، تے چھاٹ پچھے دیئو۔ (ڪهاوت)

**جلو:** جلو، هلو. **ڇهاٽ:** بوڇاڙ. **ڇڇي:** پوئتي.

دنيا اندر انسان جو اچڻ، هڪ مسافر وانگر آهي. نہ روزي روٽي هٿ ۾ ڪٽي آيو آهي، نہ وري لٽو ڪپڙو تن تي اٿس. ڄمڻ کان اڳ، نہ ڪنهن جاءِ جڳهہ تي سندس نالو نشان آهي ۽ نہ وري سندس نالو، جهان وارن کي ڪو اڳي پتو سڌ آهي. هن هل هلان جي جهان ۾ هڪ هنڌ ڄمي ٿو، سوَ جايون مٽي ٿو. هڪ هنڌان ٻئي هنڌ، ٻئي کان ٽئين هنڌ. ڪڏهن نوڪريءَ جي بهاني، ڪڏهن شاديءَ جي واسطي، ڪڏهن واپار سانگي. الغرض ڪيئي معاملا آهن، جن جي ڪري ماڻهو لڏ پلاڻ ڪندو رهي ٿو.

ان لاءِ اهو چيو ويو آهي تہ اڳتي وڌو يا لڏي پلي وڃو، پر پوين سان، جن سان چار ڏينهن گذاريا هجن، چار ٿهڪ ڏنا هجن، تن سان بہ روابط ختم نہ ڪجن. لڏڻ کان پوءِ ائين هليو نہ وڃجي يا واسطا ٽوڙي نہ وڃجن، جو ڪڏهن ڪنهن سان مڪا ميلو ٿئي تہ ڳل-لڳڻيءَ کان تہ وڃجي پر منهن-پڪٽي بہ هليو وڃجي.

مطلب:

١ . هلو اڳتي، پر بوڇاڙ پوئتي ڏيو. (ترجمو)

٢ . پڄندو بہ وڃجي، رهائيندو بہ وڃجي.

٣ . ماني بہ موڪلائجي، جان بہ ڇڏائجي.

## ٥٩ . جند نروئي، مل نينهہ ڪوئي. (ڪهاوت)

**جند:** جند، جان، سرير، جسم. **نروئي:** درستگي، چاقائي، ٺيڪائي. **مل:** ملهہ، قيمت. **نينهہ:** ناهي.

جهان جي اندر، انسان کي زندگي گذارڻ لاءِ، ڪوڙ ساريون نعمتون جهان مان ئي ملٽيون آهن. جڏهن تہ ڪي مخصوص نعمتون، هو پاڻ سان، ساڻ ڪنيو آيو آهي. جهڙوڪ: سرير، حياتي، عمر، نصيب، حسب نسب وغيرهہ. ڪيس مخصوص علائقي ۽ حسب نسب يا قوم اندر، مخصوص ماڳ مڪان تي مقرر وقت تي موڪليو وڃي ٿو.

عمر يا حياتيءَ جي موڙي ڪٽي، انساني سرير سان جيڪو آيو آهي، سو ڪوشش ضرور ڪندو تہ اها موڙي چڱن ڪمن ۾ استعمال ڪري ۽ پاڻ

کي خوش رکي. خاص طور تي پنهنجي سرير بابت، هر کنهن کي ڳڻتي ضرور هوندي آهي. اهو خوش ۽ صحتمند هجي. ان سان سکون ۽ ذهني طراوت آهي. ان سان ماڻهو هڪ طرف ٻين جي محتاجيءَ کان بچي ٿو، ٻئي طرف ٻين جي ڪم اچي، دعائون ڪٺي ٿو.

مطلب:

١ . صحتمند سرير جهڙي نعمت ئي ڪانهي. (ترجمو)

٢ . تندرستي: هزار نعمت.

٣ . رب هلنديءَ هلائي، ڪنهن جي محتاجي نہ ڏئي.

## ٦٠ . جيسا مونهہ، ايسي چپيڙ. (ڪهاوت)

**جيسا:** جهڙو، وانگر. **مونهہ:** منهن، ٻوٿ، ٿوبڙو. **ايسي:** اهڙو، هوبهو. **چپيڙ:** ٿڦڙ، موچڙو، ورتاءُ.

دنيا جو ڪاروبار، انساني روابط سان ملحوظ آهي. ٻين جي طرفان، واسطي يا معاملي ۾ اچڻ کان بغير، ڪو بہ ڪم اڪلائجي سگهڻ ممڪن هجي پر مشڪل ضرور آهي. اجتماعيت سان وابستہ آهن، دنيا جي ترقي ۽ معاملات.

هر معاملي کي، جاچي جوچي، سلجهائڻ جي ڪوشش ڪبي تہ معاملو حل بہ ٿيندو ۽ نبرندو بہ هلندو. اگر ڌيان نہ ڏبو تہ معاملو ڪرندو/ بگڙندو ويندو، تان جو ان کي سلجهائڻ ڏکيو ٿي ويندو.

اهڙيءَ طرح، هر ماڻهوءَ جو معاملو آهي. ٻين جي واسطيداريءَ کان سواءِ، ڪيترا ئي معاملا الجهيل رهن ٿا. انهن سان بہ جيڪڏهن سندن طبيعت ۽ طبعي ميلان مطابق رويو رکبو تہ نيڪ آهي، نہ تہ معاملا نهڻ بجاءِ ڪرڻ شروع ٿي ويندا، جيڪي بعد ۾ سلجهائڻ ڏکيا ٿي ويندا. ان ڪري اٽندي ئي اڪ پٽجي.

مطلب:

١ . جهڙو ٻوٿ، تهڙي چپاٽ. (ترجمو)

٢ . جهڙو منهن، تهڙو موچڙو.

٣ . جهڙي ذات، تهڙي پات.

٤ . منهن ڏسي، منائي گهرجي.

۵ . جهڙو لڳي اتر واءُ، تهڙي ڏجي پٽ.

### ٦١ . جيسے روح، ايسے فرشتے- (ڪهاوت)

ماڻهو دنيا جي اندر، مقرر وقت لاءِ، مخصوص زماني اندر اچي ٿو. عمر جي محدود موڙي ساڻ ڪٽي اچي ٿو. پنهنجي رب جي زمين تي، رب جي ڏنل نعمتن سان، سندس عبادت/ٻانهپ ڪندي، سندس مخلوق سان واسطيداريون نيائي ٿو. سندس آزمائش، انهن روابط نيائڻ ۾ رکي وئي آهي. مخلوق ڏانهن سندس رويو ڪيئن آهي. رب جي مخلوق سان ڪيئن ٿو اٿي ويهي. انهن جي خدمت ڪري ٿو يا نہ.

هڪڙن ماڻهن ۾، ڪمزور مخلوق جي خدمت ڪرڻ جي طاقت رکي، ساڻن واسطا رکايا ويا آهن، جيئن ڪيس آزمائي سگهجي. اگر اهو طاقت هوندي، ڪمزورن جي مدد ۽ خدمت ڪري ٿو تہ پوءِ هن دنيا مان لڏڻ وقت ساڻس اهڙو ورتاءُ ڪيو وجي ٿو. اگر هوندي سوندي، ڪير ڪمزور مخلوق جي خدمت نہ ٿو ڪري تہ ساڻس اهڙو ورتاءُ ڪيو ويندو. يعني سندس بہ مدد نہ ڪئي ويندي. اگر ڪو بہ آڳر اچا وڏي، مدد ڪرڻ، مدد ڪرڻ جي ماڳ، موراڳو ڪمزورن کي آزاري ٿو تہ دنيا ڇڏڻ وقت، سندس روح قبض ڪرڻ لاءِ اهڙا فرشتا موڪليا وڃن ٿا، جن جو روپ ئي ڀيانڪ هوندو آهي.

هر ماڻهوءَ سان دنيا اندر، اهو معاملو ٿئي ٿو، جهڙو پاڻ ٻين سان ڪري ٿو. ايستائين جو مرڻ وقت، ڪيس روح قبض ڪندڙ فرشتا بہ ان شڪل ۾ نظر اچن ٿا.

مطلب:

١ . جهڙا روح، تهڙا فرشتا. (ترجمو)

٢ . جهڙا روح، تهڙا ختما.

٣ . جهڙي نيت، تهڙي مراد.

۴ . جهڙو ورتاءُ، تهڙو انجام.

### ٦٢ . چاڙے ہتھ سنيہا؛ جواب کجيہا- (ڪهاوت)

چاڙے: گونگو، ٻي زبانو. ٿتھ: هٿئون، هٿارئون، معرفت. سنيہا: سنيهو، نياپو، پيغام. ڪجيہا: ڪهڙو، ڪنهن جهڙو.

نياپو يا اندر جي ڳالهہ اڳلي تائين پهچائڻ لاءِ، زبان جو سهارو ورتو ويندو آهي. هم زبان سان هم ڪلام ٿيڻ لاءِ روبرو ويهبو آهي. توجهہ ڏئي ڳالهہ ٻڌبي بہ آهي تہ ٻڌائبي بہ آهي. اگر ٻي زبان جو آهي تہ وچ ۾ مترجم ويهاربو آهي.

اگر وچ ۾ وڏو فاصلو آهي تہ پوءِ موقف، لکيت ۾، خط تار يا ٻئي ڪنهن وسيلي/ ذريعي سان پهچائبو آهي. اجا بہ معاملو تڪڙو هوندو آهي تہ وچ واري ماڻهوءَ کي نياپو ڏئي پڄائبو آهي تہ جلدي ورندي وني اچي. ان ۾ ڪوشش ڪبي آهي تہ نياپي کڻي اچڻ وارو، نہ ٻار هجي، نہ ئي بيوقوف هجي. نياپي پهچائڻ ۾ اڪريءَ جي ڦڪري نہ ڪري اچي.

پلي نياپي پهچائڻ وارو، هم زبان، بالغ ۽ سٺوپرو آهي پر ڳالهائڻ ۾ گونگو آهي تہ اهو بہ نہ پيغام/ نياپو پڄائي سگهندو، نہ ئي وري ورندي وني اچي سربستو حوال ڪندو. بجاءِ سلجهائڻ جي هر معاملو بگيڙي، ڪن ڪري ايندو. نياپو وغيرهہ جهڙو اهم ڪم ڪرڻ وقت، سٺوپرن ماڻهن جي جاچ جوچ ڪري، پوءِ مٿن ذميداري رکجي تہ نتيجو ڦلدار نڪرندو. ٻي صورت ۾ فائدو فائدي جي ماڳ، الٽو مسئلا ڳچيءَ ۾ پئجي ويندا.

مطلب:

١ . گونگي جي زباني نياپو، پوءِ جواب ڇا هجي؟ (ترجمو)

٢ . گونگن جون آجون، گونگا ئي سمجهن.

٣ . ٻار جي ٻولي، ٻيو ٻار سمجهي يا سندس ماءُ سمجهي.

## ٦٣ . چاءِ دي سرڪي؛ ڏوگي رهن ڪوٺا ڪڙڪي. (ڪهاوت)

چاءِ: چانهن. سرڪي: سرڪ، چشڪو. ڏوگي: زمين، ٻني ٻارو، ڪيت. رهن: گروي، رهن، ڳهہ. ڪوٺا: جاءِ، بنگلو، جڳهہ، ماڙي. ڪڙڪي: قرق، قرقي، ڳرڻ، ڳارڻ، ڳهہ ڳارڻ.

چانهن: نہ دوا آهي، نہ غذا آهي. جڏهن تہ ڪانئس ڪو وانجهيل ناهي. هر ماڻهو صبح سان اٿڻ وقت، هڪڙو ڪوپ چانهن جو ضرور گهري ٿو. اها اهڙي چاهت آهي جو ڪير ان کي خراب يا نقصانڪار بہ نہ ٿو سمجهي.

خراب سمجهيو ويندڙ ڪم ڪان نفرت بہ ڪبي آهي ۽ منجهانئس جان آجي ڪرڻ جي ڪوشش بہ وٺبي آهي. جڏهن تہ چانهن جي معاملي ۾ ائين ناهي. هر ڪو ڪيس ضرورت سمجهي پيئي ٿو. حالانڪ، نہ ان ۾ نشو آهي، نہ وري ننڊ ڦٽائڻ بعد، جسم کي قوة بخشڻ جي صلاحيت اٿس.

پنهنجي محدود زندگيءَ اندر، عام انسان ايتري چانهن واپرائي ٿو، جو ان جي خرچ منجهان چڱا خاصا ڪم ٿي وڃن. تجربي مان ڏٺو ويو آهي، جن کي چانهن جي علت/ لت پيل آهي، سي پئسن جي اٿهوند ۾، اوڌر پاڌر تي جيتري هوٽلن تي چانهن پيئن ٿا ۽ يارن دوستن کي پيئارين ٿا، ان سان مقروض ٿي وڃن ٿا. قرض لاهڻ لاءِ، جڏهن سندن جائداد گروي رکجي ٿي يا ڳارجي ٿي تہ پوءِ ٿي خبر پوي تہ چانهن پيئڻ جو ڪيترو خرچ آهي ۽ ان سان مالي نقصان ڪيترو آهي. يڪدم زبان تي اچيو وڃي: ”چانهن ساڙي چڏيا، آندا اشرافن جا.“

مطلب:

١ . چانهن جي چشڪي: زمين گروي، جاءِ ڳهہ. (ترجمو)

٢ . دنيا جون لذتون، آخر هر شيءِ نيلام ڪرائين.

٣ . بي لذت گناهہ جي پچاڙي، خراب.

## ٦٤ . چاہ کو چاہ اے۔ (کہاوت)

**چاهہ:** چاهت، محبت، ڪشش، چڪ، سڪ.

گهرڻ، آهي گهرڻ وٽان. ٻئي کي جيترو چاهبو، اڳلو بہ اوترو ئي چاهيندو. بين مان فقط ڪم ڪڍڻ ۽ مطلب پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي تہ اڳلا بہ پنهنجا پير اتي جهليندا، جتي سندن جان جو بچاءُ هوندو. اڳتي ڪنيل قدم بہ پوئتي هٽائي ويندا.

ٻئي کي دل سان سارڻ بہ ائين آهي. جيترو ڪنهن کي دل سان ساربو، اڳلو بہ اوترو ئي ساريندو. دل سان سار تہ واحدنو آهر ۾. اگر نفرت سان ساربو تہ اڳلو بہ پرپٺ ساريندو ضرور پر پيو ڪتا ڪهندو.

اهو هڪڙو فطرت جو اٽل اصول ۽ قانون آهي. بلڪ قرآن مجيد ۾، الله تبارڪ و تعالىٰ پنهنجي يادگيريءَ واري معاملي ۾ بہ ائين ئي فرمايو آهي. فاذڪروني اذڪرڪم. مون کي ياد ڪر تہ مان تو کي ياد ڪيان. مطلب تہ

جيترو تنهنجي دل اسان ڏانهن ورندي، اسان ان کان بہ وڌيڪ تو ڏانهن توجهہ ڪنداسين. دنياداريءَ جو اصول پڻ ائين آهي. جيترو ۽ جهڙي نيت سان ٻين سان ورتاءُ ڪبو، ٻين مان بہ اوتري ۽ اهڙي ئي اميد رکڻ گهرجي.

مطلب:

١ . محبت لاءِ محبت آهي. (ترجمو)

٢ . دل کي دل کان راهہ ايندي آهي.

٣ . تون گهر منهنجي جائي کي، مان گهران تنهنجي کٽ جي پائي کي.

۴ . گهرڻ آهي، گهرڻ وٺان.

۵ . تاڙي ٻنهي هٿن سان وڄندي آهي.

٦ . چاهت سان نوڪري ڪيو، اڻ چاهيءَ جو نالو نہ وٺو.

٧ . پيٽيو: دو ہتھڑ، تالی بجتی ہے۔ (کہاوت)

## ٦۵ . چٹوا دتا سر، موہلیاں داکے ڈر۔ (کہاوت)

**چٹوا:** اکرين منجهہ اکريءَ ۾. **دتا:** ڏنو، وڌو. **سر:** مٿو، جان. **موہلیاں:** مهريون، مهرين منجهہ. **کے ڈر:** ڪهڙو پئو، ڊڄڻ ڪهڙو.

دنيا اندر، آيل ترقيءَ ۾ انساني هٿ ۽ دماغ جو ڪارنامو پڻ شامل آهي. جيترا وڏا ڪارناما انجام ڏنا، تن لاءِ وسائل سان گڏ، صلاحيت ۽ حوصلو پڻ اوترو کپي. اگر ڪنهن ننڍي رڪاوٽ جي اچڻ سان مهم اڌ ۾ روڪي ڇڏبي تہ ڪيل خرچ بہ تاوڻ تي ويندو. ان ڪري جڏهن ڪو وڏو ڪم هٿ ۾ کڻجي يا ان جي ڪٽڻ جي ذميواري ڪلهن تي اچي وڃي تہ پوءِ، ان دوران آيل ننڍين ڳالهين/ تڪليفن کي خاطر ۾ نہ آڻجي. اگر ڪِنجهہ ڪِنجهہ ۽ وِنڊ وِنڊ ڪبي تہ گڏ ڪم ڪرڻ وارا بہ دل شڪستہ ٿي پوندا ۽ اڌ ۾ سات ڇڏي ڀڄڻ جي ڪندا. نتيجي طور: رٿيون، اڻ رٿيون ئي رهجي ويندیون. بلڪ هينيون هيٺ، مٿيون مٿي رهجي وينديون.

مطلب:

١ . جن اُکرين ۾ وڌو مٿو، تن کي مُهرين جو ڪهڙو پئو. (ترجمو)

٢ . جيڪي اکرين ۾ منهن وجهندا آهن سي مهرين پئہ ڪين ڊڄندا آهن.

٣ . جيڪي وڏي مهم تي چڙهندا آهن، سي ننڍين رڪاوٽن منجهان پار پئجي ويندا آهن.

۴ . جن جي منزل چنڊ ستارا هجي، سي وٽن جي چوٽين کي ليکي ۾ ئي نہ آڻيندا آهن.
۵ . درياھ ۾ گهڙجي تہ ڦٽڪن پئہ نہ ڊڄجي.

### ٦٦ . چٽے ڪپڙے داداغ، دورو سهي آندے۔ (ڪهاوت)

چٽے: چٽو، اڇو، ڏوتل. ڪپڙے: ڪپڙو، لٽو، اوڇڻ. داغ: داغ، نشان، چٽو، عيب. دورو: پري کان، پرتي کان. سهي آندے: ڏسڻ ۾ ايندو آهي، چِٽو نظر ايندو آهي.

ڪاري تي اڇو يا اڇي تي ڪارو چٽو نظر ايندو آهي. هن دنيا جو ڪاروهنوار، رنگ ۽ بوءِ جي ان اختلاف تي رکيل آهي. هڪڙي شيءِ کي ٻيءَ کان نروار ڪري رکڻو آهي تہ مٿن رنگ ۽ بوءِ جي چٽائيءَ جو تهہ چاڙهي ڇڏيو.

هر صحبت جو پنهنجو رنگ آهي. جهڙي صحبت هوندي، اهڙو رنگ چڙهندو. اهي رنگ، هر ڪنهن کي پري کان نظر ايندا آهن. اگر چڱن جي صحبت جو رنگ چڙهيو آهي، سو بہ نظر ايندو. اهو اگر ايترو نظر اچي يا نہ اچي، پر برن جي صحبت جو رنگ ۽ اثر پري کان چٽو نظر ايندو آهي.

پاڻ تي اهڙو نشان يا داغ نہ ڇڏجي، جنهن تي هر ايري غيري، نٿو خيري جي آڱر پئي کڄي. چڱن جي صحبت ۾ رهجي، برن جي دوستيءَ کان ونءُ وججي.

مطلب:

١ . اڇي ڪپڙي تي داغ، پري کان نظر اچي. (ترجمو)
٢ . شريف ماڻهوءَ تي لڳل الزام، هر ڪنهن جي نظر پيو چڙهندو آهي.
٣ . ڪاري مينهن کي ئي، ڳئونءَ جو ڪارو پڇ نظر ايندو آهي.
۴ . وڏي عيبدار کي، ننڍن عيبدارن جا عيب، جلد نظر ايندا آهن.
۵ . مک جي نظر، ڦٽ تي.
٦ . ڪانءَ جي نظر، گوبي تي.
٧ . سڙيا، ٻرين کي ڳولين.

### ٦٧ . چٽي؛ کٽي موڙ پلٽي۔ (ڪهاوت)

**چٹی:** چٽي، ڏنڊ، ٽوٽ، نقصان، هرجاڻو، جرمانو. **کھٹی:** ڪٽي، ڪٽڻ (مصدر)، ڪمائي. **موڑ:** موٽي، مٽئون، وري. **پلٹی:** پلٽو ڪائڻ (مصدر)، موٽ ڪرڻ، موٽي ساڳي جاءِ تي بيهڻ.

واپار ڪرڻ بہ ڪو سهنجو ڪم ناهي. پئسا سيڙائي، ساهي منجهاڻي تي پوي. گراهڪن سان سلوڪ سان ڳالهائڻو ٿو پوي. انهن جون ڪسيون پڪيون ٻڌڻيون ٿيون پون. لالچي ماڻهن جي چالاڪين کان بچڻو ٿو پوي. ناظرو ماڻهن جي بد نظر کان بچڻ جا جتن ڪرڻا ٿا پون. تڏهن بہ نقصان جو انديشو ضرور رهي ٿو. ان لاءِ ضروري آهي تہ يا واپار ننڍي پيماني تي شروع ڪجي يا وري ڪنهن هنڌ ملازمت ڪري، اتان سکي پوءِ پنهنجو ڪاروبار ڪجي. ائين اُڌَ تي سيڙپ ڪرڻ، ڳاٽو پيجائڻ جي مترادف ٿيندو.

ٿوري ڪٽيي، گھٽي برڪت آهي. اگر گهاٽو بہ پيو تہ نئين ۽ سيڪڙات ماڻهوءَ لاءِ ان کي سنڀالڻ، سميٽڻ ۽ سهيڙڻ سهنجو آهي. ساڳئي ڪاروبار ۾ نقصان پوندو آهي. وري ساڳئي ڪاروبار مان فائدو بہ پوندو آهي. ننڍي ڪاروبار جي نقصان کان موراڳو نہ ڊڄجي. اهو بہ واپار واري لاءِ فائديمند آهي. ان سان سندس اکيون کلي وڃن ٿيون. پنهنجن پراون کي، نفعي نقصان کي سمجهڻ جو ڏانءُ اچي وڃي ٿو. جنهن ڪاروبار ۾ نقصان نہ پيو آهي، ان مان انت فائدو نہ پوندو، ڇو جو ان جو نقصان آخر ۾ ايترو ٿيندو جو ان مان اسرڻ محال هوندو. موٽي ڪاروبار ڪرڻ تي ارواح ئي نہ ٿيندو.

**مطلب:**

١ . نقصان، ڪمائيءَ جو زيان. (ترجمو)

٢ . ڏنڍي ۾ پيل نقصان يا چٽي، موڙي بہ ضايع ڪري ڇڏي.

٣ . واپار ۾ پيل ڇيهو، ڏوڙ ڪري ڇڏيندو آهي.

٤ . يا هٽيءَ مان هٽ، يا هٽي ئي ڇٽ.

## ٦٨ . **چن چڑھدے، تے جگ ویکھدے۔ (کہاوت)**

**چن:** چنڊ، مهتاب، قمر، چوڏهينءَ جو چنڊ. **چڑھدے:** چڙهندو، ايرندو، چٺو ٿيندو. **جگ:** جهان، جڳ، دنيا. **ویکھدے:** ڏسندو، واقف ٿيندو.

ڏينهن، سج جي چڙهڻ/ ايرڻ سان شروع ٿئي ٿو. سج، ڏينهن جو دليل آهي ۽ سج جو پنهنجو دليل پڻ سج آهي. جڏهن ته چنڊ چڙهندو ئي رات جو آهي. روشني، سج کان اڌاري ورتل هوندي اٿس. پر جيئن ته اپرندو، رات جي اماس ۾ آهي، تنهنڪري هوندو نروار آهي. وڏا ته ڪيس ڏسندا ئي ڏسندا آهن، پر ننڍڙا ٻارڙا ته ڪيس وڏي چاهه مان ڏسندا آهن ۽ ڪيس پنهنجو ادڙو سمجهندا آهن. اهو جڏهن اڀ ۾ نڪري نروار ٿيندو آهي ته ڪنهن اک کان اوجهل نه هوندو آهي. هر ڪو ڪيس پنهنجي پنهنجي گهران، ائين ڏسندو آهي، ڄڻ هجي ئي سندس گهر جي اڱڻ تي.

چٽي ۽ نروار شيءِ يا معاملو، ڪنهن کان به ڳجهو نه رهندو آهي. ان جي لاءِ، اٽڪلٽائيءَ جا دليل فضول آهن. اهڙين شين کي ضرب المثل جي حيثيت آهي. انهن جي وجود جو ڪو به انڪار نه ٿو ڪري سگهي. ظاهري ڳالهه، لڪائي نه لڪندي آهي.

مطلب:

١ . چنڊ چڙهندو، جڳ ڏسندو. (ترجمو)

٢ . سج، تريءَ هيٺان نه لڪندو.

٣ . اٺ جي چوري، پکي ۾ ڪين لڪندي.

٤ . عشق ۽ مشڪ، لڪائي نه لڪن.

## ٦٩ . چھلے دی ہڈی گئی، کتے دی ذات پچھاں ئی گئی۔ (کہاوت)

چھلے دی ہڈی: ماس لٿل هڏي، چليل هڏي، خالي هڏي. کتے دی ذات: ڪتي جي ذات، ڪتي جو نسل، ڪتي جي اصليت. پچھاں ئی گئی: سڃاپجي پئي، پرکجي پئي، چِٽي ٿي پئي.

ڪتا ٻلا، پالتو جانور هئڻ سان گڏوگڏ، گوشت خور پڻ آهن. ڪتان ماس هٿ اچي وين ته اهو ضرور رڙڪيندا. ٻليءَ کي ته ڇيڇڙا، وکا يا ميڇيءَ جا ڪنهڙ/ چلر مرغوب هوندا آهن. جڏهن ته ڪتي کي گوشت کان وڌيڪ هڏو مرغوب هوندو آهي. ماس چڙهيل هڏي جي پيٽ ۾ ماس روڙيل يا ڪاڏل هڏو ڪيس ڪرٽڻ ۾ وڌيڪ مزو ڏيندو آهي. چون ٿا ته جڏهن گوشت تان ماس چڪي ڪائي هڏو اڇلجي ٿو، ان وقت قدرتي طور ان هڏي تي هڪڙو

ماس چڙهي ٿو، جيڪو عام انسان جي نظر نہ ٿو اچي. ان کي جن ۾ جانور ڏسن ٿا. اهي ان گوشت کي کائڻ خاطر، ڊڪي وجي هڏي سان چنبڙن ٿا.

ڪن جو وري اهو خيال آهي تہ هڏي جي اندر جيڪا مِکُ آهي، ڪتو ان مِکُ کي چوسڻ خاطر هڏو ڪرٽيندو آهي. هڏي جي ڪرٽڻ وقت، هڏي منجهہ بہ هڪ عجيب قسم جو سواد هوندو آهي، جنهن سان طراوت بہ ايندي آهي ۽ ٻل بہ ٿيندو آهي.

بهرحال، جيترا وات اوترا خيال آهن. اهم خيال اهو آهي تہ هڏي ڪرٽڻ ۾ جيڪو ڏندن جو استعمال ٿو ٿئي، اهو استعمال ئي ڪتي جي مرغوب ڪرت آهي. ڪيس اهو گوشت يا هڏو وڏيڪ وڻندو آهي، جنهن کي پيچڻ يا ڪرٽڻ ۾ وڏي محنت ۽ وڏو وقت لڳي. جيئن مشهور آهي تہ: گڏهہ جو ماس، پٽڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. ڪتي لاءِ اهو ماس پٽڻ، ٻين غذائن کائڻ جي پيٽ ۾ وڏيڪ مرغوب آهي. جنهنڪري عام طور چيو ويندو آهي: ”گڏهہ جو ماس، ڪتي جو وات: هو ڇڄي نہ، هي ڇڏي نہ.“

ماس-ڪاڏل هڏو، ايڏي ڪا وٽ ناهي. اگر ڪتو نہ بہ کائڻ چاهي تہ بہ هر ڪو زوريءَ پيو ڏانهنس اڇليندو آهي. پر هتي اشارو، ڪتي جي نگاهہ واري عادت ڏانهن آهي. هڏو اڇا اڇليو ناهي، نرو ڏنو ناهي. اهو نرو ڏيڻ، ڪتي جي ڪتي هئڻ واري ذات کي پڌرو ڪري ڇڏيندو آهي.

مطلب:

١ . ڇليل هڏي وئي، ڪتي جي ذات پرکجي پئي. (ترجمو)

٢ . ٽڪي جي دانگي پڳي، ڪتي جي ذات پرکي.

## ٧٠ . چوراں تے مور، تے موراں تے ہور۔ (کہاوت)

*چور:* چور، تاڪائو، لڪي مال ڪسڪائيندڙ. *مور:* معتبر، سهٽي پڪيءَ جو نالو. *هور:* ٻيا، زورآور.

دنيا آزمائش جو هنڌ آهي. هڪڙن کي مال ڏئي آزمايو ويو آهي. هڪڙن کي سچ ڏئي آزمايو ويو آهي. هڪڙن کي عضون ۾ طاقت ڏئي آزمايو ويو آهي. هڪڙن کي جسماني طور تي ڪمزور ۽ نبل پيدا ڪيو ويو آهي تہ جيئن سندن آزمائش بہ ٿئي ۽ متن ڏاڍ ڪندڙ ڏاڍن جي بہ آزمائش ٿئي.

هڪڙا مال هوندي بہ اجا مال جا تاڪائو آهن. هوند يا اٺهوند تي پرائو مال ڦٻائيندڙ، چور ۽ ڦورو آهي. ٻيا وري، پاڻ سڌو سنئون نہ ڦرين، بلڪ ڦورن ۽ چورن کي پڪڙ جڪڙ کان بچائڻ جي بهاني مال تڳائين. اهي پاٽاريدار قسم جا ماڻهو وري، انهن چورن جي مٿان مور وارو ڪم ڪن.

ڦر لٽ جي مال کي ائين جائز ڪري ڪائيندڙ، پاڻ کي چورن آڏو بہ سرخرو رکن تہ ياڳين سان بہ چڱائيءَ جو پير پري، پاڻ کي مٿانهون رکن.

مطلب:

١ . چورن مٿان مور، مورن مٿان هور. (ترجمو)

٢ . ماريءَ جي مٿان ماري پيو آهي.

٣ . دنيا اندر، رپن مٿان رپون پيون آهن.

### ٧١ . چوراں کولو پنڈ تاولی۔ (کہاوت)

***چوراں***: چورن، ڦورن. ***کولو***: ڪئون، ڪان. ***پنڈ***: پِندَ، ٻِندَ، ڳِندِ، ٻڌل هَڙَ، ڳنڙي، پروٽي، پري. ***تاولی***: ابهري، تڪڙي.

چور جڏهن ڪنهن گهر ۾ گهڙي چوري ڪندو آهي تہ گهر جي چڱي سامان کي تاڙي هٿ ڪندو آهي ۽ ڪٽڻ لاءِ اهو سامان ڪنهن ڪپڙي جي چادر ۾ ڳنڍ ڪري ٻڌندو آهي تہ جيئن مٿي تي رکي ڪٽي هلڻ ۾ سهنجو رهيس. مال جي ٻڌل ڳنڙي، وزن ۾ ڳؤري هوندي آهي. جيئن تہ چور کي سر جي لڳل هوندي آهي، تنهنڪري ڪيس ان جو وزن معلوم ئي نہ ٿيندو آهي. صبح جو پيري وقت، سپاهي ۽ پاڳيا، جڏهن پير ليکي بيهندا آهن ۽ هڪڙي چور جو پير ڏسي ۽ چوري ٿيل سامان جو اندازو لڳائي حيران ٿيندا آهن تہ ايڏو سامان هڪڙي چور ڪنيو ڪيئن آهي. ڪانئن چوري وسري ويندي آهي، رڳو ان ڳالھ تي پيا چور خان کي داد ڏيندا آهن.

اها ئي ڳالھ آهي تہ چوري ٿيڻ کان پوءِ، مال جي ڳنڙي هجي يا مينهن جهڙو هوريان هلندڙ ڍور، چور جي هٿن ۾ اچڻ کان پوءِ ان جي وک چور جي وک کان بہ تڪڙي ٿي ويندي آهي.

مطلب:

١ . چورن کان، ٻنڍ تڪڙي. (ترجمو)

٢ . گهوٽ ماءُ ڪان، ارڻ ماءُ تڪڙي. (سنڌي)

٣ . مدعي سست، گواهہ چست.

۴ . چورن ڪان ڳنڙي، اڳيان اڳيان.

## ٧٢ . چوہے آں سنڈھادی گندھی لبھ گئی تے پساری بن بیٹھا۔ (کہاوت)

**چوہے آں:** ڪُئي ڪي. **سنڈھادی:** سُنڍ جي. **گندھی:** ڳنڍ، ڳنڍڙي. **لبھ گئی:** لڌس، ليي پيس. **پساری بن بیٹھا:** پنساري بڻجي ويو.

اڳاتي دور ۾ علاج معالجو يوناني يا پنسارڪي وڪر سان ٿيندو هيو. اڄ جي دور ۾ ايليوپيٿي وانگر، مشيني ٽيسٽون يا دوائن جا اسٽور ڪو نہ هوندا هيا. سٽيون ڦڪيون يا وڪر جا دڪان هوندا هيا جن کي پنسارڪا دڪان چئبو هيو، انهن تي جڙي ٻوٽيون رکيل هونديون. جتي سپورنج ۽ سنياسي قسم جا ماڻهو، اهو وکر وٺندا ۽ وڪڻندا هيا ۽ اڳتي علاج معالجي لاءِ قدرت طرفان وديعت ٿيل ۽ سيني اندر سانديل ڏات ۽ ڏانءَ جي ڏِڍ تي، ڪتب آڻيندا هيا. ان قسم جي دڪانن وارا، پاڻ بہ جڙي ٻوٽين جي ڄاڻ رکندا هيا ۽ انهن جي اوصافن يا اثرن جي ٿوري گهڻي ڄاڻ هوندي هين. جيئن اڄڪلهہ ميڊيڪل اسٽور واري کي چئجي تہ: ”مٿي جي سور جي ٽڪي ڏي!“ ڊاڪٽر جي ڪنسلٽنگ بنا، گوري ڏئي ڇڏيندو. اڳاتي دور ۾ پنساري پڻ، ڪنهن بيماريءَ جي علاج لاءِ گهربل ستي ڦڪي يا جڙي ٻوٽي يا گهوٽو ڏئي ڇڏيندا هيا. ان لحاظ کان سندن مانُ، جراح حڪيم جهڙو هوندو هيو.

جڏهن جهالت زور وٺي ويندي آهي تہ اهڙي دور ۾ نالائق ماڻهو بہ وڏين مسندن تي ويهي رهندا آهن. ٿوري گهڻي ڄاڻ رکڻ وارا بہ هلي ويندا آهن. اهڙا ڪئا، جن کي رڳو هيڊ ڳڙي هٿ اچي وجي، سي بہ سينو ٺوڪي هلندا آهن ۽ پاڻ کي وڏا پنساري پيا پائيندا آهن.

مطلب:

١ . ڪئي کي سنڍ جي ڳنڍ لڌي، تہ پنساري بڻجي ويو. (ترجمو)

٢ . ڪئي لڌي هيڊ-ڳڙي، چي: مان پنساري آهين.

٣ . نوريئڙي لڌي سوپاري، پنساري ٿي ويو.

## ٧٣ . حاضر کو مہراے۔ (کہاوت)

حاضر: موجود، سامهون، روبرو. مہر: مهرباني، ٿورو، محبت.

جيڪو سانڍ آهي يا جيئرو جاڳندو گڏ تو رهي، ان سان مهرباني ڪبي آهي. جيڪو پرديس هليو ويو آهي، يا فوت ٿي ويو آهي يا واسطا ڇني هليو ويو آهي، ان سان اها محبت نہ ٿيندي آهي، جيڪا ان جيئري سان ٿيندي آهي جيڪو سانڍ رهي ٿو. شاديءَ ۾، غميءَ ۾، ونڊ ۾، وراهہ ۾ ڪيس ئي پيو ياد ڪبو آهي ۽ مٿس ٿورو ڪرڻ ۽ پنهنجي محبت جو اظهار ڪرڻ جا جتن پيا ڪبا آهن. ان جي برعڪس، جيڪو مري ويو آهي، تنهن لاءِ ڄڻ سڄي دنيا بہ مري وئي آهي. درود ختمو بہ لاچار ڪير ڏيندس.

مطلب:

١ . اکين آڏو، تنهن سان قورانيو. (ترجمو)

٢ . حاضر دی مہراے۔ (کہاوت)

٣ . سامهون هئڻ جي مهرباني آهي.

٤ . مهرباني ان سان وڌيڪ ٿيندي آهي، جيڪو اکين آڏو هجي.

٥ . جو چلهہ تي، سو دل تي.

## ٧٤ . حرامیاں دے سراتے سنگ نینھ ہوندے۔ (کہاوت)

سنگ: سڱ

اڪثر ائين ڏٺو ويو آهي تہ جيڪي ڇهرا من موهڻا هوندا آهن، سي وٽندڙ هئڻ سان گڏ قربدار ۽ نيائڻ وارا پڻ هوندا آهن. ان جي ابتڙ، بڇڙا ڇهرا وري اڻ وٽندڙ ۽ مطلب پرست ٿيندا آهن. هر وقت مٿن ان قسم جو گمان ئي ويندو آهي.

ضروري ناهي تہ شڪل سهڻي هجي تہ ڪردار بہ سهڻو هجي. ائين بہ تجربي مان ڏٺو ويو آهي ۽ ان جي ابتڙ بہ ڏٺو ويو آهي. سادي صورت وارا، باڪردار ۽ سهڻي صورت وارا لچ ۽ لفنگا بہ ٿين ٿا.

جڏهن ماڻهو جمي ٿو، ان وقت ڪيس معصوم ڇهرو عطا ٿئي ٿو. مڙني انسانن جا مهاندا، ڄمڻ وقت معصوم ۽ وٽندڙ هوندا آهن. ماڻهو جيئن

جيئن وڌندو رهي ٿو تيئن تيئن سندس اعمالن/ ڪرتوتن جي ڪري نيت يا ذهن نهي ٿو. ان آڌار، ڪڏا ۽ سڌا عمل ڪري ٿو، جن جي نسبت سان سندس چهري ۾ بہ تغيرات ظاهر ٿين ٿا. عضواء نہ واڌو ڦٽنس ٿا نہ وري ڪانئس ڌنل عضوا ڪسيا وڃن ٿا. بلڪ انهن ۾ اهڙي قسم جي تبديلي اچي ٿي جو ڏسڻ وارو ڏسڻ شرط، نحوست ۽ سعادت جو اندازو لڳائي سگهي ٿو.

ائين ڪڏهن نہ ٿيو آهي تہ بدمعاش ٿيڻ ڪان پوءِ بدمعاش جي مٿي تي جانورن وارا سڱ ڦٽي پون. يا پنيءَ تي پڇ لڳي وڃي. نہ ئي وري سندس هٿن جي جاءِ تي جنگهون ۽ جنگهن جي جاءِ تي هٿ ڦيري لڳايا ويا هجن، جيئن هر ڪو سندس حرامي هجڻ ڪي سڃاڻي وٺي. اهو ٿيڻ بہ ممڪن آهي، پر ڪم از ڪم هن جهان ۾ نہ. تنهنڪري حراميءَ ڪي سندس ڪردار مان ئي سمجهي وٺجي، سندس ڪرتوتن جي نحوست ڪان هتي ئي بچي وڃجي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ حراميءَ ۽ حلاليءَ جي شڪل، هن دنيا ۾ هڪجهڙي رکي وئي آهي.

مطلب:

١ . حراميءَ جي مٿي تي، سڱ ڪو نہ ٿيندا آهن. (ترجمو)

٢ . حرامي ۽ حلالي، شڪل ۾ هڪجهڙا هوندا آهن.

٣ . حرامي يا حلالي: نرڙ تي لکيل نہ هوندو آهي.

### ٧٥ . *حراميان دے فرقے؛ سيون سويلاء اٹھن چرکے۔* (ڪهاوت)

*حراميان*: حرامين، شريرن، بدمعاشن. *فرقے*: ٽولا، فرقا، جماعت. *سيون*: سمهن، ليٽن. *سويلا*: جلدي، سوير ساجهر، سنجهندي ئي. *اٹھن*: ننڊ مان اٿن. جاڳي پون. *چرکے*: دير سان، ٽيٽمائي.

حرامي يا شرير ڪي، رات ئي واردات ڪرڻ لاءِ سُجهندي آهي. ماڻهن جي اکين ۾ سرمو وجهڻ لاءِ، سوير ساجهر جو چند ڪري سمهي پوندا آهن. لڙي سومهڻيءَ جو جڏهن ٻيا سمهندا آهن تہ خيرن سان هي پنهنجي ڪرت لاءِ ٽپو ڏئي اٿي پوندا آهن. هم-صلاح يارن دوستن سان ٻاهر نڪرندا آهن. رات پيٽ ۾ وڃي ڪنهن جي مال يا فصل جي پينگ ڪندا آهن. انهن ئي پيرن تي، انهن ئي رندن پنڌن سان موٽ بہ ڪندا آهن.

عام ماڻهو اجا هنڌن مان اٿندا ئي ناهن جو هي وري اچي هنڌن پيڙا ٿيندا آهن. اڌ منجهند تائين غش ٿيو، ڍير لڳا پيا هوندا آهن. پٽي اٿارجين ته به اٿڻ جهڙا نه هوندا آهن. پلي ان اپرانڌ، پاڳيا رند ڪٽي اچي سندن گهر/ اوطاق ۾ هٽن. جڏهن ته هنن جا وڏا به هنن جي اشراف هجڻ جي شاهدي پيا ڏيندا.

مطلب:

١ .حرامين جي هير: سمهن سوير، اٿن دير. (ترجمو)

٢ . حراميءَ جو ٻنيو ئي ٻاهر.

٣ . حراميءَ جو هر، واريءَ ۾ به نه وهي.

## ٧٦ . حرامياں دی ہک رگ، بدھیک ہوندی اے۔ (کہاوت)

**بدھیک:** وڌيڪ، واڌارو.

حرامي يا شرير: ذهني سوچ ۾ شاطر، ڪردار ۾ وٽواند، معاملي فهميءَ ۾ بيهودو، ورتاءَ ۾ بي شناس ٿيندو آهي. جتي عام اشراف جي ذهن جي سوچ پوري پئي ٿيندي، حراميءَ جي عقل جي اڏام اتان شروع پئي ٿيندي. عقل جي ڊوڙ ڪبي ته سندس عقل کي پڄي ڪو نه سگهبو.

عام ماڻهوءَ جي جسم ۾ مختلف لڳ آهن، جن مان مختلف ڪارج ٿين ٿا. هٿ هڪڙو لڳ آهي، جنهن سان هاج ڪجي ٿي. ڄنگهه ٻيو لڳ آهي، جنهن سان پنڌ ڪجي ٿو. اک سان ڏسجي ٿو، ڪنن سان ٻڌجي ٿو ۽ نڪ سان سنگهجي ٿو وغيره. جڏهن ته سوچ فقط دماغ سان ئي ڪبي آهي. جيترو دماغ هوندو، سوچ اوتري ئي هوندي. دماغ وڏو، سوچ وڏي. دماغ ننڍو، سوچ سوڙهي. دماغ جي ننڍ-وڏائيءَ جي ماپ، مٿي جي ننڍ-وڏائيءَ مان معلوم ٿيندي آهي.

حرامي ماڻهوءَ لاءِ چون ٿا، دماغ ان کان به وڏو هوندو آهي. ڪي ته بلڪ ائين ٿا چون ته وٽس جسم ۾ گوشت پوست ۽ هڏا گهٽ پر مغز سڄيهه ڀريل هوندو آهي. ڪي ته ايتري تائين به وڌائي بيان ڪندا آهن ته حراميءَ جو پورو جسم، مغز ئي مغز هوندو آهي.

حرامي، جيتريون به حراميايون ڪري ٿو، سي دماغ جي سوچ سان ڪري ٿو. دماغ، سنهين رڳن ۽ گودي مان نهيل آهي. جنهن لاءِ چئجي ٿو، حراميءَ جي مغز ۾ اهي رڳون سبيل پيل آهن، جن مان شرارتن ڪرڻ پچاٽان،

هڪڙيون ٽڪجن ٿيون تہ ٻيون تيستائين ساهي پٽي سٽوپريون ٿي اٿن ٿيون. ان ڪري ڪيس ٽڪائڻ يا پڄائڻ ڏکيو آهي.

مطلب:

١ . حرامين جي هڪ رڳ، وڏيڪ هوندي آهي. (ترجمو)

٢ . حراميءَ کي هڻ پيرن پر تہ بيهندو متي پر، هڻ متي پر تہ بيهندو پيرن پر.

٣ . حرامي هٽي، ٻئي ياڳا ڪٽي.

### ٧٧ . خطاء انسان کولوای ہوندی اے۔ (کہاوت)

انسان، نسيان جي هم وزن آهي. نسيان جي معنىٰ آهي، پلجي پوڻ. هڪجهڙائيءَ سبب اها ڪيفيت مٿس طاري رهي ٿي. ٻين حرامپاين ڪان اها عادت وري بہ چڱي آهي. ان ۾ بہ ڪيئي عيب/ خطائون ڏڪجي وڃن ٿيون.

دنيا اندر موجود هر شيءِ جو ڪو نہ ڪو ڪارج آهي ئي آهي. سواءِ انسان جي، هر شيءِ پنهنجي هڪ دائره ڪار جي اندر هلي ٿي. ان ڪان ٻاهر نہ ٿي وڃي. سج، چنڊ، ڌرتي ۽ ستارا پنهنجي پنهنجي محور تي هلن ٿا. پنهنجي پنهنجي محور ڪان ٽڙن نہ ٿا، جنهنڪري نہ خطا ڪن ٿا، نہ ئي مٿن ڪا پڪڙ آهي. جبل، وڻ ٽڻ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي پهرئين ڏينهن ڪان بيٺا آهن. هيڏي هوڏي نہ ٿا ٿين. ان ڪري ڪانئن ڪا سرزنش سرزد نہ ٿي ٿئي.

ان جي برعڪس، الله جي نائب حضرت انسان کي، هٿن پيرن سان گڏ دماغ پڻ ڏنو ويو آهي. پنهنجي مرضيءَ سان چري پري سگهي ٿو. وٽيس تہ هڪڙي ملڪ ۾ رهي، وٽيس تہ لڏي وڃي ٻئي ملڪ ۾ رهي. جبل تي رهي يا وڃي سمندن ۾ ديرو ڄمائي، يا وچئون ڌرتيءَ ڪان نڪري، ڪڪرن جي دوش گهمندو وتي ۽ چنڊ تي ڻام نڪاٽو ڳولڻ جا جتن ڪندو وتي. جيڪو ايڏو پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ ٿيڻ جي ڪندو، سو خطائون تہ اوس ڪندو.

مطلب:

١ . خطاء انسان ڪان ئي ٿيندي آهي. (ترجمو)

٢ . انسان: نسيان.

٣ . انسان: پل جو آستان.

۴ . انسان، پليو ئي بينو آهي.

### ۷۸ . دخدی جاای دخدی اے۔ (کہاوت)

**دخدی:** دکندڙ، ٻرندڙ. **جا:** جاءِ، هنڌ، لڳ، عضوو. **ای:** ئي. **دخدی:** ڏکندي، سڙندي، ڪُرندي. **اے:** آهي.

انساني جسم اندر احساساتي رڳون ٻہ رکيون ويون آهن، جيڪي هڪ هنڌ کي پهتل نقصان جو اطلاع، دل ۽ دماغ تائين ڪٽي پڄائين ٿيون. اگر ڏک يا سيڪ ڄنگهہ کي اچي تہ دماغ کي اطلاع اهو ئي ملندو. ائين نہ ٿيندو جو اتي اطلاع ٻانهن جي سڙڻ يا ڏڪجڻ جو پهچي. ايڏو وڏو حسي نظام، انساني جسم اندر جوڙيو ويو آهي تہ جيئن بر وقت ڪنهن ناگهاني آفت جو علاج يا تدارڪ ڪري سگهجي.

ان ڪان علاوهہ، حواس منجهہ اهو بہ رکيل آهي تہ جنهن جاءِ تي ڏک لڳي يا اها جاءِ جلي پوي تہ اتي سور جو احساس جاڳي پوي. لڳ سڙڻ جو پنهنجو احساس آهي. ڏک لڳڻ جو پنهنجو احساس آهي. جتي ڏک لڳو يا جيتري ۾ لڳو آهي، اهو ئي ٽڪرو پوسرندو يا سڙندو محسوس ٿيندو آهي، ان ڪان نہ گهٽ ۽ نہ وڌ. ان ڏک جو احساس وري ٿيندو ان کي، جنهن کي لڳو آهي. اگر احساس نہ ٿئيس تہ علاج بہ نہ ڪري ۽ نتيجي طور ڦٽ ناسور ٿي جان-ليوا ٿي پويس.

مطلب:

١ . دکندڙ جاءِ ئي ڏُکندي آهي. (ترجمو)

٢ . هنڌ اهو سڙي، جتي باهہ ٻري.

٣ . جاءِ اها جلي، جت باهہ ٻلي. (سرائيڪي)

۴ . لڳي هوودئي تہ ڪل پوئي، نہ تہ لڳي واليان ڪنون پڇ.

۵ . تڪليف جو احساس ان کي ٿيندو آهي، جنهن کي اها تڪليف پهتي هجي.

### ۷۹ . دلاں بچ سچ، کوٹھے چڑھ کے نچ۔ (کہاوت)

سچ ۽ ڪوڙ، هڪٻئي جا ضد آهن. هڪڙو حقيقت آهي تہ ٻيو اختراع آهي. هڪڙو اصل آهي تہ ٻيو نقل آهي. اصل ۽ نقل جي شڪل، دنيا اندر ساڳي

هوندي آهي. ٻنهي کي وقتي طور تي پرکڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. اڳتي هلي ٻنهي جون راهون جدا ٿي وينديون آهن. جيستائين سچ سچ ٿئي، تيستائين ڪوڙ وجي ڪوڙ کي کائي.

سچ، ترت چوڻ سان وقتي تڪليف پهچندي آهي. ان تڪليف کان بچڻ لاءِ، ڪي بزدل ماڻهو ڪوڙ جو سهارو وٺندا آهن. سچ تہ حقيقت ۾ هوبهو هوندو آهي، جڏهن تہ ڪوڙ گهڙي ناهي بيهارڻو هوندو آهي. ورجائي ورجائي ٻڌائڻ سان سچ تہ هر دفعي ساڳيو هوندو آهي، جڏهن تہ ڪوڙ هر دفعي ارتقائي منزلون طئي ڪرڻ سبب، پنهنجا روپ پيو مٽائيندو آهي، جنهنڪري روز اول کان آخري ڏينهن تائين، سندس هيئت مٽجي چڪي هوندي آهي. هڪڙي ماڻهوءَ ڪوڙ گهڙيو آهي. هاڻي اهو جيئن ان جي اوسن پاسن تي سوچيندو ويندو، تيئن ان کي سچ جهڙو بنائڻ لاءِ پيو منجهس ناهہ نوهہ ڪندو آهي. جڏهن تہ سچ چوڻ وارو، جيڪا ڳالهہ پهرئين دفعي ڪندو آهي، سا آخري ڏينهن تائين ساڳي هوندي آهي. ان کي وڌيڪ وزنائتو بنائڻ لاءِ ڪيس ڪا ٽيڪ يا سياٽپ جو نقطو وجهڻو ناهي هوندو، جنهنڪري سچ چوڻ وارو دلي طرح سڪون ۾ هوندو آهي ۽ پهرئين ڏينهن کان وٺي ڪوني تي چڙهي، نشانبر ٿي، ساڳي ڳالهہ پيو ڪندو آهي. ان جي برعڪس، پهرئين دفعي سان ڪوڙ هٽڻ وارو، پيو اندران ئي اندران جهجندو ۽ جهرندو آهي. سوچ ۽ ڳٽيءَ ۾ هوندو آهي تہ هنيل ڪوڙ جو پاندو کلي تہ نہ پوندو. ان کي وڌيڪ مدلل ڪرڻ لاءِ پيو منجهس جملا ۽ لفظ مٽائيندو. تان جو سندس پهرئين دفعي وارو ڳالهايل ڪوڙ، آخري ڏينهن تي شڪل ئي اجا ڪا ٻي ڌاري وٺندو آهي.

سچ چوڻ واري جي دل ۾ پوءِ جي ڪا فڪرات نہ هوندي آهي، جڏهن تہ ڪوڙ واري جي دل پئي جهرندي ۽ جهجندي آهي.

مطلب:

١ . دل ۾ سچ، ڪوني تي ٻيهي نچ. (ترجمو)

٢ . دلاں بیچ کوڑ، اندر بیٹھ کے چھور۔ (کہاوت)

٣ . دل ۾ ڪوڙ، اندر ۾ ويهي لوڙ. (ترجمو)

٤ . سچ تہ ٻينو نچ، ڪوڙ جي منهن ۾ ڏوڙ.

٨٠ . دنیا پھردی دا پھیرا اے۔ (کہاوت)

**ڦردي:** ڦرندڙ، چڪرباز. **ڦرني:** ڦرڻي، ڦرندڙ گهرندڙ. **ڦير:** چڪر، ڦيرو.

هن دنيا اندر، يڪسانيت ڪا بہ ڪانهي. ڪا شيءِ نهڻ يا وجود ۾ اچڻ کان پوءِ يا ارتقائي سفر تي گامزن آهي يا عروج ماڻي، هاڻي زوال ڏانهن پنڌ پيل آهي. ڪنهن بہ شيءِ کي بقاءُ ناهي. سج کي ساڳئي ڏينهن ۾ بہ پاڇا آهن. تن جي وچ تي زوال پڻ آهي. ايرڻ جي ابتدا اٿس تہ لهڻ واري انتها بہ اٿس.

هڪڙا ماڻهو، ڄاوا غريبن جي گهرن ۾، مئا امير ترين ٿي. هڪڙا ڄاوا اميرن جي گهرن ۾، سندن لاش نڪتا جهُڳين ۽ جهوپڙين منجهان. هڪڙا ڄاوا، وات ۾ سونو چمچو ڪٽي، دنيا مان ويا تہ ري-ڪفنيا.

ساڳيو انسان آهي: اڄ ننڍڙو ٻارڙو آهي ۽ ٻين جو محتاج آهي. جوان ٿو ٿئي تہ ڪنهن تي فلڪ نہ ٿو اَٽي. سمجهي ٿو تہ لوڙهي يا پِٽِ ۾ گُهتَ هٽندس تہ ائين پار هليو ويندس، جيئن پاڻيءَ منجهان ٽوٻو هليو وڃي. وري ڪراڙپ ڏانهن موٽي ٿو تہ ٻين جو محتاج ٿيو پوي. ٻارائپ ۾ هر ڪنهن پيار مان هٿ پئي وڌس. ڪراڙپ ۾ ڪير هٿ وجهڻ وارو بہ ڪونهيس. اتي ئي ڪائي، اتي ئي هنگي.

مطلب:

١ . دنيا ڦرندڙ جو ڦير آهي. (ترجمو)

٢ . دنيا ڦرنی دا ڦيرا ے۔ (کہاوت)

٣ . دنيا ڦرڻيءَ وارو چڪر آهي. (ترجمو)

۴ . دنيا جي هر شيءِ تغير پذير آهي.

## ٨١ . دنیادے موںہا تے ہتھ کون رکھیکدے۔ (کہاوت)

**مونہ:** وات، ٻوٿ. **ہکدے:** سگهندو، وس وارو هئڻ، طاقت رکڻ.

هر ماڻهوءَ کي ڳالهائڻ لاءِ زبان، سوچڻ لاءِ مغز، ڏسڻ لاءِ اکيون ڏنيون ويون آهن. جيڪي ڪجهه پنهنجي اکين سان ڏسي ٿو، تنهن کي پنهنجي وات يا زبان سان ٻين آڏو پيش ڪرڻ جي صلاحيت پڻ رکي ٿو. جيڪا صلاحيت، جنهن جيوَ ۾ رکيل آهي، اها صلاحيت جبلتي طور تي پنهنجي نمائش پڻ ڪري ٿي ۽ ڪنهن جي موڙڻ سان مڙي نہ ٿي. پاڻيءَ کي منڊئون يا ٻنديءِ وٺان طاقت حاصل آهي. اهو پنهنجو پورو زور اتي ڏيکاريندو. باھ کي

ساڙڻ جي خاصيت آهي، اها پنهنجي ان جبلتي خاصيت جي اظهار لاءِ ٿيان ٿيان پئي ڪندي آهي. پرائو پنهنجو نہ ڏسندي آهي. جيڪو آڏو آيس، تنهن کي ساڙيندي دير نہ ڪندي آهي.

ائين درياهہ کي بہ هڪڙو وهُ آهي، جيڪو پوريءَ طرح بيقرار آهي. ان جي اها اضطراريت ڪيس هڪ هنڌ بيهڻ نہ تي ڏئي. هيناهينءَ ڏانهن يجڻ يا تَنڻ ۾ دير ئي نہ ٿو ڪري.

ڏسڻ ۽ ٻڌڻ سان جيڪي ڳالهيون انساني دل يا دماغ تي چڙهيون آهن، سي پنهنجي اظهار لاءِ تَنگَ پيون ڇنائين. ابڙڪ ڏئي، وات تي پيون ايندي‌ون. پيٽ، تيستائين نہ ٺرندو جيستائين اهي اظهاري ٻاهر نہ ڪيجن. انهن کي سانڍي، هپُ ڪري وجڻ، ڏاڍو اوکو ڪم آهي. ٻڙڪ يا ٻاڦ ضرور نڪرندي. هڪڙو پنهنجي رازدان کي ٻڌائيندو تہ اڳلي جا بہ رازدان هوندا. اهو انهن تائين پهچائڻ ۾، سڪون ۽ عافيت محسوس ڪندو. جڏهن منهنجي ڳالهہ، منهنجي پيٽ ۾ نہ ٽي ٽڪي تہ پوءِ ٻئي کي اهو چئي روڪڻ مان ڪهڙو فائدو: ”ادا! مون تو کي ٻڌائي آهي، پر تون ٻين کي نہ ٻڌائجانءِ.“

مطلب:

١ . دنيا جي وات تي هٿ ڪير رکي سگهندو؟ (ترجمو)

٢ . دنيادا مونهہ ڪون بند ڪر ڪدے۔ (کہاوت)

٣ . دنيا جو وات ڪير بند ڪري سگهندو؟ (ترجمو)

۴ . کوهن ۽ ماڻهن جا وات، ڪنهن بند ڪيا آهن؟

۵ . درياهن ۽ ماڻهن جا وات، ڪنهن بند نہ ڪيا آهن.

### ٨٢ . دور دے رشتیدار کولوں نیڑے دا گماونڈھی چنگا ہوندے۔ (کہاوت)

گماونڈھی: پڑوسی: پاڙيسري. پاڙيچو.

انسان، گڏجي رهڻ واري مخلوق آهي. اڪيلي ۾ رهڻ، سندس وس کان ٻاهر آهي. الائي ڪيتريون ضرورتون ساڻس ملحق آهن، جن لاءِ ڪيس ٻين جي مدد درڪار رهي ٿي. مڙئي ضرورتون، اڪيلي سر ڪير بہ نمٽائي نہ ٿو سگهي. سفر توڙي حضر ۾، کاڌي پيتي، لٽي ڪپڙي، وهنجڻ سانجڻ جهڙن خفن ۾ ڪو بہ اڪيلي سر نہ سوچي سگهندو، نہ وري انهيءَ بوجهہ کي اڪيلي سر منهن ڏيئي سگهندو.

بيماري بڙي، لڳائي چڳائيءَ ۾، ڪڏهن ڪڏهن اوچتو ٻين جي مدد درڪار ٿي پوندي. ان صورت ۾، هڪل جو جواب هڪل ۾، اهو ڏيندو جيڪو ويجهو/ عزيز/ مائٽ هوندو، ٻيو نہ ڏيندو. پر ڪي اوچتيون ضروتون بيگاهہ ۽ بي وقت اچي مٿان ڪڙڪنديون آهن. ان مهل سڏ ۾ سڏ اهو ڏيندو جيڪو همدردي رکڻ سان گڏ جسماني طور ويجهو هوندو. اهو فقط ۽ فقط پاڙيسري ئي آهي. پاڙيسري، ويجهو مائٽ بہ ٿي سگهي ٿو، پري جو مائٽ بہ ٿي سگهي ٿو تہ ساڳي ذات يا مذهب وارو بہ نڪري سگهي ٿو. پاڙيسريءَ طرفان، بيگاهہ وقت واري ڪيل مدد، پري رهندڙ مائٽ جي مڙني مهربانين کان وڌيڪ آهي.

مطلب:

١ . پري رهندڙ مائٽ کان، ويجهو رهندڙ پاڙيسري چڱو. (ترجمو)

## ٨٣ . دو ہتھڑ، تالی بجتی ہے- (کہاوت)

دو ہتھڑ: ٻہ-هٿڙي، ٻن هٿن سان. تالی: تاڙي.

تاڙي: وڄت جي آواز کي چئبو آهي. آواز، ٻن شين جي هم-آهنگيءَ کان سواءِ وجود ۾ نہ ايندو آهي. وات مان نڪتل آواز ۾، هوا کان علاوهہ وات جي ڪڏ اندر، زبان جي اٿل پٿل جو ڪردار هوندو آهي. ٻن مادي شين جي، پاڻ ۾ ٽڪرجڻ کان سواءِ ڪو بہ آواز، معرض وجود ۾ نہ ايندو آهي. پوءِ دهل جي وڄت هجي، مرليءَ جو آواز هجي، سرندي جهڙو ساز هجي، آبشار مان ايندڙ مڌر ڳنيو هجي، سيني ۾ ٻن مادي شين جي هم-آهنگي شامل آهي. وڄايل چپٽيءَ جي آواز ۾ آڱوٺي ۽ آڱر جي هم-آهنگي شامل آهي. اهڙيءَ طرح، تاڙيءَ جي آواز اچڻ ۾ ٻن هٿن جو پاڻ ۾ ٽڪرجڻ ئي موجد هوندو آهي. اگر اهي پاڻ ۾ نہ ٽڪرجن تہ آواز نہ ايندو. هر شيءِ جي وجود وٺڻ پويان، ڪن ٻن شين جي ڪارفرمائي شامل هوندي آهي. ائين تاڙي وڄڻ جي پويان، ٻن هٿن جو ٽڪرجڻ ئي سبب هوندو آهي.

بصر مان پچڻ کان سواءِ، ڏپ نہ ٿي اٿي. باهہ لڳڻ کان سواءِ، دود نہ ٿو دکي. ٽانڊو پوڻ کان سواءِ هنڌ نہ ٿو سڙي. ائين ٻن ڄڻن جي چرچ کان سواءِ، جهيڙو نہ ٿو اٿي.

مطلب:

١ . ٻہ-هٿڙي، تاڙي وڄندي آهي. (ترجمو)

٢ . تاڙي، ٻن هٿن سان وڄندي آهي.

٣ . دل کي دل سان راهہ ايندي آهي.

۴ . گهرڻ آهي، گهرڻ وٽان.

۵ . پيٽيو: چاہ کو چاہ اے۔ (کہاوت)

## ٨۴ . دوئے دا نيالہ بڈا لگدے۔ (کہاوت)

**دوئے:** دوسري، ٻئي. **نيالہ:** نوالہ، نوالو، گرهہ. **بڈالگدے:** بڙا لگنا، وڏو لڳڻ.

رِيسَ، رَشڪ ۽ ديکا ديکي، انساني فطرت جي اندر رکيل آهي تہ جيئن دنيا جو ڪاروهنوار هلي سگهي. اگر دنيا ڏانهن ماڻهن جو لاڙو يا التفات نہ هجي ها تہ هوند، دنيا ڊوندي وانگر پئي ڳري ۽ سڙي ها. ڪير ڪيس ناهڻ جي جستجو ئي نہ ڪري ها. اها فطري حس، اگر حد اندر آهي تہ دنيا بہ نهي ٿي تہ آخرت بہ. اگر ان جي حدن ڪان انسان تجاوز ڪري ٿو تہ پوءِ سندس ٻئي جهان اڪارت ٿيو وڃن. نہ دنيا رهيس ٿي، نہ آخرت.

ٻئي جي مال تي نگاهہ وجهڻ سان، سندس ڌيان ان مال کي حاصل ڪرڻ ڏانهن هليو وڃي ٿو. پرائي مال مٿان مالڪي حاصل ڪرڻ جي جستجو، اندر ۾ جاڳي ٿي پويس، جنهن سان جيءَ اندر ريس شروع ٿئي ٿي. اڳلي ڪان اها شيءِ يا نعمت، ڦرڻ لاءِ نيتن جا نانگ، جيءَ اندر ڦوڪارا ڏيڻ شروع ڪنس ٿا. وس آهر، اها شيءِ پاڻ وٽ ڪني ڪرڻ جي جستجو ۾ رهي ٿو.

پنهنجي شيءِ، ويجهي هئڻ سبب، حقير نظر اچڻ لڳي ٿي. ٻئي جي شيءِ، پاڻ کان دور هئڻ سبب، سهڻي ۽ وڏي نظر اچڻ شروع ٿي وڃي ٿي. پرائي ڪِني شيءِ بہ سهڻي، ڪارائتي ۽ وڏي نظرجي ٿي، جڏهن تہ پنهنجي پلي شيءِ بہ ڊلي، بيڪار ۽ ننڍڙي نظرجي ٿي.

مطلب:

١ . ٻئي جو گرهہ وڏو لڳندو آهي. (ترجمو)

٢ . پرائي مينهن جو اوهہ، وڏو لڳندو آهي.

٣ . پرائو ڏن ۽ ....، وڏا نظر ايندا آهن.

### ٨٥ . ديہاڑی بولن پهاڑياں، راتی بولن کاں؛ يا گراں دا لمبردار نينھ، يا گراں دا گراں۔ (کہاوت، شگون)

*ديہاڑی*: ڏيهاڙي، ڏينهن جو. *بولن*: ٻولي، ٻونڪي، لنوي، رڙي، اوناڙي. *پهاڑياں*: لومڙيون، گداڙيون. *راتی*: رات جو، اڌ رات جو. *کاں*: ڪانءُ، ڪانويليون. *گراں*: ڳانءُ، ڳوٺ، آبادي، وسندي. *لمبردار*: لمبردار، نمبردار، مکي، وڏيرو، چوڌري، پٽيل. *نينھ*: نهين، نہ رهڻ، مري وڃڻ.

هڪڙو شگون يا وهم آهي، جيڪو ڪڏهن ڪڏهن آزمائشي طور تي، الله جي حڪم سان وجود بہ وٺندو آهي. جڏهن تہ فطرت جي قانون سان ان جو ڪو بہ واسطو ناهي.

فطرت جي قانون تحت، گدڙ رات جو اوناڙيندا آهن ۽ ڪانءَ ڏينهن جو اچي گهر جي ٻيت مٿان لنوندا آهن. فطرت ڪان هٽي ڪري ڪا شيءِ ورلي ڪم ڪندي آهي. سواءِ جن ۽ انسان جي، هر مخلوق: حيوانات، نباتات ۽ جمادات، پنهنجي پنهنجي مقرر ڪرده خول اندر ڪم ڪندي آهي. ان جي مقرر حدن کان ٻاهر نہ اورانگهيندي آهي. اگر اها بيگاهہ وقت تي، پنهنجي فطرت کان هٽي ڪري، ڪو ڪم ڪري ٿي تہ ان ۾ خالق جي قدرت طرفان ڪو ٻيو نياپو سمجهڻ گهرجي. جنهن جي تاويل، صاحب دل ۽ صاحب ايمان ئي صحيح طور تي ڪري سگهن ٿا. هن ڪهاوت ۾ پڻ اهڙي عمل ڏانهن اشارو آهي.

اگر ڪنهن وسنديءَ جي مٿان، ڏينهن ڌاري گدڙ اچي اوناڙين ۽ وري رات ڌاري ڪانوَ اچي لنون تہ يا اها وسندي وجود وڃائيندي يا ان وسنديءَ جو وڏيرو وفات پائيندو. 'آواز خلق، نقارهء خدا است' واري اصول تحت، ڪڏهن ڪڏهن، ڪنهن شيءِ جي بربادي جا پسڻ، اڳواٽ پئجي ويندا آهن. جيئن حضرت سليمان عليہ السلام واري واقعي منجهہ آهي تہ ڪِوليون، هڪڙي ٻر ڪان ٻيءَ ٻر ڏانهن لڏيون پئي ويون ۽ چونديون پئي ويون: وقت جا حاڪم وڏا ظالم ٿيندا آهن، جڏهن ڪنهن وسنديءَ تي ٽٽندا آهن تہ ان کي تحس نحس ڪري ڇڏيندا آهن.

ان قسم جي اوساڻن منجهان، هيءَ ڪهاوت بہ هڪڙو شگون آهي. ضروري ناهي تہ ائين ٿئي بہ. جڏهن تہ ان جي وجود ۾ اچڻ جو خدشو ضرور رهندو آهي.

مطلب:

١ . ڏينهن جو اناڙين لومڙيون، رات جو لنون ڪانوَ: يا وڏيرو وجي، يا ڳوٺ وجي. (ترجمو)

٢ . ڏينهان اوناڙي گدڙ، راتيان لنوي سيار: يا راجا مري، يا پوي ڏيهہ ۾ ڏڪار.

## ٨٦ . ديئے تلے انڌيرا۔ (ڪهاوت)

ديئے: ڏيئو، بتي. تلے: تري ۾، هيٺان، هيٺئون. انڌيرا: انڌيرو، اوندهہ.

هر مخلوق، ڪنهن نہ ڪنهن ڪارج خاطر، پيدا ڪئي وئي آهي. سج، چنڊ، ستارا، آسمان، ڌرتي، جبل، نيون نديون، درياهہ ڍنڍون ڍورا سمورا جو سمورا هن پرٿويءَ تي انسان جي خدمت لاءِ خلقيا ويا آهن. سجُ: اُس ۽ روشني ڏيڻ لاءِ آهي. جڏهن تہ اهو پنهنجي پاڻ ڪي ڪو بہ فائدو نہ ٿو پهچائي. ائين ڏيئو پڻ روشني ٻين خاطر ڏئي ٿو، جڏهن تہ منجهانئس پنهنجي ذات لاءِ ڪو فائدو نہ ٿو وٺي.

زندگيءَ اندر ڪيترا ئي عالم ۽ استاد پڻ ڏٺا ويا آهن، جن ٻين منجهہ تعليم کي عام ڪرڻ خاطر، پنهنجي ذاتي گهربار جو ايترو خيال نہ ڪيو. نتيجي طور، سندن شاگرد وغيرهہ تہ تمام گهڻا پيدا ٿيا ۽ وڏن وڏن عهدن تي وڃي رسيا، جڏهن تہ پاڻ ساري عمر ماستر جا ماستر ئي رهيا. نہ ايترو بلڪ، سندن اولاد پڻ، غربت سبب، اعليٰ تعليم حاصل نہ ڪري سگهيو.

اهو بہ هڪڙو اصول آهي: جيڪو ٻين خاطر پنهنجي پاڻ کي ارپي ڇڏيندو آهي، سو دنياوي مال ملڪيتن ڪٺي ڪرڻ کي سنو نہ سمجهندو آهي ۽ نہ ئي هن عارضي دنيا جون خوشيون ڪيس وڻنديون آهن. انهن کي هيچ سمجهي، ڪانئن ونءُ ويندو آهي. نتيجي طور، دنياوي پدوين جي وهندڙ گنگا واري سهولت مان، مستفيض ٿيڻ بجاءِ، محروم رهجي ويندو آهي.

مطلب:

١ . ڏيئي جي تري ۾، اوندهہ. (ترجمو)

٢ . اکين ڪان انڌي: نالو نور-پري.

٣ . اکين ڪان انڌو: نالو روشن ميان.

## ٨٧ . رات کنڈیاں تے بھی گزرای جلدی اے۔ (کہاوت)

**کنڈیاں تے:** کنڊن تي. **جندراتے:** جنڊن تي، جنڊ پيهندي.

وقت بہ درياهہ جي بيقرار وهَ وانگر، وهندو وڃي ٿو. واري بہ هٿن جي وٿين مان ايترو تيزيءَ ۽ آسانيءَ سان ڪسڪندي ناهي، جيتري آسانيءَ ۽ تيزيءَ سان، وقت گذرندو ۽ وهندو ويندو آهي. ان ڪي ڪنهن بہ قسم جو ونگ پوٽو ئي ناهي.

وقت چوي: آءٌ بادشاهہ آهيان. مون تي، رب پاڪ کان سواءِ، ڪنهن جو وس ناهي هلندو. دنيا جي ڪا بہ شيءِ ان ڪي روڪي نہ ٿي سگهي. ماڻهو ڪٿي بہ لڪي، کهڙي بہ ڦڏي ۾ پاڻ ڪي اڙائي، نيٺ اهو سمو يا ٽاٽو متانئس اڪرٽو آهي ۽ اڪري ويندو. وقت جو ڪو بہ ٽاٽو اٽڪي نہ ٿو بيهي، بلڪ گذري ئي وڃي ٿو.

رات جو پهر آهي ئي ڇا؟ گذرندي ويرم ئي نہ لڳندي آهي. غربت ۾ بہ گذري ويندو تہ شاهوڪاريءَ ۾ بہ گذري ويندو. ٻُت تي لٽو هجي تہ بہ گذري ويندو، نہ هجي تہ بہ گذري ويندو. ماڻهو ڪَنڊن تي سمهي يا گلن تي، جَنڊ پيهندي گذاري يا ڪيمخواب بستري تي سمهندي گذاري: وقت گذري ويندو. سياري جو سمور جي سوڙ ۾ سمهي يا تنور اندر لڪي ويهي، وقت گذري ويندو. اونهاري جو ايئرڪنڊيشن ڪمرن ۾ سمهي يا ٻاهر ڪٽ تي پيو رهي، رات گذري ويندي. وقت جي وهہ ڪي، ونگ پوٽو ئي ناهي.

مطلب:

١ . رات تہ ڪنڊن تي بہ گذري ئي ويندي آهي. (ترجمو)

٢ . رات جندراتے بھی گزرای جلدی اے۔ (کہاوت)

٣ . رات تہ جنڊن تي بہ گذري ئي ويندي آهي. (ترجمو)

۴ . لوک ہک رات کنڈیاں تے بھی گزار کہندن۔ (کہاوت)

(ماڻهو هڪڙي رات تہ ڪنڊن تي بہ گذاري ويندو آهي.)

۵ . رات تہ گذري ويندي آ: تنور ۾ بہ، سمور ۾ بہ. (فارسي)

٦ . وقت ڪي ڪو بہ ٻڪ وجهي نہ ٿو سگهي.

٧ . وقت ڪي پر آهن، وڃي ٿو اڏامندو.

## ٨٨ . رواں دی بلی بناواں، میاؤں کون کرے۔ (کہاوت)

رواں: اُنَ، ڏاس.

هڪڙي ڳوناٽي جي گهر منجهه ڏاڍا ڪُوئا اچي پيدا ٿيا ۽ ڪيس ڏاڍو تنگ ڪرڻ لڳا. هر شيءِ زيان ۽ ناس ڪري پيا وجنس. تو مان سان ڳالهه ڪيائين. ڪيس ڏس مليو تہ ٻلي ڏار.

ٻلي ڏارڻ لاءِ، تو مان ڪان ٻلي گهريائين. ڪنهن ڏنس ڪو نہ پئي، جو گهر جون هريل ٻليون ٻئي ڪي ڪير نہ ڏيندو آهي ۽ نہ وري هڪ هنڌ جون هريل ٻليون ٻئي هنڌ ٽڪنديون آهن.

ٻلي، ٻليءَ جي ماڳ موراڳو، ٻليءَ جو ٻچڙو ڪٿان بہ نہ پئي مليس. نيٺ سوچي سوچي دل ۾ چيائين: 'ڪهڙا مون ڪي ڪوئا مارڻا آهن. ڪين رڳو ڊيڄارڻو تہ آهي. انن ۽ رڍن جي ڏاس منجهان ٻلي ٺاهي گهر ۾ ٿو رکان. ڪوئا ڀڄي ويندا.'

اُن يا ڏاس منجهان پهرين ٽُنبو ٻڌايائين، پوءِ جڙاوت ڪري هوبهو ٻلي ٺاهيائين. هاڻي ڏاس جي ٻلي تہ نهي تيار ٿي. گهر ۾ رکيائين تہ ڪوئا، بجاءِ ٻليءَ کي ڏسي ڊڄي ڀڄي وڃڻ جي، وينا ساڻس ڪينچل ڪن. ان تي همراهہ ڏاڍو پريشان ٿيو. هيترو خرچ ڪري ٻلي ٺاهيم، تڏهن بہ ڪوئا نہ ويا. تو مان سان ڳالهه ڪيائين. تن چيس: ڪوئا ٻليءَ جي شڪل ڪان نہ، پر ان جي ميائون ميائون ڪرڻ سان ڊڄندا آهن.

وڏا وس ڪيائين پر هٿ جي جوڙيل ٻليءَ ۾ ميائون ميائون جو آواز نہ وجهي سگهيو. بيزار ٿي واتان نڪري ويس: 'اُن جي ٻلي تہ ٺاهيم، هاڻي ميائون ڪير ڪري.'

مطلب:

١ . اُنَ جي ٻلي تہ ٺاهيان، ميائون ڪنهن ڪان ڪرايان. (ترجمو)

٢ . نقل ڪي شڪل، اصل واري تہ ڏئي سگهجي، پر ڪارائتو نہ ٿو ڪري سگهجي.

٣ . ڪاٺ جو ڪتو ٺاهڻ سولو، ڀؤنڪ ٺاهڻ ڏکي.

۴ . ڪوئن ڏني ٻلڙي، دلڙي ٿين ڊلڙي.

۵ . ٻلي نہ ماري، ٻليءَ جي ميائون ماري.

٦ . سپ نہ ماري، سپ جو سراپ ماري.

### ٨٩ . زنانی دے بالا بالا تلے فریب ہوندے۔ (ڪهاوت)

**زنانی:** عورت، رن، مائي. **بالا بالا تلے:** وار وار منجهہ. **فریب:** مڪر، مِڪر، ڊونگ.

يوسف عليہ السلام واري قصي کي احسن القصص ڪوٺيو ويو آهي، جنهن اندر عورت جي مَڪر کي "ان ڪيدڪن عظيم" سڏيو ويو آهي يعني عورت جو مڪر، عظيم مڪر آهي. عظيم وڏي چوٽيءَ واري شيءِ کي چئبو آهي. جيئن جبل کي چوٽي آهي، پر اها اجا نندي آهي، عورت جي چوٽي ان ڪان بہ وڏي آهي، جيڪا سر ڪرڻ وڏن وڏن مهم-جوئن جي بس جي بات ناهي.

هڪ ڏاهي تہ ائين بہ چئي ڇڏيو تہ دنيا ۾ ٽي وڏيون چوٽيون آهن: رب کي چوٽي آهي، جبل کي چوٽي آهي ۽ عورت کي چوٽي آهي. رب غفور رحيم آهي. ٿوري روئڻ تي بہ ريجهيو پوي. جبل جي چوٽي بہ ڪشٽن پڄاڻان سر ٿيو وڃي. عورت جي چوٽي، اڄ تائين ڪير سر نہ ڪري سگهيو آهي. جيڪو اها دعويٰ ڪري ٿو، اهو جڻ پاڻ اجا ڪير-پياڪ ٻار آهي. جيڪا مڙس سان گڏ سُتي ستي، پاسي ۾ پُٽ کي ببو ڏيو وڃي، تنهن جي چوٽي سر ڪرڻ ناممڪنات منجهان آهي.

مطلب:

١ . عورت جي وار وار منجهہ، مڪر رکيل آهي. (ترجمو)

٢ . رن ڪين ڄاڻي، تہ بہ اُٺُ مڪرن جو ڄاڻي.

### ٩٠ . زنانی دی کھری پچھے مت ہوندی اے۔ (ڪهاوت)

**کھری پچھے:** ڪڙيءَ پويان، ڪڙيءَ-هيٺان. **مت:** مت، عقل، ڏاهپ، سمجهہ، سوچ.

مرداڻي سماج اندر، عورت کي ڪمزور ۽ بي عقل سڏيو ۽ سمجهيو ويندو آهي. سندن چوڻ آهي تہ: عورت کي عقل پير جي ڪڙيءَ هيٺان آهي. ڪڙي ڪٽندي، عقل نڪريو وڃيس. رات جو تہ اهو بہ هليو ٿو وڃيس.

عورت جي پير جي ڪڙي، جسم جي ٻين عضون جي ڀيٽ ۾ تمام ننڍڙي ٿيندي آهي. ان جي هيٺان لڪل شيءِ تہ اجا بہ ننڍي ٿيندي. مٿين چوٽيءَ

مان، هن تشريح جي عڪس ۾ اها مراد ٿي ته عورت جو عقل تمام ٿورو، ڪٿل ۽ ناقص آهي، جنهن شيءِ ۾ نقص يا ڪوٽ هجي سا، ڪارائتي هئڻ بجاءِ نقصانده ٿيندي آهي.

مطلب:

١ . عورت ڪي، ڪڙيءَ- پويان عقل هوندو آهي. (ترجمو)

٢ . عورت ڪي عقل ڪڙيءَ ۾، سچ لٽي ڪان پوءِ سو به ٻاهر.

## ٩١ . سانجها ابا، ڪسے نه دبا۔ (ڪهاوت)

*سانجها*: مشترڪ، ڀائيچاري وارو، هڪ-ڪرو، هڪجهڙو. *ابا*: ابو، پيءُ، بابو. *ڪسے*: ڪنهن ڪان. *نه دبا*: نه دفنيو، نه پوريو.

ڪفن دفن، هر مردي يا لاش جو حق آهي. ڪنهن جو به لاش هجي، ان ڪفن جو لٽو لهڻو. دفن ٿيڻ لاءِ زمين جي ٽوٽي، ان جو حق آهي. ڀائيواري، پيءُ منجهه به خراب آهي. ڀائيواري واري شيءِ مان، حاصل ٿيندڙ منافعي مٿان هر ڀائيوار مالڪيءَ جي دعويٰ ضرور ڪندو آهي. جڏهن ته مٿس محنت يا سيڙپ واري خفي ڪان، هر ڪو پيو لهرائيندو آهي. چوڪيداريءَ/ خبرگيريءَ ۽ ناهه نوهه وقت، هر ڪو پيو پاڻ ڪُترائيندو آهي.

ابي جي ملڪيت ۾، هڙ پُٽ ڇا ڏيئر به مالڪي پيون جتائينديون آهن. ڪن جڳهين تي ائين به ڏٺو ويو آهي ته لاش پيو هوندو آهي. هر ڪو چوندو آهي: پهرين ملڪيت جو حساب ڪتاب ڪيو، پوءِ لاش زمين ۾ لهندو. اهڙن پٽن مان اها ئي توقع رکي سگهجي ٿي، جو ابي جي مرڻ پڇاڻان، ملڪيتن هٿ ڪرڻ ۾ شينهن ۽ لاش جي ڪفن دفن ۾ سست هوندا. هڪ ٻئي جي آسري تي ڪفن دفن جي رسم تي به شل اچن. اهو معاملو اجا گنڀير ٿي وڃي ٿو، جڏهن مرڻ واري ڪي ٻن يا ٽن گهر وارين منجهان پٽاڻو اولاد هجي ٿو.

مطلب:

١ . ڀائيواريءَ وارو پيءُ، ڪنهن نه دفنايو. (ترجمو)

٢ . ڀائيواريءَ جو ڀت به خراب.

٣ . ڀائيچارو، ڀاءُ سان به خراب.

۴ . ڀائيچارو، ڀيوءَ سان بہ برو.

### ٩٢ . سانجها مال، ترهايا اي رهندے۔ (کهاوت)

سانجها: مشترڪ، ڀائيچاري وارو. مال: مال ڍنارو، مينهون ڍڳيون. ترهايا: ترسايل، اجيارو، اڻ ڍاول. اي رهندے: رهندو آهي.

مينهون يا ڍڳيون: ڏارڻ سوليون، چارڻ ڏکيون. مال منجهہ نفعا آهن تہ خفا پڻ آهن. مال کي جيستائين جهنگ ۾ ۽ آهر تي چاربو نہ تہ کير نہ ڏيندو. ساڳائيندو بہ نہ. بت ۾ لهڪارجندو ويندو، تان جو ڪاسائيءَ جي لائق بہ نہ رهندو.

مال هڪ مالڪ وٽ هوندو تہ اهو نفعو وٺڻ سان خفو بہ ڪندو. وقت تي چارو وجهندس، پاڻي پياريندس، ٻڌائي ڇوڙائي ڪندس. کير ڏهڻ پچاڻان، مال جي ٿهل ٽڪور دل سان پيو ڪندو. اگر ڍور جا مالڪ بہ آهن تہ پوءِ هر ڪنهن جي نگاهہ نفعي ۾ هوندي. مٿس محنت ۽ سار سنڀال ۾ سستي پيا ڪندا. تان جو مال کي، نہ وقت تي گاهہ پنو ملندو، نہ وري کير ڇوڙي وجي پاڻي پياريندو. اڃ بک ۾ پاهہ پيو ٿيندو، ڪنهن بہ پائيوار کي، ٿهڪاءُ ڪو نہ ايندو.

مطلب:

١ . ڀائيچاري واريون ڍناريون، اجايل ئي رهن. (ترجمو)

٢ . ڀائيوارِي، ڀاءُ سان چڱي ناهي.

### ٩٣ . ساهيہ لادو هويا، تے چاسي کے۔ (کهاوت)

ساهيہ: سهو، سيهڙ. لادو: لاڏو، لڏ ڪٽندڙ، بار ڍوئيندڙ. هويا: ٿيو، ٿي پيو. چاسي کے: چائيندو ڇا، ڪٽندو ڇا، بار ڪهڙو ڍوئيندو.

اڄڪلهہ بار برداريءَ لاءِ، بحري ٻيڙا، جهاز، ريل گاڏيون، ٽرڪون، ۽ پڪ اپ وغيرہ روڊن تي هلندڙ آهن. ڪو زمانو هيو جو اهو سارو خفو، وهٽن وسيلي ٿيندو هيو. خاص طور تي انهن ذريعي، جن کي خشڪيءَ جو ٻيڙو، پڻ سڏيو ويندو هيو. گڏهن، خچرن ۽ گهوڙن کي بہ سامان ڍوئڻ لاءِ تيار ڪبو هيو، جيڪي لڏيل سامان، هڪ هنڌ کان ڍوئي ٻئي هنڌ پهچائيندا هيا.

انهن منجهہ بار برداريءَ جي حساب سان بہ قسم هيا. هڪڙا مهري، ٻيا لاڏو. مهريءَ کان بسن ۽ ڪوچن وارو ڪم ورتو ويندو هيو. اهي فقط ماڻهن

جي سواريءَ واسطي هوندا هيا. هلڻ اهڙو هين جو وينل کي سفر دوران، تڪليف گهٽ پهچندي هئي. جڏهن تہ لاڏو هيا ئي بار ڍوئڻ واسطي. مٿن وزنائتا ٻورا/ٻوجها سٽي، سامان هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پهچائبو هيو. اهي ڪٽڻ ۽ هلڻ ۾، سگها ۽ اڻ-ٿڪ هوندا هيا.

ان جي ابتڙ، سَهو هڪڙو ڪمزور ساهدار آهي، جيڪو مشڪل سان پنهنجو وزن چوري پوري سگهندو آهي. ان کي اگر لڏ چڪڻ سيکارجي، تہ سوال ٿو اٿي تہ: اهو مال ڪهڙو ڍوئي سگهندو. سير سوا اگر وزن ڪٽي ٿو تہ ان کان ننڍڙو ٻار بہ وڌيڪ وزن ڍوئي سگهندو. پوءِ سهي تي ڏارڻ ۽ سڌارڻ جهڙا خفا ڪرڻ مان فائدو ڪهڙو؟

مطلب:

١ . سهو لاڏو ٿيو تہ، ڍوئيندو ڇا؟ (ترجمو)

٢ . ٻڪر کي ڪيترو بہ چارجي، هَرُ ڪين وهندو.

## ٩٤ . سٹیا گراں، کے کھنا ناں۔ (کہاوت)

*سٹیا:* ڇڏيو، لڏيو. *گراں:* ڳائون، ڳوٺ، وسندي. *کے کہنا:* ڪهڙو چوڻو، ڇا وڻٽو. *ناں:* نانءُ، نالو.

هڪڙي ڳوٺ ۾، ماڻهو جمي وڏو ٿئي ٿو. اگر اتان ڪنهن سبب جي ڪري ڇڏي لڏي وڃي ٿو تہ پوءِ ان جي هڇر پڇر نہ ٿو ڪري. اگر ڪيس اهو ڳوٺ پيارو هجي ها تہ پوءِ ڏک سک ۾ اتي پيو هجي ها ۽ اتان لڏي نہ وڃي ها. چو جو لڳايون چڱايون، هر ماڻهوءَ سان لڳل آهن، پوءِ پلي ڪهڙي بہ ڳوٺ ۾ وڃي رهي. لڏي وڃڻ کان پوءِ، اتان جا حال احوال پڇڻ، اتان جي رهڻيءَ ڪرڻيءَ ۾ دلچسپي وٺڻ، بي معنيٰ ٿيون لڳن. اگر ايتريون پياريون هيون تہ ڏکيو سکيو ساڻن وقت ڪاٽجي ها ۽ چڱائيءَ جي اميد رکجي ها. بيماري ٻڙيءَ ۾، جنگ جهيڙي ۾ يا ٻوڏ جهڙي آفت اچڻ تي ڳوٺ نہ ڇڏجي. هڪ دفعو ڇڏڻ کان پوءِ، ان ماڳ تي موٽي اچڻ، ڏکيو هوندو آهي.

مطلب:

١ . ڳوٺ ڇڏيي کان پوءِ، ڪهڙو ان جو نالو وٺڻ. (ترجمو)

٢ . ميهار مينهن مان نڪتو، وڃن ڪهڙي پارت.

## ۹۵ . سجن آکھے رواکے، دشمن آکھے ہساکے۔ (کہاوت)

**سجن:** سڄڻ، دوست، يار، سچو ساٿي. **آکھے:** آکي، چوي، نصيحت ڪري.
**رواکے:** روئاري. **ہساکے:** کلائي.

نصيحت ڪرڻ وارن جا ٻہ قسم آهن: جن جي دل ۾ سچي محبت ۽ همدردي آ، ٻيا بي دليا جيڪي متاڃري زبان سان ميار لاهين. سچا سڄڻ اهي آهن، جيڪي صحيح راهہ تي هلڻ لاءِ، سختيءَ سان تلقين ڪن. جيڪي فقط ميار لاهڻ لاءِ چپ چورين، سي سڄڻ نہ بلڪ ڏڄڻ آهن. جن استادن ننڍي هوندي، مرڪي پڙهايو ۽ ڪڏهن بہ سختي نہ ڪئي، سي اڄ چٽ تي ئي نہ ٿا چڙهن. ان جي برعڪس اهي استاد جن سختي ڪئي ۽ مارون ڏئي سبق ياد ڪرايا سي وسرئي نہ ٿا وسرن.

رحمدل جراح، جيڪو مريض کي ڪلي وينو ڏسي ۽ ان جي ڦٽ جو علاج ڏجي ڪري، سو مريض جي دل تان جلد لهي ويندو آهي. ان جي ابتڙ اهو جراح، جيڪو بي رحم ۽ بي ڊپو ٿي، جراحيءَ واري وڍ-ٽڪ ڪري، مريض کي دائمي مرض مان جان جي آجائي ڪرائي، مريض تنهن کي ئي سڄڻ سمجهندو آهي. ڪيس، ورتل فيس جو، حقدار پڻ سمجهندو آهي.

مطلب:

۱ . سڄڻ چوي روئاري، ڏڄڻ چوي کلائي. (ترجمو)

۲ . رحمدل جراح، جلد دل تان لهيو وڃي.

## ۹۶ . سر بڈے سرداراں دے، پیر بڈے گنواراں دے۔ (کہاوت)

**سر:** سر، مٿو، مغز. **بڈے:** ٻڙي، وڏا. **سرداراں:** سردارن جا، منهندارن جا.
**گنواراں:** ڳنوارن جا، ڏنارن جا، جٽن جا.

ضروري ناهي تہ ماڻهوءَ جو اندر، ائين ئي هجي جيئن سندس ظاهري شڪل آهي. ظاهري شڪل منجهان، ڪنهن جي ڪردار جو اندازو لڳائڻ، ڪنهن ڪنهن جو ڪم آهي. ماڻهوءَ جي شڪل يا جسماني بيهڪ ڏسي، اندازو ڪري ويندا آهن تہ اڳلو ڪهڙي ورتاءَ يا سڀاءَ وارو آهي.

جيئن هڪ فقير، هڪڙي سيٺ جي آڏو خير جي صدا نہ پئي هڻئي. پڇڻ تي ٻڌايائين تہ: ”سيٺ جون پنيون ايترين ٿلهيون آهن، جو ٽڻي ئي ظاهر

ناھيس. ان جي مال مان سندس اولاد ۽ جان کي ئي نفعو ناهي پهچڻو، سو مون کي ڇا ڏيندو! ڪانئس گھري، پنهنجو شان ڇو وڃايان!“

يا اڪثر ننڍي قد وارن لاءِ اهو چيو ويندو آهي تہ: بندرا، شيطان هوندا آهن. يا ڊگھن کي بيوقوف سڏيو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح، جن ماڻهن جو مٿو وڏو هجي، تن لاءِ سمجهيو ويندو آهي تہ: انهن جو مغز بہ وڏو هوندو آهي ۽ ڪليل دل جا هوندا. سپوت بہ انهن منجهان پيدا ٿيندا آهن، جيڪي قوم ۽ ملڪ تي جان قربان ڪري ڇڏيندا آهن. ان جي ابتڙ جن ماڻهن جو پير وڏو هجي، تن کي مورک سمجهيو ويندو آهي. انهن لاءِ ائين بہ سمجهيو ويندو آهي تہ: اهي ڪپوت آهن، جيڪي فقط پنهنجي سر لاءِ جيئن ٿا. قوم ۽ ملڪ کي، منجهانئن ڪو بہ فائدو ناهي.

مطلب:

١ . سر وڏو سردار جو، پير وڏو ڳنوار جو. (ترجمو)

٢ . سر وڏو سپوت جو، پير وڏو ڪپوت جو. (ٽر)

٣ . سر بڈے سرداراں دے، پیر بڈے گنواراں دے، [دل پتھر خرکاراں دے، دن بڈے بے کاراں دے۔ (مؤلف. سلطان سکون)]

۴ . سر وڏا سردارن جا، پير وڏا ڏنارن جا، [دل پٿر خرڪارن جا، ڏينهن وڏا بيڪارن جا. (ترجمو)]

## ٩٧ . سس تے سوہرا کہر نینھ، ہور کسے داڈر نینھ۔ (کہاوت)

**سوہرا:** سهرو، مڙس جو پيءُ. **کہرا کہار نینھ:** گهر ۾ ناهي. **جندے:** جندڙي، جان منهنجي. هڪ گهر جي اندر گڏ رهڻ سبب، پاڻ ۾ ٽڙ ڦٽڙ ٿيندي رهندي آهي. ڪڏهن ان کي سهڻ لاءِ طبيعت ۾ سهپ هوندي آهي، ڪڏهن موڊ ئي نہ هوندو آهي. ويتر جو سس ۽ سهرو گهر ۾ هجن، تہ پوءِ اندر جون مکون اندر ۾ ئي پيون هٽبيون آهن. زال کان پلاند وٺڻ لاءِ پيو اندر جلندو آهي. ظاهري طرح ڪجي نہ سگھبو آهي جو سس ۽ سهري جي سامهون ٻاهريون ٻنو بہ رکڻو هوندو آهي. جڏهن اهي گهر کان ٻاهر هليا ويندا آهن يا نياڻو زال سميت ساهري-گهران نڪري ايندو آهي تہ پوءِ دل جو اوبر ڪڍڻ لاءِ پاڻ کي آزاد

سمجھندي، ائين ڀلائيندو آهي. جڏهن ته ٻارن ٻچن جي موجودگيءَ ۾ ٻه اندر جي باھ ڪڍڻ اجا ڏکي ٿي ويندي اٿس.

عورتون ٻه موقعا ۽ مهلون سجاڻي ويندي ون آهن. پيءُ ماءُ جي سامهون مڙس کي چيرا پيون ڏينديون. انهن جي وجهه پڇاڻان، مڙس جي مٿي چا پيرن کي وينيون زور ڏينديون. مرد ويچارو وري ٻه بدلو وني نه سگهندو آهي. پر دل کي پيو چوندو آهي ته: ڪا غيرت ڪر، ڪو ٽپي پؤ ته بدلو ونون. جڏهن ته دل ۽ دماغ، پاڙيا تي پوندا اٿس ۽ بدلي ونڻ ڪان ونءُ پيا وندا اٿس.

مطلب:

١ . سس ۽ سهرو گھر ناهين، ڪنهن جا پؤ ناهين. (ترجمو)

٢ . *سس تے سوہرا اکہار نینھ، تپ واجندے تپ۔ (کہاوت)*

٣ . سس ۽ سهرو گھر ۾ ناهن، تپ ڙي جان ٽپي پؤ. (ترجمو)

۴ . ڏسڻ وارو نه هجي ته ڏاڍيءَ دل سان ڏوھ ڪبو آهي.

### ٩٨ . *سنڈھیاں دا کہول تے بوٹیاں دی شامت۔ (کہاوت)*

***سنڈھیاں:*** سانَ، سانن. ***کہول:*** ڪشتي، ويڙهاند، جهڳڙو. ***بوٹیاں:*** ٻوٽا، ٻوڙا.
***شامت:*** جوکو.

هيٺي ۽ ڏاڍي جي جهيڙي ۾ ته نقصان هيٺي کي ئي پهچندو آهي، پر ٻن ڏاڍن جي ويڙھ ۾ ٻه نقصان، اوس پاس جي ڪمزورن جو، مفت ۾ ئي ٿيندو آهي، چو جو وڙهندي ٻه طاقت آهي ته دفاع ٻه ڪندي طاقت آهي. ٻه ڏاڍا طاقت جي زور تي پاڻ ٻکجن ٿا ته پاسي واري ڪمزور کي آيل چيپٽ مان سندس ڪمزوري بجاءِ بچائڻ جي ويتر ٻوهي ۾ وجهي ٿي. ان ڪري ڪمزور کي جڳائي ته ڏاڍي جي پاڙي ۾ ٻه نه رهي. ان جو ڪنهن سان تنازعو ٿيو يا ساٽس ڪو اچي وڙهيو ته پاڙي واري ڪمزور تي نزلو ڪرندو. اگر ائين نه ٻه ٿيو ته ڏاڍو پنهنجي دولت جي نشي ۽ ٻود ۾ آيو ته دڙيون ٽپندي، پهريون نشان پاڙي واري ڪمزور کي ڪندو آهي.

مطلب:

١ . سانن جي ڪشتي، ٻوٽن تي مصيبت. (ترجمو)

٢ . سانن وڙهندي، ٻوڙن جوکو.

٣ . وڙهن سان، لتاڙجن/ پٽجن ٻوڙا.

٩٩. سنگ کنڈھلے منجھیۓ، پیر چٹے کھوڑیۓ،
مچھا سونہنیاں مرددی، نین سوہنے گوریۓ۔ (کہاوت)
دودھ مٹھا منجھی اے، چال سوہنی کھوڑیۓ،
قول پکا مرددا، شرم سوہنی گوریۓ۔ (کہاوت)

سنگ: سِڱ. کنڈھلے: ڪنديي، جنهن جا سڱ ڪنڊا يا وريل هجن. منجھیۓ: مينهن جا، وڇير جا. پیر: ڪر، پير. چٹے: چٽا، سهڻا. کھوڑیۓ: گھوڙي جا، گھوڙيءَ جا. مچھا: مڇون. سونہنیاں: سهڻيون. مرددی: مرد جون. نین: اکيون، نيڻ، چشم. سوہنے: سهڻا، وڻندڙ. گوریۓ: نوخيز، الهڙ، نوجوانڙي. منجھی: مينهن، وڇير.

هن ڪهاوت اندر، ڪن ساهدارن جي تعريف ڪئي وئي آهي. ڪين جيئن سگهڙن ڏٺو آهي، تيئن پنهنجي زباني بيان ڪيو آهي. هڪ ئي خلقت ۾ رب تعالىٰ ڪوڙ ساريون وصفون وديعت ڪيون آهن. هڪڙن ڪي سندن هڪڙي صفت تي نظر اچي ته ٻين ڪي سندن ٻي صفت، ان ڪان ٻه اڳري تي نظر اچي.

جيئن هڪڙي جي نظر ۾ مينهن اها پلي آهي جيڪا ڪنديي هجي يعني سڱ وريل هجنس. ٻين جي نظر ۾ اها پلي آهي، جنهن ۾ کير ججهو هجي. اگر ڏٺو وڃي ته ٻنهي ڳالهين ۾ نقطو ساڳيو سمايل آهي، ڇو جو ڪنديي مينهن ٻه کير جي پلي هوندي آهي. مهر سان ڏهائيندي آهي ۽ کير جالارو هوندو اٿس.

اهڙيءَ طرح هڪڙن گھوڙي جي پيرن جي تعريف ڪئي آهي ته ٻين سندس چال جي. جنهن گھوڙي جا پير سڌا هوندا، ان گھوڙي جي چال ٻه تکي ۽ سهائيندڙ هوندي.

پهرين سٽ ۾ مرد جي مڇن جي تعريف آهي ته ٻيءَ ۾ ان مرد کي سهڻو چيو ويو آهي جيڪو قول جو پڪو هجي. جڏهن ته مڇ تي هٿ رکي قرڻ ٻه قول جو پڪو نه هئڻ کي سڏيو ويو آهي. مراد ساڳي آهي: مرد ته مڇ، يعني مرد اهو جو قول پاڙي.

نوخيز ۽ نوجوان ڪنواريءَ جي اکين کي سهڻو سڏيو ويو آهي. ٻيءَ سٽ ۾ ان جي حياءَ جي تعريف ڪيل آهي. ڏٺو وڃي ته حياءُ ٻه اکين ۾ هوندو

آهي. بي حياءُ عورت ئي ٻين ڏي اکيون کڻي ڏسندي آهي. حيادار، ڌاريي کي اک کڻي نہ ڏسندي آهي.

مطلب:

١ . سڱ کنڊا مينهن جا، پير اچا گهوڙي جا، مڇ سهڻي مرد جي، نيڻ سهڻا کنواريءَ جا. کير منو مينهن جو، چال سهڻي گهوڙي جي، قول پڪو مرد جو، شرم سهڻو کنواريءَ جو. (ترجمو)

٢ . مينهن تہ نانگيل ڀلي، ڏُرڪندي تہ ڊيل ڀلي، درياهہ جي تہ ريل ڀلي، ٻانهياري ٻيل ڀلي. (لاڙ) (نانگيل: ججهو کير ڏيندڙ)

**١٠٠ . سنہیا دامارے دا، کتا بلا کھاندے۔ (کہاوت)**

*سنہیادا*: شينهن جي. *مارے دا*: ماريل منجهان، شڪار مان. *کتا بلا*: ڪتا ٻلا، ڪمزور جانور. *کھاندے*: ڪائيندا آهن.

شينهن هڪڙو غيرتمند جانور آهي. پنهنجي هڏئون ڪيل ڪمائي ڪائيندو آهي. ٻين جي ماري نہ تاڙيندو آهي. بک مرندو تہ بہ ڊپ نہ چرندو. نہ ئي وري وجي ٻئي جو اوباريل يا شڪار ڪيل گوشت نوسيندو. ڪيس لڳن منجهہ ايتري طاقت آهي جو پهرين شڪار ڪندو آهي، پوءِ ان کي ڏينهن اڌ لاءِ ٿمائيندو آهي تہ جيئن گوشت نرم ٿئي. نرم ٿيڻ سان، شڪار جا ڪونئرا عضوا تہ گدڙ ۽ لومڙيون پٽي ڪائي ويندا آهن. شينهن تيستائين پاڻ بک تي هوندو آهي. وٽس بک برداشت ڪرڻ/ سهڻ جي ايتري قوت آهي. ان بعد ٿيل شڪار تي ايندو آهي ۽ منجهانئس چڙهہ ڪري ڪائيندو آهي. بچي پيو تہ ٻئي ڏينهن بہ اتي ايندو آهي ۽ اچي منجهانئس پيٽ قوت ڪندو آهي.

ان وچ ۾ ٿيل شڪار منجهان، ڪمزور جانور، جهڙوڪ: ڪتا ۽ ٻلا، گدڙ ۽ سرهہ، لومڙيون ۽ ڪانءَ پيا پيٽ قوت ڪندا آهن.

مطلب:

١ . شينهن جي شڪار مان، ڪتا ٻلا ڪائين ٿا. (ترجمو)

٢ . مڙسن جون ڪمايون، مايون ڪائين ٿيون.

**١٠١ . سور ہڈی، ملخو کڈھی۔ (کہاوت)**

**سور**: سوئر، حرام. **ہڈی**: هڏي، لوپ، ياڙو. **سورہڈی**: سوئر جي هڏي، حرام جي هڏي، مفت جو مال، رشوت جو مال. **ملخو**: ملڪئون، ملڪ کان. **کڈھی**: ڪڍي، بي وطن ڪري، دربدر ڪري.

جائز يا ناجائز ڪم، جلدي ۽ بنا اعتراض جي ڪرائڻ لاءِ، ڪي ماڻهو رشوت جو پئسو بي تحاشا هلائيندا آهن، جنهن سان پنهنجو گهر پرڻ کان علاوهہ، ٻين جا حق بہ مارڻيندا رهندا آهن. هڪڙي جي طرفان رشوت جو پئسو هلائڻ سببان، ٻيو دربدر ٿيو وڃي. رهزن طرفان هلايل حرام جي هڏي، اشراف جا ترا ڪڍايو، ملڪ بدر ڪيو ڇڏي.

رشوت جي پئسي تي پاڙيندڙ، خود هڏ-حرام ٿيو وڃي، جنهن سببان، بکون پيو ڪاٽيندو. حتیٰ ڪ هڪ ڏينهن، پنهنجي گهر، شهر يا ملڪ مان بيزار ٿي فرار ٿي ويندو. جنهن جاءِ تي ويندو، اتي ڪيس جوڳو مان نہ ملندو. در در جون ٺوڪرون ڪائي پلبو، تان جو هڪ ڏينهن ڪنهن اڻڄاتل مقام تي پساهہ ڏيندو، جو سندس لاش دفنائڻ وارو بہ ڪير نہ هوندو.

مطلب:

١ . سوئر-هڏي، ملڪئون ڪڍي. (ترجمو)

٢ . **ہڈی: ملخو کڈھی۔ (کہاوت)**

هڏي، ملڪئون ڪڍي. (ترجمو)

٣ . حرام جي هڏي، برادريءَ مان ڪڍائي.

۴ . حرام جي هڏي، هڏ-حرام ڪري ويهاري.

۵ . حرام خوري، ماڻهوءَ کي ڏکي، ڏُٽيئون ڏار ڪري ڇڏيندي آهي.

## ١٠٢ . **شک، پیؤ پتر دا لحاظ نیئں کردا۔ (کہاوت)**

شڪ يا گمان، وهم جي پيداوار آهن. وهمي ماڻهو، جيڪو ڳالهين جون ڪڙيون ڪڙين سان ملائڻ جي حرفت ڄاڻي ٿو، سو هڪ ڏينهن پنهنجي ئي گمانن سان اٽيل ڄار ۾ ڇؤڪنيو ڦاسي پوي ٿو. جيڪي سندس سڪون يا ننڊ آرام ڦٽائي ڇڏين ٿا. اهو ئي سبب آهي جو بعضي گمانن کي ڪبيرو گناهہ سڏيو ويو آهي. اهي اهڙا گناهہ آهن، جيڪي تيستائين معاف نہ ٿا ٿين، جيستائين بدگمان ماڻهو توبه تائب نہ ٿو ٿئي.

اجايا شڪ، ماڻهوءَ کي ڪم کان ڪاري ويهاري ڇڏين ٿا. سوچن جي طوفان ۾ ڏڪي، ڪيس هوا منجهہ ٻوساٽي مارڻ جا جتن ڪن ٿا. نہ ڳالهہ نہ ڳالهہ جي پڇڙي هوندي، تڏهن بہ شڪي ماڻهو پنهنجي اندر جي وهمن ۾ وينو جهِجندو ۽ جُهرندو. نڪر نوبر جي ڪڙڪي مان بہ پيو غلط انومان ڪيندو. اهي انومان وري ڪيس، ٻين سان ڦٽائڻ تي آماده پيا ڪندا، جنهن سببان، ماڻهن کان ڪٽبو ويندو. جيڪو، ٻين انسانن کان ڪٽجي وڃي ٿو، سو شيطان جي ئي رخ چڙهي ٿو، جيڪو ڪيس ائين اڪيلو ڪري ڪٽي ٿو جيئن بگهڙ ڌڻ کان وڇڙيل ٻڪريءَ کي کائي وڃي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو شڪ ڪرڻ کان روڪيو ويو آهي.

مطلب:

١ . شڪ، پيءُ پٽ جو بہ لحاظ نہ ٿو ڪري. (ترجمو)

٢ . انومان، انڌو ڪري.

٣ . انڌو، بدگمان هوندو آهي.

٤ . شڪ، پيءُ جو پٽ تي تہ پٽ جو پيءُ تي بہ ٿي سگهي ٿو.

٥ . پيٽيو: شک، حرام چیز ہے۔

## ١٠٣ . شک، حرام چیز ہے۔ (کہاوت)

شڪ کي شريعت بہ چڱو نہ ٿي چوي، جڏهن تہ سماج اندر، شڪ کي حرام قرار ڏنو ويو آهي. شڪ، اندر جو هڪڙو اختراع جيڪو بد سوڻ تي ٻڌل هوندو آهي. ان جي شڪل تہ اصل جهڙي هوندي آهي، پر ڏاهپ جي نگاهہ کان ڏٺو وڃي تہ ڪوڙ جو هڪڙو مثلو هوندو آهي، جيڪو بدگمان ۽ شڪي ماڻهوءَ جي مغز مان ڦٽي نڪرندو آهي. سندس ذهن تي حاوي ٿي، ڪانئس ڪفر جهڙا ڪنا ڪم ڪرائيندو آهي. پاڙي اوڙي سان ويڙهائي، ناڙُ ڪرائيندو آهي. آخر ۾ شڪي ماڻهوءَ کي، ساري جهان اندر اڪيلو ڪيو ڇڏي.

مطلب:

١ . شڪ، حرام شيءِ آهي. (ترجمو)

٢ . وهمن جو علاج، لقمان حڪيم وٽ بہ نہ هيو.

٣ . پيٽيو: شک، پیؤ پتر دالحاظ نیںھ کردا۔

## ١٠۴ . شير، اپنی ماری دی کھاندے۔ (کہاوت)

**ماری دی:** ڪيل شڪار، پنهنجي هٿ سان ماريل.

گوشت خور ڪي گوشت کپي. انسانن وٽ، پرائي پنهنجي ۽ حرام حلال جو فرق آهي. ذبح شڪار ۾ به ڪين مقرر ٽيل اصولن تحت هلڻو ٿو پوي. جڏهن ته گوشت خور جانورن وٽ اهڙا اصول وضع ٿيل ناهن. اهي هر شيءِ کي حرام ڪري ته کائين، پر پرائي پنهنجي جي به تميز نه ڪن. اهو نه ڏسن ته پنهنجو آ يا پرائو، جيڪو آيو، سو هڙپ.

گوشت خور جانور ۾، هڪڙا پاڻ شڪار ڪري سگهن، ٻيا ٽپ نه ڪري سگهن، بلڪ کائين اهي به گوشت. شينهن، گوشت کان سواءِ ڪجھ نه کائي. جڏهن ته جانورن منجھ لومڙ ۽ گدڙ، ڪتو ۽ بگھڙ پڻ گوشت خور آهن. شينهن ڪڏهن به پرائي ڪيل شڪار مان نه کائي. پاڻ شڪار ڪري، ان کي هڪ هنڌ ٿمائي. ٻئي ڏينهن اتان اچي کائي. بگھڙ به وڏو شڪاري جانور آهي، پر وٽس پرائي پنهنجي جي ايتري تميز ناهي، جيتري شينهن وٽ آهي. ڪتو به شڪاري آهي پر ايترو نه. ٻين جي پيٽ ۾، ڪتو وانو پلو آهي. گدڙ ۽ لومڙي، پرائي-ماريءَ تي پاڙيندا آهن.

پکين منجھ باز، شڪاري آهي. سيکارڻ تي شڪار جھليندو، نه ته چيري ڦاڙي ڇڏيندس. جڏهن ته ڳجھ ۽ ڪانءُ وغيره، پرائي-ماري يا الله-جي-ماريءَ تي پاڙيندا آهن.

**مطلب:**

١ . شينهن، پنهنجي ڪيل شڪار منجهان کائيندو آهي. (ترجمو)

٢ . شينهن، شڪار جي معاملي ۾، ٻين چيريندڙ ڦاڙيندڙ جانورن جي پيٽ ۾ وڏو غيرتمند ۽ اصول وارو جانور آهي.

## ١٠۵ . عملاں باجھ، نبیڑے نینھ ہوندے۔ (کہاوت)

**عملاں:** اعمال، نيڪ عمل، ڪرت، ڪارناما. **باجھ:** بغير، کان سواءِ.

**نبیڑے:** نبيري، ڇيني نبيري، فيصلو، جان ڇٽڻ.

ڪنهن به ڪم جي سر ٿيڻ ۾، نيت ۽ عمل جو عمل دخل آهي. ڪم ڪرڻ جي نيت يا ارادو پهرين ٿيندو آهي، مٿس عمل پوءِ ٿيندو آهي. جيستائين ڪو ڪم ڪجي نه ٿو، تيستائين نتيجو نڪري نه ٿو. پهرين ماڻهو ڪم

ڪندو آهي، برو هجي يا ڀلو، ان ڪان پوءِ ان جي بدلي جي طلب ٿيندي آهي. ڪم جو معاوضو يا شاباس بہ ڪم آهر ملندي آهي. هڪڙي ماڻهوءَ ڪم ڪيو ناهي، ان کي نہ معاوضو ملندو، نہ وري ڪا شاباس. جيڪڏهن ڪم چڱو تہ شاباس، جيڪڏهن ڪم ڪڏو تہ لعنت ملامت.

دنيا جي اندر انصاف جي تقاضا ۽ شرع جو حڪم، ظاهر تي آهن. دنياداريءَ جي معاملي فهمي، ظاهري عمل تي ٿيندي. جڏهن تہ قيامت اندر، عملن جو دارومدار نيت تي هوندو. انهن کي وزن، نيت ۽ ارادي سارو ملندو. جيترو نيت ۾ خلوص هوندو، اوترو عملن جو وزن وڌندو ويندو. جيترو عملن ۾ ڏيکاءُ وڌندو ويندو، اوترو عملن جو وزن گهٽ ٿيندو ويندو.

بهرحال، هِن جهان يا هُن جهان ۾ هر فيصلو، ڦري گهري عملن جي تڪ تور تڪ تي ئي ٿيندو.

مطلب:

١ . ڪرت ڪان سواءِ، نبيرو نہ ٿئي. (ترجمو)

٢ . فيصلا، عملن آهر ٿيندا آهن.

## ١٠٦ . قبرا تا قبر، نينهہ هوندي. (ڪهاوت)

**قبرا تا قبر:** قبر مٿان قبر، سامهين مٿان سامهين.

هڪ قبر جي اندر، هڪ مردو/ لاش دفنايو ويندو آهي. جنگي حالتن اندر يا وبا جي ڦهلجڻ وقت، قبرون کوٽڻ بہ عذاب تي ويندو آهي، ان صورت ۾ اجتماعي قبر اندر ڪيئي لاش دفنايا ويندا آهن. ان هوندي بہ لاش مٿان لاش نہ دفنائبو آهي. هر هڪ جي زمين ۽ سامهين پنهنجي پنهنجي رکبي آهي. قبر مٿان نشان بہ ان حساب سان رکبا آهن، تہ جيئن سندن پونئير، سندن قبرن جا نشان جاچي، اچي مٿن قل بخشين.

عام حالتن اندر، اڳي پوريل لاش جي جاءِ تي ٻئي کي جاءِ ڏيڻ لاءِ، قبر مان نہ ڪڍبو. نہ ئي وري جاءِ جي سوڙهہ سبب، مردي مٿان مردي کي دفن ڪبو. هر مردي، قبر جي جاءِ لهڻي. ان کي قبر جي ٽڪري، جداري ڏيڻي پوندي.

مطلب:

١ . قبر جي مٿان قبر، نہ نهندي آهي. (ترجمو)

٢ . مردي جي مٿان مردو، نہ پوربو آهي.

٣ . نڪاح جي مٿان نڪاح، نہ ٿيندو آهي.
۴ . قرض جي مٿان قرض، نہ چڙهندو آهي.
۵ . مقروض کي ڪو بہ قرض نہ ڏيندو آهي.

## ١٠٧ . قسمت ماڑی ہووے تے اونٹھا تے بیٹھے دیاں بھی کتا لڑ جلدا اے۔ (کہاوت)

*اونٹھا:* اٺ تي. *لڑ جلدااے:* ڏهڙي، چڪ پائي، ويڙهہ ڪائي.

دنيا اندر اهو ئي ٿئي ٿو، جيڪو قسمت جي اندر لکيل آهي. واقعن جي نمودار ٿيڻ ۾ ماڻهوءَ جي عقل ۽ فهم جو ڪو بہ عمل دخل ناهي. نہ ئي وري واقعا، ماڻهوءَ جي مرضي ۽ منشا سان رونما ٿين ٿا. جيڪي بہ حالات اچن ٿا، سي قسمت سانگي اچن ٿا. اگر تڪليف پهچڻي آهي تہ سهوليت واري شيءِ ۽ جاءِ مان بہ پهچيو وڃي. اگر راحت پهچڻي آهي تہ تڪليف ڏيندڙ شيءِ، جاءِ يا حالت مان بہ پهچيو وڃي. ان قسم جا معاملا، مالڪ پنهنجي قدرت هيٺ رکيا آهن، جيڪي سندس مرضي ۽ منشا تحت، دنيا اندر نزول پذير ٿين ٿا.

هڪڙي بزرگ کان ڪنهن پڇيو: ”ڪيئن ٿا چئو تہ الله آهي.“ بزرگ فرمايائو: ”ارادن جي ٽٽڻ مان پرکيم، تہ الله آهي. گهران هڪڙي ڪم ڪرڻ جو ارادو ڪري نڪران ٿو، جڏهن تہ نِڪتي کان پوءِ ڪنهن ٻئي هنڌ وڃي پهچان ٿو. ان ارادي جي ٽٽڻ مان رب جي وجود کي پرکيم.“

ماڻهو پلي ڪيڏو بہ پاڻ کي محفوظ ڪرڻ خاطر، لوهي ڪوٽن ۾ قابو ٿي ويهي، وڻ يا اٺ تي چڙهي ويهي، جبل جي چوٽيءَ تي لڪي وڃي، جڏهن موت يا مصيبت ڪيس پهچڻا هوندا آهن تہ اتي بہ ڳولي وڃي پهچندا اٿس. رب جي اهڙي لکيي کي، ڪو بہ ونگ وجهي، روڪي نہ سگهيو آهي.

مطلب:

١ . قسمت جڏي هجي تہ، اُٺ چڙهئي بہ ڪتو ڪائي. (ترجمو)
٢ . قسمت ڦيرو ڪائي تہ، مکڻ ڪائيندي بہ ڏند ڀڄي.
٣ . وقت ڦيرو ڪائي تہ، اٺ چڙهئي کي نانگ ڪائي.
۴ . لکيو منجهہ نراڙ، قلم ڪياڙيءَ نہ وهي.

## ١٠٨ . کاگ اڏدے تے کاں ای کاں کردے۔ (کہاوت)

**کاگ:** ڪوا، ڪانءُ، ڪنياتا. **اڏدے:** اڏامڻ، اڏامڻ وقت، اڏامندي. **کاں ای کاں کردے:** ڪان ڪان ئي ڪرڻ، ڪانءُ ڪانءُ ڪرڻ، قوم ڪي سڏڻ.

اڏامڻ، پکين جو خاصو آهي. انسان، ٻين جانورن سئين، اڏامڻ نہ ڄاڻي. پيٽ پر سرندڙ جيت جڙيا پڻ اڏامي نہ ڄاڻن. ان جي پيٽ ۾ ڪي اهڙا جيت پڻ آهن جيڪي اڏامي ڄاڻن ٿا. اڏامڪ ساهدار، پنڌ هلندڙ جي پيٽ ۾ ماڳ تي جلد پهچيو وڃي. پنڌ هلندڙ، پيٽ پر سرندڙ جي پيٽ ۾ منزل تي جلد پهچيو وڃي. ان جلدائيءَ سبب، هر هڪ جو شان مان ماپيو ويندو آهي. اڏامڻ واري جو شان، مڙني کان مٿانهون آهي. منجهن وري وڏيڪ شان وارو اهو آهي، جيڪو جيترو گهڻو مٿي ۽ گهڻي دير لاءِ اڏامي سگهي.

پکين ۾ هونئن تہ مور سهڻو ۽ شان وارو پکي آهي. ڪانءُ ان جي پيٽ ۾ ڪارو ۽ ڪوجهو پکي آهي. قد ۾ ننڍو پڻ آهي. جڏهن تہ اڏامڻ واري خاصيت منجهس پڻ آهي. ان سبب ڪانءُ بہ شانَ مانَ ۾ وڌ هئڻ گهرجي. بلڪ ائين ناهي، ڇو جو ڪانءَ جي جنس جڏي آهي ۽ ان جي پيٽ ۾ مور جي جنس آڪري آهي.

اڏامڻ وقت، ڪانءَ ۾ فوقيت اچڻ گهرجي، ڇو جو اهو اڏامي ٿو. ماڻهو اڏامي نہ ٿو سگهي. جڏهن تہ جهاز ۾ چڙهي سفر ڪرڻ وارو، پاڻ کي ٻين جي پيٽ ۾ اتم سمجهي ٿو. ان ليکي تي، جيڪر ڪانءُ بہ پاڻ کي اتم سمجهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اڏامڻ سان، ماڻهوءَ کي سرخاب جا پر نہ ٿا لڳن. ڪانءَ وانگر اڏامندي، سندس ٻوليءَ ۾ ڦيرو نہ ٿو اچي. اڏامڻ کان پوءِ ڪانءُ، ڪان ڪان ٿو ڪري تہ ماڻهو وري پنهنجي ٻولي ٿو ڳالهائي. جهاز ۾ ويهڻ کان اڳ ماڻهو اگرسنڌي آهي تہ جهاز اندر ويهڻ شرط سندس جنس ڦري انگريزن جهڙي نہ ٿي ٿئي. مصيبت وقت، ماڻهوءَ کي ياد ئي مادري زبان ايندي آهي. ان ۾ ئي روئندو ٻاڪاريندو آهي. خوشيءَ جي موقعي تي پڻ سنڌس زبان تي، مادري ٻولي هوندي آهي. اڏامڻ سان، نہ سنڌس علم، سوچ ۽ دانائيءَ ۾ ڦيرو ٿو اچي، نہ ئي وري سندس ٻولي عجميءَ مان ڦري عربي ٿي ٿئي.

مطلب:

١ . ڪانءَ اڏامڻ وقت بہ ڪان ڪان ئي ڪندا آهن. (ترجمو)

٢ . ترقي ملڻ سان، ماڻهوءَ جي جنس ۽ قوم تبديل نہ ٿي ٿئي.

## ١٠٩ . کالیاں دے کالے ای ہوندن۔ (کہاوت)

**کالیاں دے:** ڪارن جو (اولاد)، ڪارن منجهان. **کالے:** ڪارا، ڪارا ڪانءُ.

ڪانءُ منجهان ڪانءُ، ڪاري منجهان ڪارو، گوري منجهان گورو ئي ڄمندو آهي. ڳئونءُ منجهان ڳئون يا گابو ٿيندو. مينهن منجهان، وڇ يا سانُ ٿيندو. پکيءَ مان پکي، جانور مان جانور، جيت منجهان جيت ئي ڄمندو. اهو قدرت واري، دنيا اندر افزائش جو هڪڙو اصول مقرر ڪيو آهي، جنهن تحت نسلي واڌ ويجهه ٿئي ٿي.

ڪُتي منجهان گڏهه ۽ گڏهه منجهان ٻڪري نه ٿيندي. سو تڪبيرون پڙهجن، ٻگهڙ ٻڪري نه ٿيندو. جنس ڪان علاوه، رنگ روپ به والدين تي ئي ويندا آهن. وڏي ڳالهه جيڪا اولاد جي، والدين سان مماثلت ڪائيندي آهي، سا آهي اوصاف جي هڪجهڙائي. اولاد جون وصفون: گڻ، اوگڻ وڏڙن تي ئي ويندا آهن. ٻچڙن ماڻهن جو اولاد، پڻ ٻچڙا اوصاف اختيار ڪندو آهي. چڱن جو اولاد، چڱو ٿيندو آهي، ڇو جو ماڻهوءَ جي سڌرڻ ۽ ڪرڻ ۾، ماحول جو هٿ هوندو آهي. جهڙو ماحول ملندو، اهڙا ئي اوصاف، ماڻهوءَ منجهه اوتبا ويندا. تخم جي تاثير سان گڏ، صحبت پڻ پنهنجو اثر ڏيکارڻ شروع ڪندي آهي. ٻچڙن جي صحبت ۾ چڱن جو اولاد به ڪريو وڃي. جڏهن ته چڱن جي صحبت ۾ رهڻ سان، چورن جو اولاد به پارسا ۽ بزرگ بنجيو وڃي.

مطلب:

١ . ڪارن منجهان، ڪارا ئي ٿيندا. (ترجمو)

٢ . اولاد، پيءُ-ماءُ تي ويندو آهي.

٣ . ڄٽيو اولاد، پيءُ-ماءُ تي اڌ ڇڪي.

## ١١٠ . کر پہلا، بے ہووئی پہلا۔ (کہاوت)

**پہلا:** ڀلا، ڀلو، چڱائي.

دنيا، دار العمل آهي. جزاءُ العمل ناهي، تنهن هوندي به ڏنو ويو آهي ته: مڪافات عمل تحت، بري ڀلي عمل جي سزا جزا، هن جهان ۾ ئي شروع ٿي وڃي ٿي.

ٻين سان ڀلائي ڪرڻ خاطر، انسان کي هن جهان اندر موڪليو ويو آهي. ور نہ تہ عبادت ۽ رياضت ڪرڻ لاءِ فرشتا ۽ ڪروبي ڪوڙ هيا. هاڻي اهو انسان، اگر فقط نماز ۽ روزي کي عبادت سمجهي ۽ خلق خدا جي خدمت بجاءِ ڪين آزاريندو رهي، اهو ڪيئن ٿو جنت ملڻ جي تمنا ڪري. اهو ڪيئن ٿو دنيا اندر پاڻ سان چڱائي ٿيڻ جي اميد رکي. انسان کي خلقيو ئي ٽن ڳالهين واسطي ويو آهي: الله جي اطاعت، رسول جي طريقي تي هلڻ ۽ خلق خدا جي خدمت ڪرڻ. عبادتن سان گڏ، خدمت ڪرڻ بہ شرط آهي. اها جڻ ٻين سان چڱائي نہ ٿو ڪري بلڪ پنهنجي پاڻ سان چڱائي ٿو ڪري.

مطلب:

١ . ڪر ڀلو، تہ ٿيئي ڀلو. (ترجمو)

٢ . هتي ڪر، هتي پسُ/لوڙ.

٣ . زمين وارن تي رحم تون ڪر، آسمان وارو رحم تو تي ڪري.

۴ . تون زيادتي نہ ڪر، تو سان زيادتي نہ ٿيندي.

## ١١١ . کسے کبے آں لت کڈھ ماری، اوہ کمادا نچ جل لکیا۔ (کہاوت)

**کبے:** ڪبي، ڪبو، ڪبڙو، ڊونڊو، چيلهہ-چبو. **کمادا:** ڪمند منجهہ، ڪمند جي فصل ۾. **جل:** جل، چل، وڃي. **لکیا:** لڪيو، ڇُپيو.

ڪبو، جيڪو اڳي ئي چيلهہ وٽيون وينو هجي، اگر تنهن کي ڪير اوچتو زمائتي لت ڪُبِ واري وهائي ڪڍي، سو تہ سور ڪان، لِڪڻ جون جايون ڳوليندو وتندو. لُڪڻ لاءِ جاءِ اها ڳولبي يا هٽ ڪبي آهي، جتي جان ۽ مال محفوظ رهي سگهي. ماڻهو پاڻ بہ سڪون ۾ هجي. ائين نہ ٿئي جو جنهن مصيبت کان ڀڄي، لڪڻ واري جاءِ تي ان کان ٻيٽي مصيبت ويٺي هجي.

ڪمند جا ڳِنا، ٻاٽن جهڙا سخت هوندا آهن. سڌا هجن تہ بہ منجهانئن لنگهڻ اوکو هوندو آهي. اگر ڪريل هجن تہ منجهانئن لنگهڻ ۽ منجهن لڪڻ، اوکو ٿي ويندو آهي. چڱو ڀلو ماڻهو بہ ڪمند جي فصل منجهہ هلي ڪو نہ سگهندو آهي. هلڻ پاسا چني ڇڏيندس. ان جي پيٽ ۾ اگر ڪو ڪبڙو يا معذور، منجهن لڪڻ جي ڪوشش ڪندو، اهو لت لڳڻ واري سور ڪان وڌا سور پرائيندو.

ماڻهوءَ کي گهرجي تہ اگر ڪنهن مصيبت کان ڀڄڻو هجيس تہ اڳُ ڀُتِ جاچي پوءِ ڀڄي. ننڍي مصيبت کي ڇڏي، وڏيءَ ۾ وجي نہ ڦاسي. البتہ وڏي مصيبت يا تڪليف کي ڇڏي، ننڍي يا سهڻ جهڙي مصيبت ڏي ڊوڙي تہ ڪو هرج ناهي.

مطلب:

١ . ڪنهن ڪبڙي کي لت هنئي تہ وجي ڪمند منجهہ لڪيو. (ترجمو)

٢ . مينهن کان ڀڄي، نيساري هيٺان لڪيو.

٣ . آسمان تان ڪري، ڪجيءَ ۾ اٽڪيو.

۴ . جنگ يا وبا ڦهليل علائقي مان نہ ڀڄجي.

۵ . ڏاند ڀڄي پاجاريءَ کان، ٻوڙي ۾ ٻہ پاجاريون.

## ١١٢ . ککڑی بھی کسی اوہلی جائی بیٹھ کے انڈہ دیندی اے۔ (کہاوت)

**ککڑی:** ڪڪڙ، مرغي. **اوہلی:** اولي، نظرن کان اوجهل. **انڈہ:** اندو، آنو.

هر فائدي واري ڪم جي پٺيان، تڪليف رکي وئي آهي. فائدي ڪي، ايترو آسان نہ بڻايو ويو آهي جو هر نڪمو ماڻهو، محنتي ماڻهوءَ وانگر پيو مزا ماڻي. ڪڪڙ کي آنو لاهڻ وقت، ساهہ جي هوندي آهي. تنهن هوندي بہ پنهنجي آني جو بچاءُ ڪرڻ خاطر، ڪنهن اهڙي جاءِ تي وڃي لاهيندي آهي، جتي سنڌس محنت ۽ سورن کي ڪو آسانيءَ سان زيان نہ ڪري سگهي.

فطري طور تي هر فائدي واري شيءِ جو تحفظ، پڻ ڪيو ويو آهي. گل، خوشبوءِ ڏئي ٿو. نرم ۽ جاذب نظر ايترو آهي جو هوند، هر ڪو مزي وٺڻ خاطر، هٿ ۾ وٺي، مهٽي زيان ڪري ڇڏيس. پر ساڻس گڏ ڪنڊو بہ رکيو ويو آهي تہ جيئن هر ڪو آسانيءَ سان زيان نہ ڪري سگهيس. ماکي، کائڻ تہ آسان آهي پر لاهڻ ڏکي آهي، ڇو جو ماکيءَ جي مک ۾، رس سان گڏ، ڏنگ پڻ رکيو ويو آهي تہ جيئن هر ڪو ان کي زيان نہ ڪري ڇڏي. زمين اندر پوکيل هر فصل مان فائدو تڏهن ٿو وٺي سگهجي، جڏهن لاهہ ڪڍي زمين سڌي ڪرڻ، هر ڪاهڻ، ان ڇٽڻ، جهار هڪلڻ، لابارو ڪرڻ ۽ ڳاهہ ڳاهڻ واريون مسلسل تڪليفون، سهپ ۽ ڏاهپ سان سر تي استوار ڪجن ٿيون.

مطلب:

١ . ڪڪڙ بہ ڪنهن اولي جاءِ تي ويهي آنو لاهيندي آهي. (ترجمو)

٢ . هر آسائش سان، تڪليف رکي وئي آهي.
٣ . دنيا، ڏک ۽ سک جي ميلاپ سان جوڙي وئي آهي.

### ١١٣ . ککھ بھی چوری، لکھ بھی چوری۔ (کہاوت)

چوري ڪيتري به ننڍي شيءِ جي هجي، آخرڪار چوري آهي. ڪٿي به لڪٽي ناهي. اهو ناهي ته وڏيون چوريون پڪڙجن ٿيون، ننڍيون نه ٿيون پڪڙجن. اها ٻي ڳالهه آهي ته وڏي چوري ياڳيي ڪان برداشت نه ٿيندي آهي، جڏهن ته ننڍي يا سنهي چوري، ياڳيو به اک ٽيٽ پڇاڻان، نظر انداز ڪري ڇڏيندو آهي. اها ئي شيءِ اگر گهري ونبس ته شايد دل جي خوشيءَ سان ڏئي به وجهي، جڏهن ته چوري ڪرڻ پڇاڻان، سندس دل پئي ڪُرندي. اهو دل جو ڪُرڻ يا سڙڻ، هڪڙو فطري رد عمل آهي، جنهن جو اظهار، وڏي توڙي ننڍي شيءِ جي چوري ٿيڻ تي هڪجهڙو ٿئي ٿو.

چور کي ان ڳالهه تي اطمينان نه ڪرڻ گهرجي ته ننڍي چوري يا ڪک جي چوري ڇپي تي وجي يا ڦبي تي وجي ته ان جو حساب ڪتاب نه ٿيندو. هر ذري پرزي، اعمال نامہ ۾ داخل ٿيندي تي رهي. هر ذري پرزي جي پڇا ضرور ٿيندي.

مطلب:

١ . ڪک به چوري، لک به چوري. (ترجمو)
٢ . ڪک جو چور، سو لک جو چور.
٣ . چوري ته چوري آهي، پوءِ اها ڪک هجي يا لک جي هجي.

### ١١٤ . کمنا دی یاری: نہ جتی، نہ ہاری۔ (کہاوت)

کمنا: کمی کمین: ڪميڻو، ڪمذات.

ڪميڻي مان ڪڏهن به چڱائيءَ جي اميد نه رکڻ گهرجي. جنهن ۾ پاڻ منجهہ ڪا مٽيا ناهي، سو ٻين جي فائدي جو نه رهندو آهي. ساڻس ياري رکڻ وارو به سدائين سورن ۾ هوندو. ڪميڻو: نه دوست ڀلو، نه دشمن چڱو. دوست هوندو ته رڳو ڦرڻ کائڻ لاءِ، دشمن هوندو ته جيڏانهن تيڏانهن نقصان رسائڻ لاءِ. ٻي قياس ٿي ڪري پيو ڏنيپندو.

يار دوست کي ڦرڻ ڦٽڻ لاءِ شينهن هوندو، دشمن سان وڙهڻ وقت بزدل هوندو. سندس ياريءَ مان، دوست ڪٽي ڪائي نہ سگهندو. سندس دشمنيءَ مان نہ وري دشمن هارائي، جُوءِ ڇڏي ويندو.

مطلب:

١ . ڪميٽي جي ياري: نہ ڪٽي، نہ هارائي. (ترجمو)

## ١١٥ . ڪتاں سنی داکے اعتبار۔ (کہاوت)

جيڪو ماڻهو، پاڻ اڪين سان ڪيترن معاملن کي ڏسڻ بدران، نوڪرن چاڪرن تي ڇڏي ٿو ڏئي ۽ وري اهي جيڪو اچي ٻڌائينس ٿا، تنهن تي اعتبار ٿو ڪري، سو جلد نقصان ۾ ويندو، ڇو جو نوڪر چاڪر، پنهنجيون غلطيون ڪانئس لڪائيندا. پرايون پنهنجيون خوبيون پنهنجي ڪاتي ۾ ڳڻائي، پيا پاڻ وڏائيندا. اهڙو آفيسر، ڪنن جو ڪچو هئڻ سبب، ڪنهن بہ ڳالهہ جو صحيح فيصلو ڪري نہ سگهندو. نتيجي طور سمورن ماتحتن ۽ بالا آفيسر سان ڦٽائي بيهي رهندو.

هر معاملي ۾ پاڻ پنهنجي سر جاچ جوچ ڪجي. ٻڌين سڌين ڳالهين تي هلي، ڇبڪي تي بندوق نہ ڇوڙجي. ڪڏهن ڪا ٻڌل ڳالهہ پهچندي پهچندي، اڪرن ۾ ڦيرو ڪائي مطلب مٽي ويندي آهي، جنهن سبب ڪيترا معاملا گنجرجي ويندا آهن. سمورن وچ وارن جا ذهن نہ ايترا سنا هوندا آهن جو هڪ دفعو ٻڌڻ سان، ڳالهہ کي ائين جو ائين اڳتي وڌائين. نہ وري ٻڌي اڳتي پهچائڻ وارا، سمورا ماڻهو نيت جا چڱا هوندا آهن. پنهنجي طرفان اگر نونگڙو هٽي ڦٽو ڪيائون تہ پوءِ ٻڌڻ وارو وتي ڀومائون ڪائيندو. اهڙي جوڪائتي ڦوڪ ڏئي ڇڏيندس جو سلجهيل معاملو بہ الجهي ويندو.

مطلب:

١ . ڪنن سئيءَ جو ڪهڙو اعتبار. (ترجمو)

٢ . ڪنن ٻڌيءَ تي اعتبار نہ ڪجي.

٣ . ڏٺي مان بہ وري ڏسجي.

٤ . ڪنن ٻڌيءَ تي اعتبار نہ ڪجي، اکين ڏٺيءَ تي بہ ويچار ڪجي.

### ١١٦ . کندھ، اٹا اتے ای چڑھدی اے۔ (کہاوت)

**کندھ:** ڪنڌي، ڀت، ديوار. **اٹا:** آئرو، بنياد، بڻياد، پيڙهه. **کندھا:** ڀت تي، ڀت مٿان.
آئرو سڌو هوندو، ڀت سڌي هوندي، آئرو ٽيڙو ته ڀت ٽيڙي هوندي. آئري جي ڪوتائي هيٺ مٿي ٿي وئي ۽ رازي، ان جي ليول منڊئون نه سنڀالي ته اڳتي هلي ڀت اوهر ڪائي آهلي پوندي ۽ شاهل ۾ نه پئي ايندي.
اهڙيءَ طرح، اڌ-گيڊي نهيل ڀت ڪي مٿي ڪرٽو هوندو آهي ته ان جون مٿيون هاريون ان ساڳئي بڻياد تي رکبيون آهن. يعني اڳي آيل هارين جي مٿان هاريون اينديون ته ڀت مٿي ڪڇندي ويندي.
مطلب:
١ . ڀت آئري تي ويندي آهي. (ترجمو)
٢ . کندھ، کندھا اتے ای چڑھدی اے۔ (کہاوت)
(ڀت، ڀت جي مٿان ئي اڏبي وجبي آهي.)
٣ . ماڻهو، وڏن تي اڃ چڪيندو آهي.
٤ . چڱن جو اولاد چڱو ٿيندو، بڇڙن جو اولاد بڇڙو ٿيندو.
٥ . جنهن جا وڏا، نانگن-ڪاڏا هوندا، سو پاڻ به زهر سان ڀريل هوندو.

### ١١٧ . کندھا دے بھی کن ہوندن۔ (کہاوت)

ڪيترو به لڪي، خاص طور تي بند ڪمري ۾، ڳالهه ڪجي ٿي، سا جلد ٻئي هنڌ پهچيو وڃي. لڪائي ڪيل يا سرباٽ ۾ چيل ڳالهه، ٻڌندڙ پڻ غور سان ٻڌندا آهن. مٿس ذهن سان سوچيندا آهن، هينئين سان پڻ هنڊائيندا ۽ سمجهندا آهن.
جڏهن هڪ ڳالهه، ٻڌندڙ جي ذهن ۾ ويهي ويندي آهي، سا سندس پيٽ ۾ نه ٽڪندي آهي. جيستائين ٻين کي نه ٻڌائي، تيستائين پيو پيٽ ڦاٽندس. يا اها ڳالهه جنهن جي ٻڌائڻ کان پوءِ، ٻڌائيندڙ اڳتي پهچائڻ کان منع ڪئي هجي. اها پڻ پيٽ ۾ نه ٽڪندي آهي، ڇو جو اها اصل ٻڌائيندڙ جي پيٽ ۾ نه ٽڪي. هن ڪنهن کي همراز سمجهي ٻڌائي. ٻڌائڻ کان پوءِ سمجهيائين ته اڳتي ويندي ته خلل ٿيندو. هاڻ ٻڌندڙ کي اڳتي وڌائڻ کان روڪيائين. ان

ٻڌنڊڙ جا ٻہ ڪي رازدان يا جاڻِ عالم هوندا، ان تن ڪي ٻڌائي ڇڏي. ائين چپن ۾ چپل، سرٻاٽ سان سليل، پتين اندر لڪي ڪيل ڳالھ ڪي پر لڳندا ويندا آهن ۽ اها ڊوڙندي رهندي آهي. ان ڪري ڳالهائڻ کان اڳ، ڳالھ جو منڍ سر ضرور جاچجي.

مطلب:

١ . ڪنڌيءَ ڪي ٻہ ڪن آهن. (ترجمو)

٢ . پتين ڪي ٻہ ڪن آهن.

٣ . ڳالهين ڪي، پر آهن.

۴ . واتين سري، واڳين سري.

۵ . واتان نڪتل ڳالھ، پرائي آهي.

## ١١٨ . کنڈیاں دا منڈھ، ہک ای ہوندے۔ (کہاوت)

*کنڈیاں*: ڪنڊا، ڪنڊن، سيلھ، ڪانٽا. *منڈھ*: منڍ، جڙ، پاڙ، ٿڙ، بٽياد، پيڙھ.

ڪنڊيندار وڻن جا ڪنڊا، هيئت ۾ مختلف هوندا آهن. ڪن وڻن جي ڪنڊن ڪي ٽي منهن هوندا آهن، ڪن وڻن جي ڪنڊن ڪي ٻہ چهنبون هونديون آهن، وري ڪن وڻن يا ٻوٽن جي ڪنڊن ڪي هڪ نوڪ ٿيندي آهي. جڏهن تہ ڪي ٻوٽا اهڙا بہ ٿين ٿا، جن جي ڪنڊن ڪي ٽن کان وڌيڪ نوڪون هونديون آهن. اها ٻي ڳالھ آهي تہ ڪنڊن جي مڙني نمونن ڪي، پاڙ، جڙ يا منڍ هڪ ئي هوندو آهي. جيتريون چنهبون/نوڪون، اوتريون پاڙون/جڙون نہ هونديون آهن. بلڪ گهٽ وڌ هونديون آهن.

اگر ڪنڊو، وڻ جي ٽاري يا شاخ منجهان پيدا هوندو آهي تہ پلي ڪيتريون چهنبون هجنس، پر سندس هڪ پاڙ هوندي، جتان ڪيس پيدا پوندو ۽ پوءِ ڪتب آڻڻ پوندو يا ضايع ڪرڻو پوندو. اهڙيءَ طرح بدمعاش ماڻهو تعداد ۾ ڪيترا ئي گهڻا ڇو نہ هجن، سندن گرو يا پاتاريدار، مک يا مهندار هڪ ئي هوندو. بدمعاشيءَ ڪي ٻنجو ڏيڻ لاءِ، ان هڪ کي ئي وجي پڪڙڻو پوندو. ان ۾ هٿ پوڻ سان، ننڍا ننڍا بدمعاش ٻرن ۾ لڪي ويندا آهن. بدمعاشي ختم ٿي ويندي آهي.

مطلب:

١ . ڪَنڌي جو منڍ، هڪ هوندو آهي. (ترجمو)

٢ . ڏوهہ يا بدمعاشيءَ جو سرو جاچبو تہ سرچشمو ڪنهن هڪ هنڌ ئي وڃي بيهندو.

### ١١٩ . کھوتیاں کدوں کڑاہیاں کھادئیاں۔ (کہاوت)

مهماني، افعالن ۽ رنگ روپ جي هوندي آهي. چڱو ڀلو مهمان ايندو، ڪيس چڱي جاءِ تي ويهاربو، سمهڻ لاءِ هنڌ ڀلو ڏبس. ڀلي منجهس ڪم ڪار نہ هجي، تڏهن بہ سندس کاڌ-خوراڪ لاءِ، چڱا چوکا طعام ڪرائبا. اگر ڇيلو نہ ڪُهي سگهبو آهي تہ لت ڏئي ڪڪڙ ڪي ليٽائي وجهبو آهي. مهمان، صورت ۾ موچارو آهي تہ سر بہ ڀيو حاضر ڪبس. سهڻي صورت، خود اڌ رزق آهي. هر هر ڀيو چئبس: ”مهمان پنهنجو رزق ساڻ ڪڻي ايندو آهي. اوهان بہ رزق ساڻ ڪڻي آيا آهيو، اوهان جي صدقي اسان بہ ڀيا کائون.“

ان جي ابتڙ جيڪڏهن بي سرو مهمان هوندو، ڀلي منجهس ڪم ڪار بہ هجي، مڙيئي سڙيئي هٿ ڏبس، حاضر ڪٽ تي موجود هنڌ ڪي سيري ويهاربس. گهر ۾ رڌل دال بہ سور ٻري سان ڪڻي اچي ڪارائبس. گڏهہ-مهاندي ڪي تہ دال يا ساڳ جي صلاح بہ ڪير نہ ڪندو. ان جي ابتڙ اگر اهو ڪڙهائيون ڪائي تہ اندر ڀيو سڙندو. اها ٻي ڳالهہ آهي، ان جو خالق بہ الله آهي. اهو چاهي تہ ان ڪي بي تحاشا ڏئي ڇڏي. ڇو جو وٽس صورت ڪان وڌيڪ سيرت جو قدر آهي. قسمت ۾ اگر لکيل آهي تہ ڀوءِ گرا گنجا بہ ڀيا جاوا ڪن.

مطلب:

١ . گڏهن ڪڌهن، ڪڙهائي ڪاڌي. (ترجمو)

٢ . قسمت ڪي ڄائي آهي ڀيڻ، جو گڏهہ بہ ٿو برفو ڪائي.

٣ . قسمت ڪي ڄائي آهي ڀيڻ، گڏهيون بہ ٿيون گج ڀائين.

٤ . قسمت ڪي ڄائي آهي ڀيڻ، ڪوري بہ ٿيا آهن ڪلارڪ.

### ١٢٠ . گنجے دا پتر گنجانہ ہو یا تے تھدری ضرور ہوسی۔ (کہاوت)

تھدری: خشڪيءَ وارو، ڪرنڊ ڪرنڊ.

اولاد، والدين تي اڍ ڇڪيندو آهي. منهن مهانديءِ ۾ بہ تہ عادتن اوصافن ۾ بہ هڪجهڙائي هوندي اٿن. اڻ واقف ماڻهو ڪين ڏسي ڇئي سگهندو آهي: پٽ، بہ-هٿ بہ-پير، پيءُ جهڙو آهي. نقش نگار، ننڍ وڏائيءَ جي فرق ڪان علاوه هڪجهڙا پيا معلوم ٿيندا.

اهڙيءَ طرح، ڪي جسماني ڪمزوريون پڻ هڪ پيڙهيءَ مان ٻي پيڙهيءَ ۾ هليون اينديون آهن. رنگ روپ ڪان علاوه، جسماني بيماريون جهڙوڪ: طبيعت جو بلغمي هجڻ، وارن جو ڇڻڻ، ٻارائپ ۾ وار اڇا ٿي وڃڻ، ننڍي هوندي اکين جي ديد گهٽ ٿي وڃڻ، پيرن يا هٿن تي نزلو هجڻ ۽ رت جو داٻ يا ذيابيطس وغيره جهڙيون بيماريون لڳڻ.

وارن جو، جوانيءَ ۾ ئي ڇڻي گنج ظاهر ٿيڻ بہ وڏن ڪان ننڍن کي ورثي ۾ ملندو آهي. اگر ڪراس بلڊ جي ڪري، ڪي بيماريون هڪ پيڙهيءَ مان ٻي ۾ پيڙهيءَ ۾ نہ ٽپي سگهيون تہ بہ انهن جا اهڃاڻ ضرور ظاهر ٿيندا، ڇو جو ڪمزوريءَ جا اثرَ، ڪنهن نہ ڪنهن طرح، هڪ پيڙهيءَ ڪان ٻي پيڙهيءَ ڏانهن منتقل ٿيندا رهندا آهن. اگر وار مڪمل ڇڻي نہ ڪريا تہ بہ گنجن جي اولاد جي نوڙهہ واري چمڙي، کهري ضرور هوندي.

مطلب:

١ . گنجي جو پٽ گنجو نہ ٿيو تہ بہ مٿو ڪرنڊ ڪرنڊ ضرور هوندس. (ترجمو)

### ١٢١ . گنجے دے نونھ، سرادی شامت۔ (کہاوت)

گنجي ماڻهوءَ جي وارن جون پاڙون ڪمزور ٿينديون آهن. منجهن خشڪي يا ٻقو جام ٿيندو آهي. انهن کي تيل لڳندو تہ ويتر ڇيڙهہ ڪندا ۽ گنجي کي پيا بيزار ڪندا. اگر تيل نہ لڳندن تہ بہ سندن پاڙن ۾ سر سر پئي ٿيندي. گنجي کي کنهڻ تي پئي اڪسائيندي. گنجو مٿو کنهي پيو فرحت پائيندو. جڏهن تہ فرحت حاصل ڪرڻ ڪان اڳ ڏنل کنهڪي سان، بہ چار سر سر ڪندڙ وار، ضرور ڇاڻٽا پوندا اٿس. تڏهن وڃي طبيعت ۾ قرار محسوس ڪندو آهي. اها ڄڻ سندس عادت ٿي ويندي آهي.

جنهن کي هرويرو مٿي کنهڻ جي عادت ٿي وڃي، ان جا جو ويتر نُهن وڏا ٿي وڃن، سو تہ کنهڻ ڪان مور ڪو نہ مڙندو، پيو حرڪت ڪندو. چڱي ڀلي مٿي کي کنهي، ڳاڙهسرو ڪري ڇڏيندو. سندس ان حرڪت سان، جنهن ۾

سندس وڏيل نهن، بيقرار ٿي وينا ڪنهڻ جي وندر ورونهن ڪن، مٿي لاءِ شامت ٿي ويندي آهي.

مطلب:

١ . گنجي ڪي نهن، نوڙهہ جي شامت. (ترجمو)

٢ . گنجو، ڪنهڻ ڪان نہ مڙي.

٣ . گنجي جي گيدي ۾، سدائين ڦٽي.

### ١٢٢ . لانداہر کوئی اے، نبھاندا کوئی کوئی اے۔ (کہاوت)

لائڻ يا دوستي رکڻ، هر ڪنهن ڪي وٽندي آهي. دوستي رکڻ وقت، دل جي عجيب ڪيفيت هوندي آهي. ماڻهو، قربان قربان پيو ٿيندو آهي. جڏهن دوستيءَ سببان، واسطا وڌندا آهن ۽ ياري باشيءَ جا بار ۽ امتحان شروع ٿيندا آهن، تڏهن چڱن ڀلن جي آزمائش جي گهڙي هوندي آهي. هر ڪو پيو پنهنجي عقل جي زور سان، ياريءَ کي اڳتي وڌائيندو آهي ۽ پنهنجي جان کي آزاد رکڻ جي بہ ڪوشش ڪندو آهي. ڀڄندو بہ ويندو آهي، رهائيندو بہ ويندو آهي.

ٻين مان، انهن جي هوند سارو فائدا وٺڻ پڄاڻان، جڏهن پنهنجي سر تي ايندي آهي تہ ٻنهي ڌرين لاءِ اصل ڏکيو وقت، ان مهل شروع ٿيندو آهي. ياڄُڙ اتان پوندي آهي. دوستيءَ ۾ جڏهن آزمائشن سبب گهاري پوندي آهي، تہ ان کي ٿُنِ يا ٽاڪو نہ لڳي سگهندو آهي. مڙس ماڻهو يا صاحب دل اهي آهن، جيڪي ان گهڙيءَ ۾ ثابت قدم رهي، سنگت يا دوستيءَ کي چُٽو لڳڻ نہ ڏين.

مطلب:

١ . لائي سڀ ڪو، نڀائي ڪو ڪو. (ترجمو)

٢ . لانی سوکھی اے، نبھانی اوکھی اے۔ (کہاوت)

(ياري رکڻ سهنجي، نڀائڻ اهنجي.)

٣ . رکڻ ۽ نڀائڻ ۾ سنڌو آهي.

### ١٢٣ . لسے جنے دی رن، جنے کھنے دی پہابی۔ (کہاوت)

لسي جٽ: لسو جٽو، ڪمزور مرد، ماديءَ-مُنهون، ڪوٺُ-مُنهون، نامرد، غريب مرد. رن: عورت. جٽ ڪي: جٽي جٽي جي، مڙني جي. پهاڻي: پايي، پاڄائي.

شادي، هڪ بنڌڻ آهي، جيڪو مرد ۽ عورت جي وچ ۾ آهي. ان سان نسلي افزائش جو دڳ کلي ٿو. ماديءَ جون ضروري گهرجون، نر کي پوريون ڪرڻيون پون ٿيون. اگر نہ ڪندو تہ پوءِ معاملو سارو، ڪيس ڪڪو وکو ڪري ڇڏيندو.

ماديءَ-منهون مرد يا ڪدڙي نما شخص، مردانگي طاقت ۾ ڪمزور هوندو آهي. پنهنجي ماديءَ جي پورت ڪرڻ واري سگهہ جي منجهس ڪوتي هوندي آهي. جنهنڪري سندس مادي اڪثر اجياري رهجي ويندي آهي. پنهنجي اڄ اجهائڻ لاءِ ٻين پاسن ڏي پئي واجهائيندي آهي. سندس اهو واجهائڻ، ٻين جي لاءِ ڳالهائڻ ٻولهائڻ واري آساني پيدا ڪندو آهي، جنهنڪري هر ڪو پهرين ڪيس پاڄائي پاڄائي ڪوٺيندو آهي، پوءِ ڪانئس ٻيون اميدون پوريون ٿيڻ جي توقعات رکندو آهي. ماديءَ-ٻوتي جي تنزل ۽ خواريءَ جي شروعات، اتان ٿيندي آهي.

مطلب:

١ . ڪمزور مرد جي زال، جٽي جٽي جي پاڄائي. (ترجمو)

٢ . غريب جي زال، جڳ جي پاڄائي.

## ١٢٤ . لکھ ٹکا ہر ایئے، پریت نہ گنوایئے۔ (کہاوت)

سنگت يا مٽي مائٽيءَ ۾ پئسو پنجڙ يا دنياداريءَ جا ٻيا معاملا آزمائش طور ضرور اپرندا آهن. ان وقت ڪوشش ڪجي تہ پريت يا واسطيداري نہ ٽٽي. پنهنجي خواهشن کي دٻائي، ٻين جي ضرورتن جو خيال رکجي، ٻين ۾ وڏيون اميدون رکڻ بجاءِ، رب جي ڏني تي راضي رهجي. جنهن ماڻهوءَ، سنگت يا مائٽيءَ جي ڀيٽ ۾، پئسي کي ترجيح ڏني، ان کان سنگتي دوستي ۽ مٽ مائٽ تہ جدا ٿي ويندا، پر هڪ ڏينهن ساڻس پنهنجو اولاد ۽ ڪني ڪيل ڌن دولت بہ وفا ڪرڻ بجاءِ بيگانو ڪري ڇڏي هليا ويندا.

ڌن دولت جي هڪڙي خاصيت آهي، جيترو مٺ ۾ جهلڻ جي ڪبن، اوترو هٿن مان جلد ترڪي نڪري ويندا. جيترو پني ڏبن، اوترو پنيان لڳا ايندا. جڏهن تہ دوستي ياري يا مٽي مائٽي جو رشتو، ڌن دولت جي رشتي جي ابتڙ آهي. ان کي جيترو هٿن سان جهلبو، اوترو جهلجي سگهندو، جيترو

ڇڏي ڏبس يا ڍرو ڇڏبس اوترو پرپرو ٿيندو ويندو. سوال ٿو اٿي ته اگر اهي ٻئي دوست، هڪ ئي وقت، آزمائش طور اچي وچڙي پون، ته ان وقت ترجيح يا فوقيت ٻنهي منجهان ڪنهن کي ڏجي؟ پئسي کي ڏجي يا مٽ مائٽ/ دوست يار کي؟ اگر پئسي کي مٿانهون رکي، رشتن ناتن مٿان فوقيت ڏبي ته نه پئسو هٿ ايندو ۽ نه وري رشتا ناتا سات ڏيندا. اگر رشتن جو تقدس رکي، ڪين ترجيح ڏبي ته رشتا ناتا به جڙيل رهندا ۽ ڏون دولت به ڍڪي اچي پيرن ۾ پوندا.

مطلب:

١ . لک ٽڪن جو هارائجي، پريت نه وڃائجي. (ترجمو)

٢ . سؤ وڃائجي، ساءُ نه وڃائجي.

٣ . هزار وڃائجي، حب نه وڃائجي.

۴ . لکُ لٽائجي، لِکَ نه وڃائجي.

۵ . ڪروڙ وڃائجي، قرب نه وڃائجي.

٦ . ارب وڃائجي، ارواح نه ڪٽائجي.

۷ . پدم وڃائجي، پريت نه وڃائجي.

٨ . پيٽيو: لکھ گئے، ساکھ نہ گئے۔ (کہاوت)

## ١٢۵ . لکھ گئے، ساکھ نہ گئے۔ (کہاوت)

گئے: گم ٿي وڃي، نقصان پهچي. ساکھ: ساک، ڪار پت، اعتبار، اعتماد.

رشتي ناتي کي بچائڻ خاطر، اگر لک روپين جو نقصان پوي ته سودو سستو پائنجي، ڇو جو رشتو ناتو، ڪروڙن کان به وڌيڪ جو قيمتي آهي. جڏهن ته لک رپيو بيوفا آهي. اڄ منهنجو آهي، سڀاڻي ٻئي جو آهي. ڪير به مٿس پنهنجي هئڻ جي دعويٰ نه ٿو ڪري سگهي. اگر ڪو ڪندو ته ڇڻ پاڇي جي مٿان مالڪي هلائڻ جي هڪڙي اجائي ڪوشش ٿو ڪري. لک اگر گم ٿيڻ پڄاڻان، رشتو ناتو نڀجي اچي ٿو ته ڏاڍو سستو آهي.

مطلب:

١ . لک گم ٿئي، ساک نه گم ٿئي. (ترجمو)

٢ . مارڪيٽ جو ڪاروبار، هلندو ئي ساک پت تي آهي.

٣ . پيٽيو: لکھ ٹکاہرا یئے، پریت نہ گنوا یئے۔ (کہاوت)

### ١٢٦ . ماجتنا اگاردی اے، اتنا ماردی نینھ۔ (کہاوت)

**اگاردی:** تاڙيندي، ڏک هڻڻ لاءِ هٿ کي متي کڻڻ، الاريندي.

اولاد، ماءُ کي ڪيترو به پنيرو تي هلي، ماءُ پاڻ تي پهتل تڪليف سهي ويندي آهي، پر ٻچڙي لاءِ دل منجهان ڪا به آهَ نه ڪيندي آهي. زبان سان چوندي، طعنا تنڪا ڏيندي، پر دليئون آه نه ڪيندي آهي. پٽ يا ڌيءُ تي، ڪنهن معاملي سبب، اگر ناراض به تي ته ظاهري زبان سان ڪيس جهڻڪيندي، دل سان ڪين ڌڪاريندي.

ڪڏهن ڪڏهن ناراض تي موچڙو هڻڻ جي ڪندي ته سندس هٿ مان موچڙو ڄڻ گسي ويندو. الارڻ جي حد تائين پهچڻ پڄاڻان، سندس ڪاوڙ ڪافور تي چڪي هوندي آهي. وهائڻ ۽ ڏک هڻڻ واري نوبت تي پهچڻ، سندس هٿ لاءِ ڏاڍو ڏکيو تي ويندو آهي. اندر جو سور پِي ويندي، الاريل هٿ جي بدلي ٻچي کي وري ڀاڪر ۾ وٺي پيئي چميون ڏيندي، دليئون پيئي پشيمان ٿيندي پر ٻچڙي کي پٽ پاراتو به نه ڏيندي. هونئن به چوندا آهن، ماءُ ڪيڏو به ناراض تي، پٽي يا پاراتو ڏئي، اهو لڳندو ورلي آهي، ڇو جو اها دليئون نه پٽيندي آهي. امڙ جي پيٽ ۾ ابي جي پِٺَ، هڻ ڪڻ هوندي آهي. اها نڪتي ته وهي ويندي. امڙ جي زبان مان نڪتل پِٺَ کي، اولاد تائين پهچڻ ۾ ڪوڙ رستي-رڪاوٽون آهن. انهن رنڊڪن ۾ امڙ جو ڪڳل/ ڪنيل هٿ، هوا ۾ ئي جهلجي ويندو آهي. موٽي اولاد مٿان مصيبت تي نه پوندو آهي.

**مطلب:**

١ . ماءُ جيترو الاريندي آهي، اوترو وهائيندي ناهي. (ترجمو)

٢ . ماءُ جيترو تاڙيندي آهي، اوترو ماريندي ناهي.

٣ . ماءُ الاري سگهي، وهائي نه سگهي.

۴ . ٻچي کي مارڻ لاءِ، ماءُ جو هٿ ڪجندو ئي نه آهي.

### ١٢٧ . ماماردی اے، مارنے نینھ دیندی۔ (کہاوت)

ماءُ ڪيڏي بہ ناراض ٿئي، لٺ بانو ڪٺي پاڻ ماريندي آ. ٻئي ڪي ٻڙڇي هٿ ۾ ڏئي، ٻچي تي ٻچي، ٻيهي تماشو ڪا نہ ڏسندي آ. ماءُ جي مار ۾ سنوار آهي. پيءُ جو لڳل زندگيءَ ۾ هڪ موچڙو بہ ٻار ڪان نہ وسرندو آهي. جڏهن تہ ماءُ جي ڏنل ڪوڙ دفعن واري مار، هڪ لحظي لاءِ بہ اولاد جي دل تي تري نہ ايندي آهي. پڇبس تہ ڪلي پيو چوندو: ”امڙ تہ مون تي سڄي عمر هٿ سنئون ئي نہ ڪيو.“ جڏهن تہ پيءُ جي هڪ دفعي وارو هنيل پادر سؤ دفعا ورجائي ورجائي پيو ٻڌائيندو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ جنهن ٻار ڪي پيءُ مار نہ ڏني آهي، ان ڪي سڄي دنيا ڪُٽيو آهي.

جيئن ماءُ ٻئي ڪان نہ ٿي مارائي، تيئن پيءُ بہ ٻئي ڪي اجازت نہ ڏيندو تہ سندس اولاد ڪي سڌارڻ لاءِ سيڪت ڏئي. پاڻ پادر لاهي ڪٽيندس. ڪٽڻ جي سگهہ نہ هوندس تہ گهروڙي پونڊو منهن وارو رهڙو ڏيندس. اهو نہ پڄس تہ گار گند ڪندس. ٻئي ڪي آڇي نہ مارائيندس.

مطلب:

١ . ماءُ ماريندي، مارائيندي نہ. (ترجمو)

٢ . ماءُ پاڻ ماري، ٻين ڪي ٻچي نہ مارائي.

٣ . ڪَهين تہ آپ ڪَهہ، آڃ مَ چوهيڙيان.

### ١٢٨ . مانگواں گہنا؛ جگ داہمنا۔ (کہاوت)

**مانگواں**: منگيل، پنيل، اڌارو ورتل. **گہنا**: گهنا، ڳهٽو، ڳهہ، زيور.

هڪڙن ماڻهن جي عادت هوندي آهي تہ جنهن بہ محفل ۾ ويندا آهن، نهي سنبري ويندا آهن. ڪپڙو لٽو، چڱو پائيندا آهن. واچ، ڪڙو ڪولابو، منڊي يا لاڪيٽ بہ چمڪندڙ پائيندا آهن. سونَ جو زيور تہ عورتن جي ڪمزوري آهي. پنهنجو نہ هوندن تہ اڌارو وني بہ، نماءُ ضرور ڪن. اگر ساڳي شاديءَ ۾ بہ ٽي پروگرام آهن تہ وڳا بہ اوترا وننديون ۽ پائينديون. مهنديءَ تي هڪڙو وڳو، تہ لانئن تي ٻيو جوڙو، ونواهہ لاءِ ٽيون جوڙو تہ ستاوڙي لاءِ اجا چوٿون جوڙو وننديون. اگر ناهي تہ اڌارو بہ وني پائٽو آهي.

پنهنجو لٽو ڪپڙو ۽ زيور ذرو، جان تي نهندو آهي. جڏهن تہ اڌارو ورتل، اڻ نهندڙ/ اڻ سونهندڙ ۽ اوپرو ٻيو لڳندو. ان جي اوپرائپ ئي پئي، اڌاري ونڻ واري چغلي هڻندي. اگر ان مان ٻين اندازو نہ هنيو تہ جنهن ڪان اڌارو

ورتو ويو آهي، ان جي واتان ئي نڪري ويندو تہ اهو منهنجو آهي، ڇو جو اڌاري ڏيندڙ کي موٽائي وري پنهنجو ڳھ يا ڪپڙو پاٽو بہ تہ آهي. اڄ ٻئي جي جان تي آهي. مڙني ان کي اتي ڏنو، هاڻي موٽائي مالڪ پائيندو ۽ ساڳين ماڻهن جي وچ ۾ ويھندو تہ لڄي ٿيندو. ان لڄ کان بچڻ خاطر، مالڪ جي دل ۾ بہ هورا ڪورا ٿيندي ۽ اڳوات پنهنجي شيءِ جي مالڪ هئڻ جي وڪالت ڪري ڇڏيندو. ان ئي محفل ۾ ڪول ڪري، دل جو بوجھ هلڪو ڪندو. جڏهن تہ ان سان اڌاري ونڻ واري جي خواري پڻ ٿيندي پر ان جي ڪيس پرواھ نہ هوندي. ان ڪري بهتر آهي تہ سادو سودو پنهنجو لٽو ڪپڙو ۽ زيور ذرڙو پائجي، ٻين کان اڌارو ونڻ کان پاسو ڪجي.

مطلب:

١ . پَن جو ڳھُ، جڳ جا مهٽا سَھُ. (ترجمو)

٢ . پرائي شيءِ واپرائڻ کان پاسو ڪجي.

### ١٢٩ . ماواں؛ ٹھنڈیاں چھاواں۔ (کہاوت)

هيءَ دنيا، اُسّ ۽ ڇانءَ جي آميزش سان نھيل آهي. هاڻي اس هئي، هاڻي ڀاڇو وري ويو. ساڳي جاءِ تتل هئڻ بجاءِ ٺرڻ شروع ٿي ويندي. سياري جو اس وڻندڙ ٿيندي آهي، اونهاري جو ڇانءَ وڌيڪ مرغوب هوندي آهي. امير ماڻهو ڀلي ايئرڪنڊيشن ڪمرن ۾ پاڻ کي بند ڪري ويهن پر جيڪا صحت ٻاهر ويھڻ ۽ وڻن جي ڇانئن اندر آهي، اها بند ڪمرن جي ايئر ڪنڊيشن ۾ ڪانهي. اهڙيون صحت بخش ڇانئون، ڪن نصيبن وارن کي ئي پلئہ پونديون آهن.

ماڻهو بہ دنيا اندر، نر ۽ ماديءَ جي جوڙي، يعني پيءُ ماءُ منجهان اڇي ٿو. ٻئي مٽس مشفق رهن ٿا. پر ٻار جو جيترو لاڙو، امڙ ڏانهن رهي ٿو اوترو پيءُ ڏانهن نہ ٿو رهي، ڇو جو عورت ۾، مرد جي ڀيٽ ۾ سهپ وڌيڪ هوندي آهي. ماءُ جي روپ ۾ تہ اجا وڌيڪ سهپ واري ۽ دلير ٿيندي آهي. هر تڪليف پاڻ تي ڪٽندي، ٻچي تائين پهچڻ نہ ڏيندي. جيئن وڻ، اس جا تڪا ڪِرٽا پاڻ ۾ جذب ڪري، پنهنجي هينان وينل کي راحت بخش ڇانءَ مهيا ڪري ٿو، تيئن امڙ بہ آيل تڪليف پاڻ تي ڪٽي، ٻچڙي کي راحت پهچائي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو امڙ جي رشتي کي، ڇانءَ سان ڀيٽ ڏني وئي آهي.

مطلب:

١ . ماءُ، ٽڏي ڇانءَ. (ترجمو)

## ١٣٠ . مچھ نیںھ، تے کچھ نیںھ۔ (کہاوت)

ڏاڙهي ۽ مڇ، مرد جو نشان آهي. عورتن کي ٻئي نہ ڇمنديون آهن. ڪڏڙن ويچارن جي تہ ڪمائي ئي، ڏاڙهي مڇ جي صفائيءَ ۾ پوري ٿي ويندي آهي.

عورت، وچن يا واعدو ڪندي تہ ان جي نيائڻ لاءِ، سينڌ جي اقرار سان يقين ڏهاني ڪرائيندي. وارن جي چڳ تي هٿ رکي چوندي: ”هيءَ سينڌ آهي! فلاڻو ڪم نہ ڪيان تہ هيءَ منهنجي سينڌ ئي ناهي.“ اهڙيءَ طرح مرد، ڏاڙهيءَ تي ڏائو/ڪابو هٿ رکي، واعدي پوري ڪرڻ جو يقين ڏياريندو. ڏائو يا ڪابو هٿ، ڪائڻ پيئڻ ۾ ڪتب گهٽ ايندو آهي. بلڪ گندگي صفا ڪرڻ ۾ استعمال ٿيندو آهي. ان ڪري اهو يقين ڏياربو آهي تہ اگر واعدو پورو نہ ٿيو تہ اهو هٿ جڻ ڪرفتيءَ ۾ پريم. ڪي مرد وري ڏاڙهي ڪوڙين، پر مڇ ضرور رکن. اهي وري مڇ ڏيکاري، پنهنجي مردانگي ۽ واعدي نباهڻ جي استقامت ڏانهن اشارو ڪن.

مڇ جي اشاري ڪرڻ مان سندن مراد هوندي آهي تہ: پاڻ مرد آهن، جنهنڪري پنهنجي ڪيل زبان/ واعدي تان پاڻ نہ ڦرندا. اگر ڦرڻ لاءِ مجبور ڪيو ويُن يا حالات ڏکيا ٿيا تہ بہ مڙس ٿي منهن ڏيندا پر ڏنل قول ضرور پاڙيندا.

واعدي جو يقين ان ڪري ڏياريو ويندو آهي تہ جيئن ماڻهوءَ جي ساک ۽ ڪار پت، ٻين ۾ وينل هجي، ڇو جو دنيا ۾ سک سان اهو ئي گذاري جنهن جي معاشري اندر ساک وينل آهي. جنهن جي ساک وينل ناهي، تنهن کي تڪليفون سرس پهچن ٿيون.

مطلب:

١ . مُڇ ناهہ ڪُڇ ناهي. (ترجمو)

٢ . مڙس تہ مڇ.

٣ . مڇ ڪان سواءِ مڙس ڪهڙو؟!

## ١٣١ . مکھی، گندا تے ای بیٹھدی اے۔ (کہاوت)

مک جي مکيہ عادت آھي، گندگيءَ تي ويھڻ. اگر اتان اتي گھر اندر ڪاھي ايندي تڏھن بہ ويھڻ لاءِ چڱي جاءِ ڪا نہ وٽندس. ڳولي ڳولي وجي، گندگيءَ تي ويھندي. انساني جسم تي ويھندي تہ بہ ڪنھن بوءِ واري ھنڌ تي يا ڦٽ ڦرڙيءَ تي ويھندي. مال تي ويھندي تہ بہ ان حصي تي ويھندس جتي اڳي ڪا گندگي لڳل ھجيس. ڦٽ ڦرڙيءَ واري جاءِ تہ مرغوب اٿس. اتان ڪيس خوراڪ پڻ مليو وڃي. پيٽ پرڻ سان گڏ، دلڪش ماحول پڻ ميسر ٿيو وڃيس. گندگيءَ تان اٿي، پلي سٺي شيءِ تي ويھي، ويھڻ شرط پئي منھن مٿو پٽيندي. مکڻ، لسي، کير، ڏڌ، گوشت، ڪاڏي وغيرہ تي ويھڻ کان پوءِ بہ ٽرندي نہ. ٻئي چنبا پئي ٻوٿ ۾ وھائيندي. سي بہ آھستي نہ، بلڪ ھڻ ھٽان ھوندس.

گندگيءَ تي ويھڻ، مک جي فطري عادت آھي. اھڙيءَ طرح ھڪڙا ماڻھو طبعًا گندگي پسند ھوندا آھن. چڱي پاڙي يا شھر ۾ گھر ھوندن، ڪين وٽندن. ڳولي ڳولي وڃي گندگيءَ واري علائقي ۾ گھر ونندا ۽ اتي رھي روزگار ڪندا.

مطلب:

١ . مک، گند تي ئي ويھندي آھي. (ترجمو)

### ١٣٢ . مناں دے گھاٹے، سيراں نال پورے نيئھ ھوندے۔ (کھاوت)

*مناں دے:* مٽن جا، مٽن جي حساب سان. *گھاٹے:* گھاٽو، نقصان، ضرر.
*سيراں:* سيرن، سير سان.

اَنَ يا جنس جي واپار ۾، جتي فائدو پوي ٿو، اتي ڪنھن سال نقصان بہ پئجيو وڃي. ننڍي واپار ۾ نفعو يا نقصان، ٿورو پوندو آھي ۽ وڏي واپار ۾ نفعو يا نقصان گھڻو پوندو آھي. پيل نقصان جي سٽ سھڻ، ڏاڍي ڏکي ھوندي آھي. الھ تلھ ٻھارجي/ اُگھجي ويندو آھي. دڪان يا گھر جو ڏيوالو نڪري ويندو آھي. اھڙي پيل نقصان جو ازالو بہ ڏاڍو ڏکيو ٿي سگھندو آھي. ننڍي واپار جي نقصان جي سٽ، ننڍڙو واپاري سھي ويندو آھي جو ڪيس سيرن پيري نقصان پوندو آھي. اگر ڪو سيٺيو مٽ مائٽ يا دوست يار، سندس مدد ڪري تہ سندس نقصان جو ازالو ٿيو وڃي، جيڪو ڪنھن ھڪ ئي مائٽ جي مدد سان ٿي سگھي ٿو.

ان جي ابتڙ وڏو سيٺ، پيل نقصان جو تدارڪ ڪري نہ سگهندو آهي، ڇو جو ڪيس گهاٽو مٽن پيري پوندو آهي. اگر گهٽا مٽ مائٽ گڏجي بہ سندس مدد ڪرڻ چاهين تہ بہ نہ ڪري سگهندا، ڇو جو اهي ڪيس مدد ڏئي سگهندا سيرن پيري، جڏهن تہ نقصان پيل هوندو آهي مٽن پيري.

مطلب:

١ . مٽن جا نقصان، سيرن سان پورا نہ ٿيندا. (ترجمو)

٢ . وارن ڪوڙيي، ميٽ/ ميت هلڪو نہ ٿيندو آهي.

٣ . جتي هاٿين جي تور ٿيندي آ، اتي گڏھ تہ ڪاڻ ۾ ويندا آهن.

٤ . اپ ڦاٽي ڪي، اڳڙي ڪين لڳي سگهندي.

## ١٣٣ . مونہ پهيڙا هووے تے گل پهيڙی نيئه کرنی چاہی دی۔ (کہاوت)

**پهيڙا:** بڇڙو، برو، ڪنو. **گل:** ڳالھ.

هڪڙن ماڻهن جي صورت يا شڪل موچاري هوندي آهي. ويتر جو نرڙ ۾ گهنڊ ۽ نڪ ۾ سوند وجهي، تارا ڳاڙها ڪري ڳالهائيندا آهن تہ اجا بڇڙا لڳندا آهن. هر ڪو پيو ڪانئن پاسو ڪندو آهي. دنيا اندر، هر ڪنهن ڪي سونهن پسند آهي. ڏيتي ليتيءَ ۽ ڪار وهنوار ۾ اها ڪيس جاذب نظر هوندي آهي. ماڻهو، سودو ان دڪاندار ڪان وجي وٺندو آهي، جيڪو ڪلي ڳالهائي ۽ مرڪي ملي. جيڪو سينيو، دخل تي سيٽيو ۽ نڳيو وينو هجي، نوڙي ڪو وکر ڪٽي نہ ڏئي، سو گراهڪ ڪي ڪين وڻندو. دڪان تي وکر نہ بلڪ وڙ وڪامندو آهي. بين لفظن ۾ ائين ڪٽي چئجي: هٽ تي وکر نہ ٿو وڪامي پر واٽيو ٿو وڪامي.

اهي دڪاندار ڪامياب ڏٺا ويا آهن، جيڪي شيءِ چڱيءَ سان گڏ، ورتاءُ سنو رکن. پلي شڪل جا موچارا هجن، پر صاف سترا ۽ من مهٺا ٿي ويهندا تہ گراهڪن ڪي پنهنجو ڪري وٺندا. منڙي زبان سان پراوا گراهڪ بہ پنهنجا ڪري وٺندا. هونئن بہ عربي بوليءَ جي چوٽي آهي تہ: سهٽي صورت، اڌ رزق آهي. مال صفا، هزارين نفعا جي اصول تي ڪاربند رهندي، واٽيو واپار ڪري ٿو.

سماج اندر سمورا معاملا، ان ئي اصول تحت سر ڪري سگهجن ٿا. هر ماڻهوءَ جي بئي جي ورتاءَ تي نظر هوندي آهي. خدمت، سيني ڪي وٽي ٿي.

جڏهن تہ منٺي زبان سان ڪيل خدمت، بڇڙي زبان سان ڪيل خدمت جي ڀيٽ ۾، وڌيڪ پسند پيل هوندي آهي.

مطلب:

١ . شڪل بڇڙي هجي تہ ڳالهہ بڇڙي نہ ڪجي. (ترجمو)

٢ . ڀوائتي شڪل واري ڪي هر ڳالهہ، ڪلي چوڻ گهرجي.

٣ . نقصان واري ڳالهہ ڪجي تہ لهجو وڻندڙ اختيار ڪجي.

٤ . اٺهوند هجي تہ افعال بڇڙا نہ ڪجن.

## ١٣٤ . موهنون نڪلي، ملڪون نڪلي. (ڪهاوت)

وات مان نڪتل گفتي ڪي پَرَ هوندا آهن. نڪرندي ئي اڏامڻ شروع ڪندو آهي. هڪ جي چپن تان اڏامي، ٻئي جي چپن تان ٽپو ڪائي، ٽئين ۽ چوٿين جي وات تان اجا اڳتي هلندو ويندو. ڪٿي رڪندو نہ. ڪيس اهڙا پَرَ يا پير لڳي تا وڃن، جو اهي ٽڪجڻ جو نالو ئي نہ تا وٺن.

واتئون نڪتل ڳالهہ، پرائي آهي. پنهنجي شيءِ تي تہ ماڻهوءَ جو ڪنٽرول تي سگهي ٿو، ٻئي جي شيءِ تي نہ. اگر ڳالهہ راز جي آهي ۽ سرٻاٽ ۾ ڪيل آهي تہ اها اجا وڌي وويڪ ۽ آواز سان پڄڻ شروع ڪندي آهي. واتن چپن تان نينگ ٽپا ڪائيندي، ڪٿان ڪان ڪٿي وڃي پهچندي آهي. ان ڳالهہ جي ٻڌڻ ۽ اڳتي وڌائڻ ۾ اهڙا ماڻهو بہ دلچسپي وٺڻ شروع ڪندا آهن، جن جو ان ڳالهہ سان پري جو واهپو يا رشتو بہ نہ هوندو آهي. تان جو وڃي ملڪ ڪٽندي آهي. بلڪ اجا بہ وڌي وڃي انهن زمانن ۽ مڪانن ۾ پوندي آهي، جتي اهو بہ نہ پهچي سگهندو آهي، جنهن جي واتان اهو گفتو پهرين جاري ٿيو هيو.

مطلب:

١ . واتئون نڪتي، ملڪئون نڪتي. (ترجمو)

٢ . واتين سري، واڳين سري.

٣ . واتان نڪتل گفتو، سفر ڪندو آهي.

٤ . واتان نڪتل ڳالهہ ڪي پر لڳي ويندا آهن.

٥ . وات مان نڪتل ڳالهہ، پرائي.

٦ . ڪمان کان ڇُٽل تير، وري نہ موٽندو. ڏڏو ڪير، ٽٽين نہ پوندو.

٧ . ڏڏل ڪير، ڇٽل تير، نڪتل گفتو، موٽي نہ اچن ماڳ.

٨ . جهڙيءَ ريت ڪمان مان نڪتل تير واپس نٿو اچي، تهڙيءَ طرح وات مان نڪتل گفتو بہ واپس نٿو اچي.

### ١٣٥ . نيڙے دا پير، لوهڪا هوندے. (ڪهاوت)

**لوهڪا:** هلڪو، بي وزن، بي قدر.

هر ويجهي شيءِ، خوبصورتي وجائي ڇڏيندي آهي. پنهنجا عيب، گهڻا ظاهر ڪري وجهندي آهن. پري کان ڏاڍي سهڻي لڳندڙ صورت، ويجهو اچڻ شرط، پنهنجو اهو سحر وڃائي ويهندي آهي. گڏ رهندڙ جو قدر نہ هوندو آهي جو ان جي سونهن سان گڏ، ان جا عيب بہ ظاهري اکين سان ڏسي وٺبا آهن.

پري کان تہ دهل جو آواز بہ پر ڪشش هوندو آهي. ويجهو اچڻ کان پوءِ، اهو بہ پيو ڪن ڪائيندو آهي. پنهنجي گهر وينل عورت، سونهن سببان عاشقن کي ڏاڍي وڻي پئي ۽ نہ ملڻ جي صورت ۾ عاشق خودڪشيءَ تي آماده ٿيو پون. وصال کان پوءِ، عاشقن کي پتي تي نہ ٿي پوي. اهو ڇاهي؟ اهو ان ڪري ٿيو جو ويجهي کان ڏسڻ جي ڪري، ان جا عيب صواب ظاهر ٿيا آهن. پري کان ڏٺل شيءِ جا عيب، ظاهر نہ ٿيندا آهن. ويجهي اچڻ کان پوءِ، ان جو ڳالهائڻ، ڪائڻ، ورتاءُ وغيره اهي نہ هوندا آهن، جيڪي عاشق سهڻي صورت ڏسڻ وقت، پنهنجي ذهن اندر جوڙيا هيا.

هڪڙي ڪاني ڪرامت واري بزرگ کي گهر واري سدائين پئي طعنا تنڪا ڏيندي هئي. بزرگ جي دل ۾ خواهش جاڳي تہ اگر بزرگي گهرواريءَ تي کلي پئي تہ هوند گهر ۾ قدر ٿي پوندو. هڪ ڏينهن گهر کان ٻاهر نڪري، ڪرامت جو نماءُ ڪندي، اڏامڻ لڳو ۽ اڏامندي پنهنجي گهر مٿان بہ هڪ بہ لامارو ڏنائين. سندس ان نماءَ کي گهڻن ماڻهن تجسس سان ڏٺو ۽ دل ۾ ويتر اثر وڌي وين. ڪرامتي نماءَ بعد، بزرگ گهر ۾ آيو تہ گهر واريءَ جو ساڳيو ورتاءُ ڏسي، پنهنجي اڏامڻ واري ڪرامت ياد ڏياريائينس. ان تي گهر واريءَ دوڳيندي چيس: "مٺا مان بہ چوان ٽيڏو ٽيڏو پئي وئين، لاشڪ تون ئي هوندين."

ڳوٺ جي بزرگ کي، ڳوٺ وارا ان ڪري هلڪو ٿا سمجهن جو وٽن، سندس عيب صواب ظاهر ٿيل آهن. ڪين پير صاحب، پاڻ جهڙو عام ماڻهو ٿو نظر اچي. اهو منجهن ڇائو نپنو ۽ اٽيو وينو آهي. سندن واهر ۽ مدد سان وڏو ٿيو آهي. هاڻي ڪيس بزرگ ڄاڻي ڪيئن پاڻ کان وڏيڪ مان ڏئي، عام ماڻهن کان اوچو سمجهن؟! نا ممڪن آهي.

مطلب:

١ . ويجهو پير، چلهہ جو مارنگ. (ترجمو)

٢ . گهرادا پير لوہکا ہوندے۔ (کہاوت)

(گهر جو پير، چلهہ جو مارنگ هوندو آهي.)

**١٣٦ . ہتھے آں ہتھ، سیانڑدے۔ (کہاوت)**

سیانڑدے: سڃاڻي.

بين سان ڪار وهنوار، هٿن ذريعي ڪيو ويندو آهي. لهڻو ليکو، ڏيتي ليتي جهڙا فعل هٿن ذريعي ٿين ٿا. اوڌر پاڌر ڏبي ان کي آهي، جيڪو ترت موٽائي ڏئي يا جنهن کان موٽائي وٺڻ جو ارادو نہ هجي. اعتبار بہ ان تي ڪبو آهي، جنهن سان اڳي واسطو پيل هجي ۽ اهو ان واسطي داريءَ سبب، ڄاتل سڃاتل ۽ آزمايل هجي. ڪانئس يا وٺي ڪاڏو هجي يا ڏئي وقتائتو موٽايو هجي. آزمايل ماڻهوءَ جو هٿ، ڄڻ سڃاتل هٿ آهي. ان کي ڏيڻ ۾ ڪا هچڪچاهٽ يا هٺڪتو نہ ٿو رهي. جڏهن تہ اڻ آزمايل ۽ اڻ واقف کي اوڌر ڏيڻ وقت، فقط دليون ئي هٽبيون آهن. آزمايل کي اڻ سوچيو، اڌ-ڳالهايو، مال ڏئي ڇڏبو آهي.

مارڪيٽ يا سماجي ڪار وهنوار اندر، ڄاڻ سڃاڻ کان وڌيڪ ڪارپت کي اهميت هوندي آهي. اعتبار وينل هوندو تہ سوين نفعا وٺي سگهبا.

مطلب:

١ . هٿ، هٿ کي سڃاڻي. (ترجمو)

٢ . اوڌر ان کي ڏبي، جنهن وقت تي ڏني هوندي.

**١٣٧ . ہچھا کون؟ میں آپ۔ (کہاوت)**

**ٻچا:** اڇها، سنو، ڀلو.

سني هجڻ جو سرٽيفڪيٽ، هر ڪو پاڻ کي پهرين ڏيندو آهي. پرائي محنت بہ پنهنجي کنڌي ۾ پيو وجهندو. ان ۾ بہ پنهنجي سورهيائيءَ جا ڳڻ پيو ڳائيندو. کهڙي بہ نااهل شخص کان ٿيل ڪم جي ڪارنامي بابت پڇبو تہ اشارو پاڻ ڏانهن ڏيندو.

خود ثنائيءَ واري ٿابي-ٿوٺڪر، ڇڳن پلن کي هوندي آهي. ڪن تہ وڏن پڙهيلن ۽ بزرگن کي بہ اهڙي بري فعل ۾ ملوث ڏٺو ويو آهي. ان، مان واري عادت، ڇڳن پلن جا پٽڪا ڏوڙ ڪرائي ڇڏيا. ٻين جي سچي تعريف ڪرڻ کان بہ پيا ڪيٻائيندا. جڏهن تہ پنهنجي تعريف، ڪوڙ تي ڪندي بہ، نہ مڙندا آهن.

**مطلب:**

١ . پلو ڪير؟ چي: مان پاڻ. (ترجمو)

٢ . ڪانءَ کي چيائون: ”سهڻو ٻچو ڪٽي آءُ!“ تہ پنهنجو ٻچو ڪٽي آيو. چي: ”هن کان وڌيڪ دنيا ۾ ڪو سهڻو ڪونهي.“

٣ . نہ ڪنهن کي عقل منجهايو آهي، نہ ڪنهن کي سونهن سڪايو آهي.

۴ . هڪڙي ڏيڏري، ٻيءَ کان پڇيو: ”هي جيڪو چون ٿا کي پريون بہ آهن دنيا ۾، اهي ڀلا اسان کان وڌيڪ سهڻيون آهن ڇا؟“

## ١٣٨ . ہسدا بندہ تھوکے باز ہوندے۔ (کہاوت)

**ہسدا بندہ:** کلڻو ماڻهو. **تھوکے باز:** ڏوکي باز، ٺڳ، نوسر باز.

ڪاوڙيل طبيعت ماڻهو، ڪاوڙ وارو چهرو ڪري، پنهنجي ناراضگيءَ جو اظهار ڪندو آهي. ٺريل ۽ راضي ماڻهو، پنهنجي راضپي جو اظهار، پنهنجي مرڪندڙ چهري سان ڪندو آهي. چهرو، اندر جو آئينو آهي. دوکو، منافقيءَ سان ڏبو آهي. اندر ۾ ناراض هوندي، مرڪندڙ چهري سان ڏسڻ ۽ تعريفي جملن سان ورتاءُ ڪرڻ بہ منافقيءَ جي اهڃاڻن منجهان هڪ اهڃاڻ آهي. راضي هوندي، ڪاوڙ وارو چهرو ڪري ڏيکارڻ پڻ ائين آهي. ان ورتاءَ کي دوکي وارو ورتاءُ يا دوکيبازي سڏبو آهي.

جنهن ماڻهوءَ جي اندر جي، سندس ظاهري چهري مان پرک نہ ٿئي، ان جهڙو نقصان رسان ٻيو نہ ٿو ٿي سگهي. وڏ ۾ وڏ نقصان يا ضرر، اتان پهچندو آهي، جتي دوکو هجي. بظاهر سهڻي صورت ۽ مرکندڙ چهرو هجي، جڏهن تہ اندر ۾ سوچ من-کُهٽي هجي.

مطلب:

١ . کلڻو يار، دوکيباز هوندو آهي. (ترجمو)

٢ . پڏٽو جوڳي، هسٽي نار، گد کهي: ٻئي کُهي مار.

٣ . بيري دا بور ہوسی، جڑھا ماہیا ہسدا رہیوے، تھوکے باز ضرور ہوسی۔ (ہندکو ماہیا)

(ويريءَ جو وير هوندو، جيکو يار کلندو رهيو، سو دوکيباز ضرور هوندو. -هندکو ماهيہ)

## ١٣٩ . ہسیاتے پھسیا۔ (کہاوت)

ہسیا: کِليو، کِلِيائين. پھسیا: ڦاٿو، ڇوٽکنيو ٻڌو.

کاوڙ واري ماڻهوءَ کان هر کو ٽري پاسو کندو آهي. کلي ڳالهائڻ واري ڏانهن وقت کڏي بہ هليو ويندو آهي. نئون ماڻهو، ٻئي سان جهٽ رلي ملي نہ ويندو آهي. نئين هجڻ واري وٿي، ٻنهي جي وچ ۾ حائل ضرور هوندي آهي. جنهن سببان، هک ٻئي سان ترش لهجي ۾ ڳالهہ ٻولهہ کندا آهن. ڳالهائيندي ڳالهائيندي، هک ڊر اگر مرکي موٽ ڏني تہ ٻئي جي دل بہ سرکي پوندي. پوءِ حجاب جا پردا ٽٽڻ شروع ٿيندا آهن. بي حجاب ٿيڻ کان پوءِ، کلي ڳالهائڻ وارو ويندو آهي ڦاسندو ۽ جکڙجندو.

ان جو ٻيو مطلب بہ آهي. کنهن معاملي ۾ کنهن کان آڏي پڇا ٿيندي آهي. اهو رُکا جواب ڏيندو آهي. جڏهن آڏي پڇا وارو منطقي دليلن سان سوڙهو کري سچ اڳرڻ واري جاءِ تي وٺي ايندو اٿس، تہ پيد کلڻ شرط اڳلو ڦکي کل کلي پوندو آهي. اها ڦکي کل، کيس خوار کري ڦاسائي وجهندي آهي.

مطلب:

١ . هنسي تہ ڦنسي. (ترجمو)

٢ . کليائين تہ ڦاٿي.

٣ . چُپ: نيم رضا.

۴ . آپي ريڌي، ڪرم ڪٽائي.

### ۱۴۰ . وڃ الله دے ڪم، کهوتے کهاون ام- (کهاوت)

رب، ڪريم آهي. سندس ڪرم نوازيءَ سان هن سنسار جو ڪار وهنوار هلي ٿو. ازل کان ابد تائين، هن جهان جي هلڻ لاءِ قانون جوڙي ڇڏيا اٿائين ته جيئن هر شيءِ، ٻين جي ربط سان، پنهنجي ضبط اندر هلي. هر مخلوق جو پنهنجو پنهنجو ڪارج ۽ قدر مقرر ڪيو اٿائين. گهوڙي جي ڀيٽ ۾ گڏه جو قدر گهٽ آهي پر وهٽن جي اندر جيترو اٺ ۽ گهوڙو ڪارائتو آهي، اوترو گڏه به آهي. اٺ اگر خشڪيءَ جو ٻيڙو آهي ته گڏه به سهنديءَ آهر بار ڍوئيندڙ آهي. گهوڙو اگر بار ڇڪڻ ۽ پنيءَ تي سواري ڪٽڻ ۾ جهر جهنگ مان ڪاهي پهچائيندڙ آهي ته گڏه پڻ اڙانگن پنڌن تان پار اڪارڻ ۾ معاون ۽ مددگار آهي. تنهن هوندي به ڏنو ائين ويو آهي جو سندس قدر، اٺ ۽ گهوڙي جي ڀيٽ ۾ گهٽ آهي. مٿس اگر ڪنهن مهرباني ڪئي ته پئي ڳائبي. اٺ ۽ گهوڙي تي ڪيل مهربانيءَ کي، سندن مانُ، مرڪ ۽ حق پيو سمجهبو آهي. گڏه کي ان لائق نه سمجهندي، پيو ڪرڪبو آهي. اهڙيءَ طرح دنيا اندر پڻ گرا گنجا آهن، جيڪي نڪما هوندي به رب جي رحمتن سان مالامال آهن. تن مٿان ٿيل انهن مهربانين تي ڪي محنتي ۽ سهٺا ماڻهو، پڻ انهن الفاظن ذريعي ڪرڪندا آهن.

**مطلب:**

۱ . ڏس رب جا ڪرم، گڏه پيا ڪائين انب. (ترجمو)

۲ . الله مهربان، گڏه به خاندان.

۳ . بخت کي جائي آهي ڀيڻ: گڏهيون به ٿيون گج پائين.

۴ . بخت کي جائي آهي ڀيڻ: گڏه به ٿو برفو ڪائي.

### ۱۴۱ . يا روزی، يا نصيب- (کهاوت)

**يانصيب:** نصيب ۾ لکيل هئڻ سان مشروط.

روزي رزق، محنت سارو ته ملي ٿو پر حرام يا حلال، گهٽو يا ٿورو، نصيب سارو ملي ٿو. محنت جو عمل دخل به تڏهن آهي، جڏهن نصيب اندر لکيل

آهي. جتان روزيءَ جي اچڻ جو امڪان لڪيل آهي، اتان ايندي. ٻئي هنڌ ڪيل محنت ۾ موڙيءَ جي سيڙپ، اجائي هلي ويندي. اهو محنت ۾ سيڙپ جو اڪارت ٿيڻ بہ نصيب اندر لڪيل هوندو آهي. جنهن سببان هڙ مالي ڦوڪُ/ ڦوڳُ ٿي ويندي آهي.

مطلب:

١ . يا روزي، يا نصيب. (ترجمو)

٢ . یا رزق، یا نصیب۔ (کہاوت)

(يا رزق، يا نصيب.)

٣ . روزي رزق، يانصيب.

۴ . پڪي ماني، يانصيب.

## ١۴٢ . یار اوہ جڑھا او کھے ویلے کم آوے۔ (کہاوت)

**جڑھا:** جهڙو، جيڪو. **اوکھے ویلے:** اوکي ويلي، ڏکئي وقت، تڪليف ۾.

سنگت رکبي ئي، اڙيءَ اڏيءَ ۾ هڪ ٻئي جي ڪم ڪار اچڻ واسطي آهي. اگر سنگت رکڻ پوءِ ٻيو سنگتي پنهنجي مفاد کي مقدم رکي تہ ان کي ڪير بہ چڱو ڪو نہ چوندو آهي. نہ ئي وري ساٿس ڪا سنگت وڌائڻ تي ڪنهن جي دل گهرندي آهي. هر موڙ تي ڪيس ميارون ئي پيون ملنديون آهن. هڪڙو ٽوٽڪو مشهور آهي، جيڪو يادداهانيءَ خاطر رقم ڪجي ٿو.

ٻہ سنگتي، جهنگ منجهان گذري رهيا هئا، جو هڪڙي شينهن جي چنگهاڙ ٻڌايون. هڪڙو سنگتي وڻ تي چڙهڻ ڄاڻندو هيو، سو تہ جهٽ وڻ تي چڙهي ويو. ٻيو دوست وڻ تي چڙهڻ نہ ڄاڻندو هيو. دوست جي ڇڏي پڄڻ سببان، دهلجي هيٺ ڪري پيو. ڦٽيل آگر جي پٽي چوڙي ساهہ ٻوساٽي ڪريو تہ شينهن اچي مٿس پهتو. زخم سنگهي، ڪيس ٻئي جو ڪيل شڪار سمجهي، اڳتي هليو ويو.

شينهن جي هليو وڃڻ پڄاڻان، وڻ تي ويٺل دوست هيٺ لهي آيو ۽ پٽ تي پيل ڪان پڇيائين: "ٻيو تہ نهيو. جيڪي ٿيو سو ٿيو. مون کي رڳو ايترو ٻڌاءِ تہ شينهن تو کي سنگهندي، ڪن ۾ ڇا پئي چئو." دوست ميار واري

انداز ۾ ورندي ڏيندي ٻڌايس: ”شينهن مون کي چيو: دوست اهو رک جيڪو اوکيءَ گهڙيءَ ۾ ساٿي ٿيئي.“

مطلب:

١ . يار اهو، جو اوکيءَ ويل ڪم اچي. (ترجمو)

٢ . دوست اهو، جو يار غار هجي.

٣. ڪانئر دوست ڪان، بس ڀلي آهي.

### ١۴٣ . یاراں دیاں گلاں، پھلاہی دیئاں ہلاں۔ (کہاوت)

*گلاں*: ڳالهيون، باتيون. *پھلاہی دیئاں*: ڦلاهي جون، ڦلاهي هڪ وڻ جو نالو، جنهن جي ڪاني نهري ٿئي. *ہلاں*: هَرَ، هَرَ جو جمع، هرنهہ جنهن ۾ گهوٻو وجهي زمين کيڙجي.

يارن جي ياريءَ ۽ منجهس ڏنل قربانيءَ واري جذبي کي، ڦلاهيءَ جي ڪانيءَ مان جڙيل هَرَ سان تشبيهہ ڏني وئي آهي. هَرُ، سخت زمين کي کيڙڻ واسطي ڪم ايندو آهي، جنهن کي ڏڍا چڪيندا آهن. زمين، پنهنجي سختيءَ ۾ ڏاڍي هوندي آهي. ڏاند، پنهنجي ڇڪڻ واري شڪتيءَ ۾ ڏاڍا هوندا آهن. اگر هرنهہ جي ڪاني ڪمزور هوندي تہ هَرُ نہ هلندو. اها بہ اگر نهري ۽ ٺوس هوندي تہ جهالائو ٿي پوندي. هَرُ، تمام سنو وهندو.

اهڙيءَ طرح ياري بہ اها ديرپا ۽ جٽادار آهي، جنهن ۾ ٻنهي ڌرين اندر سهپ جو مادو هجي. هڪ ۾ قربانيءَ جو جذبو هجي ۽ ٻئي ۾ سهپ نہ هجي تہ اها ياري نہ هلندي.

مطلب:

١ . يارن جون ڳالهيون: ڦلاهيءَ جا هَرَ. (ترجمو)

٢ . مطلبيءَ جي ياري: بہ آڱر ٽاڪ، ٻي واري. (ابتي)

### ١۴۴ . یاراں نال بہاراں۔ (کہاوت)

*بہاراں*: بهاريون، خوشيون، سڪون.

دنيا جي خوشي ۽ غم، عارضي آهن. اڄ انسان آپي ۾ ناهي، اڄ ئي هڏن جي مڻ لڳو پيو آهي. نه ڏن دولت ڪيس اصل خوشي رسائي ٿي، نه اولاد ۽ مڻ. هر ڪنهن کي پنهنجي غرض ۽ ضرورت آهي، جيڪا تعلقات استوار ڪرڻ تي اڪسائي ٿي. ٻي صورت ۾ ڪنهن کي ڪنهن جي پرواهه ناهي. تنهن هوندي به دنيا اندر چار گهڙيون، چئن ٿهڪن سان گذارڻ لاءِ هم-خيال دوستن جي ضرورت آهي. جڏهن هم-خيالَ، ساڻُ هوندا آهن، تڏهن محفل جي رونق اور هوندي آهي ۽ طبيعت جي ڪيفيت اڏامان اڏامان پئي ڪندي آهي. ان جي ابتڙ، جڏهن هم-خيال دوستن جي ڪمي ٿي پوندي آهي يا اهي دنيا ڇڏي ويندا آهن ته پوءِ، دل تي افسردگيءَ جو بوجهه طاري ٿي پوندو آهي. ڪو به نظارو يا ڪاڏو ڪو نه وڻندو آهي. ڪنهن به ڳالهه ۾ چس يا رس نه رهندو آهي. اٿڻ ويهڻ، سمهڻ گهمڻ، ڪائڻ پيئڻ بي مزي ۽ بيسود پيا محسوس ٿيندا. ماڻهو هر وقت پنهنجي جسم جي عضون کي ڇهنديون پائي، پڪ ڪرڻ جي ڪوشش پيو ڪندو آهي ته عالم سجاڳيءَ ۾ آهي يا عالم رويا ۾ پيو منظر پسي. جيئرو به آهي، يا هلي پيو آهي!

مطلب:

١ . يارن سان بهاريون آهن. (ترجمو)

٢ . سک به يارن سان.

٣ . يارن سان کهڙا ليکا، ٿيا جو يار.

## ١۴۵ . یاری اے کہ چھولیاں دا بڈھ اے۔ (کہاوت)

***چھولیاں:*** چولا، ڇٽا. ***بڈھ:*** وَڍُ، ڪَٽائي، ڀَيل.

ڇٽو، زمين اندر پوکڻ کان پوءِ، گڇا ڪري ڦٽندو آهي. اگر منجهانئس پليءَ جا ڳوئنچ چوندي پٽجن ته انهن پٽيل جاين پرسان ٻيا ٽانگا گوها ڏئي موربا آهن ۽ وڌي ويندا آهن. منجهن ڇٽن جا ڦوٽا به جام ٿيندا آهن. جڏهن مند اندر، ڦوٽا به پٽبا آهن ته نه ڪليل ڦليون پنهنجي ڳوئنچن منجهان ٻيا ڦوٽا مُوري اٿنديون آهن، جن منجهان ڇٽا حاصل ٿيندا آهن. حاصل مطلب ته ڇٽي جو فصل اهڙو آهي، جيترو وڍينس يا ڀيلينس اوترو زور ڏئي، هنڌئون هنڌئون ڦٽي پوندو. جنهن لاءِ ڀٽائي سڳوري پڻ فرمايو آ:

ڏِنو ڪِنو نه ٿئي، جيئن ڏي تيئن گهٽو،

سَخي سِرنُهن چٹو، جيئن پيل تيئن پلو ٿئي.

پکي ياري يا مٽرساٽي سنگت کي، چٽن جي وڏ سان مشابهت ڏني ويندي آهي. ان ۾ به دوست کي جيترو پيلبو آهي، اوترو سهندو آهي ۽ سندس سنگت ۾ کَرَ نہ ايندي آهي. ڪچا ۽ مطلبي دوست، ٿوري آزمائش ۾ پڄي ويندا آهن.

مطلب:

١ . ياري ائين آهي، جيئن چٽن جي پيل. (ترجمو)

٢ . سخي، ساري، ياري، سرنهن ۽ چٽو، جيئن پيل تيئن پلا ٿين.

# ڏسٽي



| صفحو | کہاوت | نمبر |
|---|---|---|
| ١٦ | آدمی آدمی وِچ کے گل کرنی چاہی دی اے۔ (کہاوت) | ١ |
| ١٦ | آدمی آدمیاں دادارو، آدمی آدمیاں دامارو۔ (کہاوت) | ٢ |
| ١٧ | آدمی بوٹا وِچ کے چھاماں بیٹھدے۔ (کہاوت) | ٣ |
| ١٧ | آندے آں موڑیا نیںھ، جلدے پچھے دوڑیا نیںھ۔ (کہاوت) | ٤ |
| ١٨ | آئیں تے کے آنڑ سیں، آیاں تے کے دیسیں۔ (کہاوت) | ٥ |
| ١٩ | اچا پکم کھا، مندھریا منگ کھا۔ (کہاوت) | ٦ |
| ١٩ | ادھارا دی ما نیںھ موئی۔ (کہاوت) | ٧ |
| ٢٠ | ادھلی آں داج کوں پاندے۔ (کہاوت) | ٨ |
| ٢١ | افسر گوہے داتے فرلوہے۔ (کہاوت) | ٩ |
| ٢١ | اکھیاں تواوہلے دلاں تواوہلے۔ (کہاوت) | ١٠ |
| ٢٢ | اگ تے پانی بے لحاظ ھوندن۔ (کہاوت) | ١١ |
| ٢٢ | اگ تے پانی دی کے اشنائی۔ (کہاوت) | ١٢ |
| ٢٢ | اگلے دی جان گئی لوکاں جوگے کھیڈ تماشا۔ (کہاوت) | ١٣ |
| ٢٣ | اللہ گنجے آں نونھ ای نہ دیوے۔ (کہاوت) | ١٤ |
| ٢٣ | ان ڈٹھا چور؛ سادھ ھوندے۔ (کہاوت) | ١٥ |
| ٢٤ | انھے دا سوٹا؛ کے کھرا، کے کھوٹا۔ (کہاوت) | ١٦ |
| ٢٥ | اوکھا ویلا لنگھ جلدے، دوئے دی گل یاد رہندی اے۔ (کہاوت) | ١٧ |
| ٢٦ | ایانا گل کردے، سیانا نیاں کردے۔ (کہاوت) | ١٨ |
| ٢٦ | ایہہ جانے تے اوہ جانے توں پہن دانے۔ (کہاوت) | ١٩ |
| ٢٧ | بخشیش سو دانہ، حساب جوں دانہ۔ (کہاوت) | ٢٠ |
| ٢٧ | برھے چیت؛ نہ کھل مٹے، نہ کھیت۔ (کہاوت) | ٢١ |
| ٢٨ | بگانہ گہنا؛ لوکاں دا مہنا۔ (کہاوت) | ٢٢ |
| ٢٩ | بلی دا گونھ لوڑ آیا تے اوہ بوٹے تے چڑھ ہگی۔ (کہاوت) | ٢٣ |
| ٢٩ | بنی داہر کوئی اے، ان بنی دا کوئی بھی نیںھ ہوندا۔ (کہاوت) | ٢٤ |

| | | |
|---|---|---|
| ۲۵ | بنیا جدوں غریب ہو جلے تے پرانی بہی پھر ولدے۔ (کہاوت) | ۳۰ |
| ۲۶ | بے کار کولو بگار چنگی۔ (کہاوت) | ۳۰ |
| ۲۷ | بیاہ کیتا؛ ماؤ پیوؤ دارو گیا۔ بچہ ہو؛ سنگیاں ساتھیاں دارو گیا۔ بچے بڈے ہوئے؛ آپے دارو گیا۔ (کہاوت) | ۳۱ |
| ۲۸ | بیاہ نینھ کیتا ورے جنجاں چڑھدیاں بھوں ڈٹھیاں نیں۔ (کہاوت) | ۳۲ |
| ۲۹ | پتر یا تے تریا۔ (کہاوت) | ۳۲ |
| ۳۰ | پرہا پرہاواں دے، پتر ماواں دے۔ (کہاوت) | ۳۳ |
| ۳۱ | پرون کوزے آں آخنے؛ دو موریا تے اپںا کجھ شمار ای نینھ۔ (کہاوت) | ۳۴ |
| ۳۲ | پکن میوے، کھاون نصیب والے۔ (کہاوت) | ۳۴ |
| ۳۳ | پہائی پہائیاں دے، چہائی سر گرائیاں دے۔ (کہاوت) | ۳۵ |
| ۳۴ | پہڈ سوئی یا تروئی؛ ہک ای گل اے۔ (کہاوت) | ۳۵ |
| ۳۵ | پھگن؛ کھلیاں ہگن۔ (کہاوت) | ۳۶ |
| ۳۶ | پھیرڑے مونھا بچو، پھیرڑی گل ای نکلدی اے۔ (کہاوت) | ۳۷ |
| ۳۷ | پوہ مانھ نرا؛ دیہاڑی چھسڑ راتی کھرا۔ (کہاوت) | ۳۸ |
| ۳۸ | پوہ مانھ؛ پکھانے؟ (کہاوت) | ۳۸ |
| ۳۹ | پیدل تے اسوار دی رات؛ ہکی جائی آندی اے۔ (کہاوت) | ۳۹ |
| ۴۰ | پیر آزما کہن، کھوڑا دوڑا کہن۔ (کہاوت) | ۴۰ |
| ۴۱ | پیر پتر نہ دتا، رن نینھ کھسدا۔ (کہاوت) | ۴۰ |
| ۴۲ | پیسا پا، تے نالے کھا۔ (کہاوت) | ۴۱ |
| ۴۳ | پیسے دی گدڑی، روپیا پیا تے ادڑی۔ (کہاوت) | ۴۱ |
| ۴۴ | تھوڑا کھانا، سکھیا رہنا۔ (کہاوت) | ۴۲ |
| ۴۵ | تو کون؟ میں خوامخواہ۔ (کہاوت) | ۴۲ |
| ۴۶ | ٹہاکے داویلا؛ ادھا چٹا، ادھا میلا۔ (کہاوت) | ۴۳ |
| ۴۷ | جتنا بڑا سر، اتنی بڑی سر دردی۔ (کہاوت) | ۴۳ |
| ۴۸ | جتنے مونھ، اتنیاں گلاں۔ (کہاوت) | ۴۴ |
| ۴۹ | جتھے گڑ ہوندے، اتھے مکھیاں ہوندئین۔ (کہاوت) | ۴۵ |
| ۵۰ | جدھر سر، ادھر سرہانا۔ (کہاوت) | ۴۵ |
| ۵۱ | جڑھا اتھے خوار، اوہ مکے بھی خوار۔ (کہاوت) | ۴۶ |

| | | |
|---|---|---|
| ۵۲ | جڑھا چھانسی، اوہ جانسی۔ (کہاوت) | ۴۷ |
| ۵۳ | جڑھی جنے کولوڈرے، اوہ بیاہ ای نہ کرے۔ (کہاوت) | ۴۷ |
| ۵۴ | جڑھی متھے نچ ہے، اوہ ہتھے نچ اے۔ (کہاوت) | ۴۸ |
| ۵۵ | جسدا ہووے پلسی یار، اساں دشمن کے پکار۔ (کہاوت) | ۴۹ |
| ۵۶ | جسدی شے گمدی اے، اسدا ایمان بھی گم جلدے۔ (کہاوت) | ۵۱ |
| ۵۷ | جلاہیاں دے ٹھٹھے؛ ماواں پنہسڑاں دے نال۔ (کہاوت) | ۵۲ |
| ۵۸ | جلوا گے، تے چھاٹ پچھے دیئو۔ (کہاوت) | ۵۲ |
| ۵۹ | جند نروئی، مل نینھ کوئی۔ (کہاوت) | ۵۳ |
| ۶۰ | جیہا مونھ، ایہجی چپیڑ۔ (کہاوت) | ۵۴ |
| ۶۱ | جیہے روح، ایہجے فرشتے۔ (کہاوت) | ۵۴ |
| ۶۲ | چاڑے ہتھ سنیہا؛ جواب کجیہا۔ (کہاوت) | ۵۵ |
| ۶۳ | چاہ دی سرکی؛ ڈوگی رہن کو ٹھاکڑکی۔ (کہاوت) | ۵۶ |
| ۶۴ | چاہ کو چاہ اے۔ (کہاوت) | ۵۷ |
| ۶۵ | چتّوادتا سر، موہلیاں داکے ڈر۔ (کہاوت) | ۵۸ |
| ۶۶ | چٹے کپڑے دا داغ، دورو سہی آندے۔ (کہاوت) | ۵۸ |
| ۶۷ | چٹی؛ کھٹی موڑ پلٹی۔ (کہاوت) | ۵۹ |
| ۶۸ | چن چڑھدے، تے جگ دیخدے۔ (کہاوت) | ۶۰ |
| ۶۹ | چھلے دی ہڈی گئی، کتے دی ذات پچھاں ہئ گئی۔ (کہاوت) | ۶۱ |
| ۷۰ | چوراں تے مور، تے موراں تے ہور۔ (کہاوت) | ۶۲ |
| ۷۱ | چوراں کولو پنڈ تاولی۔ (کہاوت) | ۶۲ |
| ۷۲ | چوہے آں سنڈھا دی گندھی لبھ گئی تے پساری بن بیٹھا۔ (کہاوت) | ۶۳ |
| ۷۳ | حاضر کو مہر اے۔ (کہاوت) | ۶۴ |
| ۷۴ | حرامیاں دے سراتے سنگ نینھ ہوندے۔ (کہاوت) | ۶۵ |
| ۷۵ | حرامیاں دے فرقے؛ سیون سویلا، اٹھن چرکے۔ (کہاوت) | ۶۶ |
| ۷۶ | حرامیاں دی ہک رگ، بدھیک ہوندی اے۔ (کہاوت) | ۶۶ |
| ۷۷ | خطاء انسان کولوای ہوندی اے۔ (کہاوت) | ۶۷ |
| ۷۸ | دخدی جا ای دخدی اے۔ (کہاوت) | ۶۸ |
| ۷۹ | دلاں نچ سچ، کوٹھے چڑھ کے نچ۔ (کہاوت) | ۶۹ |

| | | |
|---|---|---|
| ۸۰ | دنیا پھر دی دا پھیر اے۔ (کہاوت) | ۷۰ |
| ۸۱ | دنیا دے موںھا تے ہتھ کون رکھ سکدے۔ (کہاوت) | ۷۱ |
| ۸۲ | دور دے رشتیدار کولوں، نیڑے دا گمانڈھی چنگا ہوندے۔ (کہاوت) | ۷۲ |
| ۸۳ | دو ہتھڑ، تالی بجتی ہے۔ (کہاوت) | ۷۲ |
| ۸۴ | دوئے دا نیالہ بڈا لگدے۔ (کہاوت) | ۷۳ |
| ۸۵ | دیہاڑی بولن پھہاڑیاں، راتی بولن کاں؛ یا گراں دا لمبر دار نینھ، یا گراں دا گراں۔ (کہاوت، شگون) | ۷۴ |
| ۸۶ | دیئے تلے انھیرا۔ (کہاوت) | ۷۵ |
| ۸۷ | رات کنڈیاں تے بھی گزر ای جلدی اے۔ (کہاوت) | ۷۶ |
| ۸۸ | رواں دی بلی بناواں، میاؤں کون کرے۔ (کہاوت) | ۷۷ |
| ۸۹ | زنانی دے بالا بالا تلے فریب ہوندے۔ (کہاوت) | ۷۸ |
| ۹۰ | زنانی دی کھری پچھے مت ہوندی اے۔ (کہاوت) | ۷۹ |
| ۹۱ | سانجھا ابا، کسے نہ دبا۔ (کہاوت) | ۷۹ |
| ۹۲ | سانجھا مال، ترہایا ای رہندے۔ (کہاوت) | ۸۰ |
| ۹۳ | ساہیہ لادو ہویا، تے چاسی کے۔ (کہاوت) | ۸۰ |
| ۹۴ | سٹیا گراں، کے کہننا ناں۔ (کہاوت) | ۸۱ |
| ۹۵ | سجن آخے رواکے، دشمن آخے ہساکے۔ (کہاوت) | ۸۲ |
| ۹۶ | سر بڈے سر داراں دے، پیر بڈے گنواراں دے۔ (کہاوت) | ۸۲ |
| ۹۷ | سس تے سوہرا کہر نینھ، ہور کسے دا ڈر نینھ۔ (کہاوت) | ۸۳ |
| ۹۸ | سنڈ یا دا کھول تے بوٹیاں دی شامت۔ (کہاوت) | ۸۴ |
| ۹۹ | سنگ کنڈ ھلے منجھیے، پیر چٹے کھوڑیے، مچھا سونہنیاں مرد دی، نین سونہنے گوریے۔ دودھ مٹھا منجھی اے، چال سونہنے کھوڑیے، قول پکا مرد دا، شرم سونہنی گوریے۔ (کہاوت) | ۸۵ |
| ۱۰۰ | سنہیا دا مارے دا، کتا بلا کھاندے۔ (کہاوت) | ۸۶ |
| ۱۰۱ | سور ہڈی، ملخو کڈھی۔ (کہاوت) | ۸۷ |
| ۱۰۲ | شک، پیؤ پتر دا لحاظ نینھ کردا۔ (کہاوت) | ۸۷ |
| ۱۰۳ | شک، حرام چیز ہے۔ (کہاوت) | ۸۸ |
| ۱۰۴ | شیر، اپنی ماری دی کھاندے۔ (کہاوت) | ۸۹ |

| | | |
|---|---|---|
| ۱۰۵ | عملاں باجھ، نبیڑے نینھ ہوندے۔ (کہاوت) | ۸۹ |
| ۱۰۶ | قبراتا قبر، نینھ ہوندی۔ (کہاوت) | ۹۰ |
| ۱۰۷ | قسمت ماڑی ہووے تے اونٹھاتے بیٹھے دیاں بھی کتا لڑ جلدا اے۔ (کہاوت) | ۹۱ |
| ۱۰۸ | کاگ اڈدے تے کاں ای کاں کردے۔ (کہاوت) | ۹۲ |
| ۱۰۹ | کالیاں دے کالے ای ہوندن۔ (کہاوت) | ۹۳ |
| ۱۱۰ | کرپہلا، جے ہووئی پہلا۔ (کہاوت) | ۹۳ |
| ۱۱۱ | کسے کبے آں لت کڈھ ماری، اوہ کمادا نچ جل لکیا۔ (کہاوت) | ۹۴ |
| ۱۱۲ | ککڑی بھی کسی اوہلی جائی بیٹھ کے انڈہ دیندی اے۔ (کہاوت) | ۹۵ |
| ۱۱۳ | ککھ بھی چوری، لکھ بھی چوری۔ (کہاوت) | ۹۶ |
| ۱۱۴ | کمنا دی یاری؛ نہ جتی، نہ ہاری۔ (کہاوت) | ۹۶ |
| ۱۱۵ | کناں سنی داکے اعتبار۔ (کہاوت) | ۹۷ |
| ۱۱۶ | کندھ، اٹاتے ای چڑھدی اے۔ (کہاوت) | ۹۷ |
| ۱۱۷ | کندھادے بھی کن ہوندن۔ (کہاوت) | ۹۸ |
| ۱۱۸ | کنڈیاں دامنڈھ، ہک ای ہوندے۔ (کہاوت) | ۹۹ |
| ۱۱۹ | کھوتیاں کدوں کڑاہیاں کھادئیاں۔ (کہاوت) | ۱۰۰ |
| ۱۲۰ | گنجے داپتر گنجانہ ہویاتے تہدری ضرور ہوسی۔ (کہاوت) | ۱۰۰ |
| ۱۲۱ | گنجے دے نونھ، سرادی شامت۔ (کہاوت) | ۱۰۱ |
| ۱۲۲ | لانداہر کوئی اے، نبھاندا کوئی کوئی اے۔ (کہاوت) | ۱۰۲ |
| ۱۲۳ | لسے جنے دی رن، جنے کھنے دی پہابی۔ (کہاوت) | ۱۰۲ |
| ۱۲۴ | لکھ ٹکاہرائیے، پریت نہ گنوائیے۔ (کہاوت) | ۱۰۳ |
| ۱۲۵ | لکھ گمے، ساکھ نہ گمے۔ (کہاوت) | ۱۰۴ |
| ۱۲۶ | ما جتنا اگار دیاے، اتنا مار دی نینھ۔ (کہاوت) | ۱۰۴ |
| ۱۲۷ | ما ماردی اے، مارنے نینھ دیندی۔ (کہاوت) | ۱۰۵ |
| ۱۲۸ | مانگواں گہننا؛ جگ دامہننا۔ (کہاوت) | ۱۰۶ |
| ۱۲۹ | ماواں؛ ٹھنڈئیاں چھاواں۔ (کہاوت) | ۱۰۷ |
| ۱۳۰ | مچھ نینھ، تے کچھ نینھ۔ (کہاوت) | ۱۰۷ |
| ۱۳۱ | مکھی، گنداتے ای بیٹھدی اے۔ (کہاوت) | ۱۰۸ |

| | | |
|---|---|---|
| ۱۳۲ | مناں دے کہاٹے، سیراں نال پورے نینھ ہوندے۔ (کہاوت) | ۱۰۹ |
| ۱۳۳ | مونھ پھیڑا ہووے تے گل پھیڑی نینھ کرنی چاہی دی۔ (کہاوت) | ۱۱۰ |
| ۱۳۴ | مونھوں نکلی، ملخو نکلی۔ (کہاوت) | ۱۱۱ |
| ۱۳۵ | نیڑے دا پیر، لوہکا ہوندے۔ (کہاوت) | ۱۱۱ |
| ۱۳۶ | ہتھے آں ہتھ، سیانڑ دے۔ (کہاوت) | ۱۱۳ |
| ۱۳۷ | ہچھا کون؟ میں آپ۔ (کہاوت) | ۱۱۳ |
| ۱۳۸ | ہسدا بندہ تھوکے باز ہوندے۔ (کہاوت) | ۱۱۴ |
| ۱۳۹ | ہسیا تے پھسیا۔ (کہاوت) | ۱۱۵ |
| ۱۴۰ | ویخ اللہ دے کم، کھوتے کھاون ام۔ (کہاوت) | ۱۱۵ |
| ۱۴۱ | یا روزی، یا نصیب۔ (کہاوت) | ۱۱۶ |
| ۱۴۲ | یار اوہ جڑھا اوکھے ویلے کم آوے۔ (کہاوت) | ۱۱۷ |
| ۱۴۳ | یاراں دیاں گلاں، پھلا ہی دیئاں ہلاں۔ (کہاوت) | ۱۱۷ |
| ۱۴۴ | یاراں نال بہاراں۔ (کہاوت) | ۱۱۸ |
| ۱۴۵ | یاری اے کہ چھولیاں دا بڈھ اے۔ (کہاوت) | ۱۱۹ |

# انجنيئر عبدالوهاب سهتي جا ڇپيل ڪتاب

- **ڪهاڻيون (ڇپيل)**

١. هراس — آڪٽوبر ١٩٨٩ع
٢. جڏهن بت ئي ڇوي ڪافر — نومبر ١٩٩٢ع
٣. هٽ جي وڍي — ١٩٩٩ع

- **ٻاراڻا ۽ ٻاراڻيون/ ورجيسون (ڇپيل)**

١. ننڍڙي روپ وارا، ٻاراڻيون ۽ ٻاراڻا — اپريل ٢٠٠٢ع
٢. ورجيسون: پسمنظر ۽ ڪارج — نومبر ٢٠٠٣ع
٣. موزون آڪاڻين تي مشتمل ٻاراڻا ۽ ٻاراڻيون — آگسٽ ٢٠٠٤ع
٤. اترادي ٻاراڻا ۽ ٻاراڻيون — مارچ ٢٠٠٦ع
٥. گل شڪر (نئين سر لکيل) — مارچ ٢٠١١ع
٦. ٻاراڻن ۽ ٻاراڻين بابت تنقيدي مضمون (ترتيب) — جولاءِ ٢٠١٥ع
٧. لاڙي ٻاراڻا ۽ ٻاراڻيون — سيپٽمبر ٢٠١٥ع
٨. ڳوناٽو ڳُٽ (نئين سر لکيل) — ڊسمبر ٢٠١٥ع
٩. ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل ٻاراڻا ۽ ٻاراڻيون — جُون ٢٠١٦ع
١٠. طبي ٻاراڻا ۽ ٻاراڻيون — ڊسمبر ٢٠١٦ع
١١. چوندِ سنڌي ٻاراڻيون (ترتيب ۽ تدوين) — فيبروري ٢٠١٧ع
١٢. ٿري ٻاراڻا ۽ ٻاراڻيون — اپريل ٢٠١٧ع
١٣. ٻاراڻن ۽ ٻاراڻين بابت مقالا ۽ مضمون (ترتيب) — آگسٽ ٢٠١٧ع
١٤. گهاگهر منجهہ ساگر — جنوري ٢٠١٨ع

- **تاليف ۽ ترتيب**

١. عبدالڪريم گدائي: روايت ۽ بغاوت جو شاعر. — جنوري ٢٠٠٦ع
٢. تنقيدون ۽ تجزيا- پروفيسر نذير احمد سومرو — جنوري ٢٠١٣ع
٣. موهيو مون کي جن- پروفيسر نذير احمد سومرو — مئي ٢٠١٥ع
٤. جيڪب آبادي صاحب ڪتاب ۽ سندن ڪتاب — ڇپائيءَ هيٺ

- **ٻاراڻا ۽ ٻاراڻيون (اڻ ڇپيل)**

١. ٻاراڻين ۽ ٻاراڻن تي مشتمل مضمون — ڇپائيءَ هيٺ
٢. نصيحت آموز آڪاڻين وارا ٻاراڻا ۽ ٻاراڻيون — س ل ا وٽ
٣. تاريخي واقعن منجهان نڪتل ٻاراڻيون ۽ ٻاراڻا — ڇپائيءَ هيٺ

# ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر پاران ڇپرايل ڪتاب


۱. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا ........................................ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (ختم)
۲. ماڻهو ۽ ماڻهپو ................................................ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (ختم)
۳. آبشار ............................ جبران خليل جبران/انجنيئر شفقت حسين وڌو (ختم)
۴. يادون ۽ سُڪونُ ................................................ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (ختم)
۵. ٻوليءَ جو ٻڻ ..................................................... ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (ختم)
٦. سائنسي ڄاڻ ....................................................... اجمل هديٰ پيٽو (ختم)
۷. ڪامياب زندگي ڪيئن گذارجي؟ ............................ شفقت حسين وڌو (ختم)
۸. سنڌي ٻولي: لفظ، لغت ۽ لکيت ........................... ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (-/۵۰)
۹. رانديڪو ........................................................................ ملهار سنڌي (ختم)
۱۰. ٻہ ٽي جام پيئڻ کان پوءِ ........................ عمر خيام/ شفقت حسين وڌو (ختم)
۱۱. گريٽر ٿل ڪئنال ۽ ڪالا باغ ڊيم ..................... محمد ادريس راجپوت (ختم)
۱۲. شعور .............................................................. ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (ختم)
۱۳. شام جي هوا ........................................................ رياضت ٻرڙو (ختم)
۱۴. هوا ۾ ٻرياسين ...................................................... بيخود بلوچ (ختم)
۱۵. تقريرون ............................................................... غلام علي چنہ (ختم)
۱٦. موسيٰ کان مارکس تائين ............. سِبطِ حسن/ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (-/۱۰۰)
۱۷. پنج ڏينهن ......................................... سعادت حسن منٽو/رضوان گل (ختم)
۱۸. وکر ڏارو ڏار ........................................................ غلام علي چنہ (ختم)
۱۹. ڪونج .................................................................. غلام علي چنہ (ختم)
۲۰. ديوانِ رياضت ......................................................... رياضت ٻرڙو (-/٦۰)
۲۱. تحفو ....................................................................... حسن علي هڪڙو (-/۴۰)
۲۲. جيون تنهنجي نانءُ ............................................ وفا اسلم شيخ (-/۵۰)
۲۳. ساحل ۽ سمنڊ ............... جبران خليل جبران/پروفيسر عطاءُ الله ابڙو (-/۴۰)
۲۴. سنڌ: حڪمران، ايم ڪيو ايم ۽ سنڌي عوام .... ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (-/۹۰)
۲۵. قنبر: هڪ اڀياس ........................ ايڊيٽر ۽ سهيڙيندڙ: رياضت ٻرڙو (ختم)
۲٦. قنبر تعلقو: مختصر ڄاڻ سڃاڻ ......... مرتب: دين محمد ڪلهوڙو (ختم)
۲۷. گرهن جي ڪوجنا .............................. جيڪئلن مٽن/ جاويد حسين وڌو (ختم)

٢٨. ٻول جو ٻڻ .......................................... ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (-/١٠٠)
٢٩. ڳولا ............................. ٽيلر ڪالڊويل/ شفقت حسين وڏو (-/٨٠)
٣٠. چانڊوٽا چمڪن ........................... مرتب: رياضت ٻرڙو (ختم)
٣١. سڄڻ ماڪيءَ ميٺ ..................................... اسد چاچڙ (-/٤٠)
٣٢. ڌرتي: منهنجو گھر ................................. ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (-/٤٠)
٣٣. آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي .......... ايم ايچ پنهور/ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (-/١٢٠)
٣٤. فلسفو: هڪ مطالعو ................................ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (-/١٠٠)
٣٥. ضميري پڇاڙيون ...................................... ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (-/١٠٠)
٣٦. سنڌي ٻوليءَ جون حسناڪيون ........................ ڊاڪٽر بشير احمد شاد (-/١٢٠)
٣٧. پيرل قنبر ............................................ ڪوڙل قربدار (-/١٦٠)
٣٨. اهنجي ڌرتي ........................................ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (-/١٣٠)
٣٩. ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (شخصيت، فڪر ۽ فن) .............. رياضت ٻرڙو (-/٢٠٠)
٤٠. ابتدائي سائنس (ٽئين درجي لاءِ) ........................ جاويد حسين وڏو (ختم)
٤١. ابتدائي سائنس (چوٿين درجي لاءِ) ...................... جاويد حسين وڏو (ختم)
٤٢. ابتدائي سائنس (پنجين درجي لاءِ) ...................... جاويد حسين وڏو (ختم)
٤٣. فطرت، سائنس ۽ سماج ............................. ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (-/١٥٠)
٤٤. پهاڪن ۽ چوڻين بابت تنقيدي مقالا ....... انجنيئر عبدالوهاب سهتو (-/١٢٠)
٤٥. لاڙي پهاڪا ۽ چوڻيون ............................ انجنيئر عبدالوهاب سهتو (-/١٢٠)
٤٦. ڳوناٽو ڳُٽڙ ........... چاچي لال ڏي آهوجا ۽ انجنيئر عبدالوهاب سهتو (-/١٤٠)
٤٧. محبت جا خط ........................................ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (-/٢٠٠)
٤٨. ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون...انجنيئر عبدالوهاب سهتو (-/١٥٠)
٤٩. طبي پهاڪا ۽ چوڻيون ............................. انجنيئر عبدالوهاب سهتو (-/١٢٠)
٥٠. معلوماتي مالها ................... واحد بخش ٽونيه ۽ عابد حسين ٽونيه (-/٢٠٠)
٥١. چونڊ سنڌي چوڻيون ... ڪيرت مهرچنداڻي ۽ انجنيئر عبدالوهاب سهتو (-/١٤٠)
٥٢. معلوماتي مالها (ٻيو ڇاپو) ....... واحد بخش ٽونيه ۽ عابد حسين ٽونيه (-/٢٢٠)
٥٣. ٽري پهاڪا ۽ چوڻيون ............................. انجنيئر عبدالوهاب سهتو (-/٦٠٠)
٥٤. محبت جن جي من ......................... ترتيب ۽ تدوين: رياضت ٻرڙو (-/٤٠٠)
٥٥. ڌرتي: منهنجو گھر (ٻيو ڇاپو) .......................... ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (-/١٠٠)
٥٦. اڪيئن ڏنم جو ..................................................... عاشق منگي (-/١٤٠)
٥٧. گھاگھر منجھہ ساگر ....................................... انجنيئر عبدالوهاب سهتو (-/١٥٠)


***



عبدالوھاب سھتو مسلسل قلمي پورھيي واري ڪرت سان جُڙيل رھيو آھي. ھن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ پھاڪن، چوڻين ۽ ورجيسن تي منفرد نوعيت جو ڪم ڪتابي صورت ۾ پڌرو ٿيندو رھي ٿو، پر سندس ھيءَ ڪتاب ”گھاگھر منجھہ ساگر“ اڳ آيل مڙني ڪتابن کان مختلف ۽ ڌيان ڇڪائيندڙ ان ڪري بہ آھي، جو ھيءَ ڪتاب ’ھندڪو‘ ٻوليءَ جي پھاڪن ۽ چوڻين تي مشتمل آھي، جن کي نيٺ سنڌي ٻوليءَ ۾ سھڻيءَ ريت سمجھايو ويو آھي. ھندڪو خيبرپختونخوا، پنجاب ۽ آزاد ڪشمير جي علائقن ۾ ڳالھائي ويندڙ ٻولي آھي جنھن جي پھاڪن ۽ چوڻين کي سنڌيءَ جو ويس پارائي سندن ٻوليءَ، ريتن رسمن ۽ سماجي روين کي جھڙيءَ ريت سھتي صاحب ھن ڪتاب ۾ پيش ڪيو آھي، اھو نھايت ئي دلچسپ ۽ ڄاڻ جي ڪاڻ ۾ اضافو ڪندڙ آھي.

عبدالوھاب سھتي جون ڪھاڻيون پڻ تمام گھڻي اھميت واريون آھن، پر ھن وقت سندس سڃاڻپ جو اھم حوالو چوڻين ۽ پھاڪن تي ڪيل سندس علمي پورھيو آھي، جنھن کي تاريخ ۾ ھميشہ ياد ڪيو ويندو.

ھڪ تخليقڪار پنھنجي لکڻين ۾ آزاد ھوندو آھي، پر جڏھن ھي ٻوليءَ مان پھاڪا ۽ چوڻيون پنھنجي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪجن ٿا، تہ اھو انتھائي ذميواري ۽ محنت وارو ڪم بڻجي پوي ٿو . عبدالوھاب سھتي اھڙي ڪم کي نھايت ئي خوبصورتيءَ سان ھن ڪتاب ۾ سرانجام ڏنو آھي، جنھن لاءِ ڪيس واڌايون پيش ڪيان ٿو.

رضوان گل